شريمد ڀڳونت گيتا

سندر شيوا منڊلي ڪوٽڙي فون نمبر ٥٠٤٣٩

سورهه سنڌي ادب

Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي، تون لوچو وهه لوهار

صاحب خان ”سورهه“ ميرائي

Cell No: 0344 3919786
0300 3404488

اصل وڏي | سوڌيل

شريمد ڀڳونت گيتا

١٨ ادياءَ پورا

مهاتم، ڦل، ڀرارٿنا، آستتي، ڀڳوان جا ١٠٨ نالا
آرتي ۽ ست سلوڪي گيتا تصويرن سميت

سال 1987

ڀيٽا 18-00

سري ١٠٨ سوامي ٽڪوگرمکداس سنتوکداس آداسي
سندر شيوا منڊلي
سبزي مارڪيٽ ڪوٽڙي ضلع دادو سنڌ
فون: ٣٩،٥٠

شري گڻيشاءِ نمه

اوم نمو ڀڳونتي واسديوايہ

پرارٿنا

تو ميو ماتا چہ پتا تو ميو
تو ميو ٻنڌو سچا سکا تو ميو
تو ميو وديا دروڻم تو ميو
تو ميو سرو مم ديو ديو

پرارٿنا جو ارٿ

تون ئي ماتا ۽ پتا بہ تون ئي آهين،
تون ئي مت مائٽ ۽ دوست بہ تون
تون ئي آهين.
تون ئي وديا ۽ ناڻو آهين،
هي ڏيون جا ديو! منهنجو سڀ ڪجھ
تون ئي آهين.

شريمد ڀڳوت گيتا

گيتا ڇو رچي ويئي آهي؟

گيتا

(گ - يہ - تہ - ا)

يعني

تياڳ

ڀڳوت گيتا يعني ڀڳوان جو گيت

گيتا جو آرنڀ (شروعات)

مهاڀارت جي يڌ ۾ گيتا گيان

اڄ کان پنج هزار ورهيہ اڳ جي ڳالهہ آهي تہ ڀارت ورش تي چندربنسي گهراڻي جو راجا شانتنو راڄ ڪندو هو سندس راڄڌاني دهليءَ جي ڀرسان هستناپور ۾ هئي، راجا شانتنوءَ کي ٽي پٽ هئا. (۱) ڀيشم پتامهہ (۲) چترانگد (۳) وچتر ويرہ. تخت جو حقي وارث ڀيشم پتامهہ هو پر هن پنهنجي پتا جي خواهش پوري ڪرڻ لاءِ تخت تان هٿ ڪنيو. راجا هڪ مهاڻي جي ڪنيا ستيہ وتيءَ سان شادي ڪئي انهيءَ شرط تي تہ سندس مٿي پڄاڻا ستيہ وتيءَ جي اولاد تخت تي ويهندو. تنهڪ راجا جي مرڻ بعد ستيہ وتيءَ مان پيدا ٿيل پٽ سندس تخت تي ويٺو هو پر جلد ئي جنگ ۾ مارجي جنهن بعد وچتر ويہر تخت تي ويٺو ڪيس، ٽي پٽ هئا.

Soorih Mirani

(١) ڌرتراشٽر (٢) پانڊو (٣) ودر. ڌرتراشٽر ڄائي ڄم کان انڌو هو، ودر داسيءَ مان ڄائو هو تنهڪري پانڊوءَ کي تخت تي ويهاريو ويو پر نيٺ هو به دنيا مان ڪٽو ٿي بن ۾ هليو ويو. پانڊوءَ کي پنج پٽ هئا. (١) يڌشٽر (٢) ڀيم (٣) ارجن (٤) نڪل (٥) سهديو. پانڊوءَ جو هڪڙو به پاڻ هو جنهن جو نالو ڪرڻ هو. جنهن کي سندس ماءُ ڪنتيءَ درياهه ۾ لوڙهائي ڇڏيو هو. هوڏانهن پانڊوءَ جي بن ۾ وڃڻ بعد ڌرتراشٽر تخت تي ويٺو، سندس راڻيءَ جو نالو ديو گنڌاري هو. کيس هڪ سو پٽ هئا جي ڪورو سڏجڻ لڳا، وڏي ۾ وڏو دريوڌن هو. پانڊو ۽ ڪورو گڏجي هڪڙي ئي گروءَ دروناچارجيءَ وٽ شستر وديا سکندا هئا، وقت گذرندو ويو. پانڊون پنهنجي ٻل ۽ ٻڌيءَ جي زور تي راڄ وڌايو جا ڳالهه ڪورن کي نه وڻي ۽ انهن ۾ حسد جاڳيو، پوءِ ڪورن لاک ۽ چرٻي جو محلات ٺهرايو ۽ پانڊون کي دوکي سان ان محلات ۾ گهرائي رهايو. رات جو محلات کي باهه ڏني ويئي، پر هو بچي ويا. جنهن بعد دروپدي جو سويمبر ٿيو. پانڊو برهمڻ جي ويس ۾ راڄ دربار ۾ آيا جتي دريوڌن، ڪرڻ ۽ ٻيا جوڌا به ويٺا هئا. آخر ارجن کٽيو ۽ دروپديءَ جي شادي ارجن سان ٿي ۽ ڪورو ڪارڻ ۾ واپس موٽيا. پوءِ پانڊو بن مايا نالي انجنير جي صلاح سان هڪ سوهڻيڪ محلات جوڙايو جنهن جي مهورت

وقت پنهنجن سوٽن کي به گهرايو، ان محلات اندر
هڪ اها خڏ رکي وئي هئي جو جتي فرش لڳل
هو اتي پاڻيءَ جو تلاءُ ڏسڻ ۾ ٿي آيو ۽ ڪورو اڇل
شرط ڏاڍيءَ منجهه پيا. تنهن تي دروپدي جي واتان نڪري
ويو ته انڌي جي اولاد به انڌي.

بس پوءِ ته سڀئي ڳالهيون ڪري ڪورن کي ايتري
ته ڪاوڙ لڳي جو هنن پانڊون کي هميشه لاءِ ختم
ڪرڻ ٿي چاهيو. پوءِ خاني خراب جوئا جي رٿ رٿي
وئي، جنهن ۾ پانڊو پنهنجو راڄ دروپديءَ سميت هارايو
هٿي ڪورو دروپديءَ کان وير وٺڻ لاءِ راڄ دربار ۾
کيس ننگو ڪرڻ جو حڪم ڪيو. پر جنهن جو راکو
ٿي ڀڳوان تنهنجو ڪير وار ونگو ڪري سگهي. دروپدي
جي پڪارڻ تي ڀڳوان کيس ساڙهين سان ڍڪي ڇڏيو.
آخر پانڊون کي ١٢ سال بن پوڳڻو پيو. ۽ تيرهون
سال لڪل رهڻو پيو. ١٣ سال پوري ٿيڻ بعد جڏهن
پانڊون راڄ گهريو ته کين صاف جواب ڏنو ويو. آخر
هنن پنج ڳوٺ گهريا، جن کان به کين جواب ڏنو
ويو. تڏهن لاچار ٿي پانڊون جنگ جون تياريون ڪيون،
تڏهن به پانڊون وري ڪرشن ڀڳوان کي جنگ ٽارڻ لاءِ
موڪليو. ڀڳوان راڄ دربار ۾ پهچي ڪورون کي گهڻو
ٿي سمجهايو ته انجام ڪيو هو ته ١٣ سالن بعد راڄ
ڪڏي واپس ڪبي پر ڪورون صاف جواب ڏنو. نيٺ
ڪو ٻيو رستو نه ڏسي جنگ جو اعلان ڪيو ويو.
پانڊون ۽ ڪورون جي ٻڌ امبالي پرسان ڪروڪيتر جي

Soorih Mirani

ميدان تي ڪتيءَ (آڪٽوبر نومبر) واري مهني ۾ گيارس جي ڏينهن سج اڀرڻ وقت شروع ٿي ڪورون جي طرف ١١ ڪوهيون ۽ پانڊون جي طرف ٧ ڪوهون لشڪر ڪٺو ٿيو. ٻنهي طرفن ١٨ سپهه سالار هئا. جملي ٥٠ لک لشڪر هو. ڀڳوان ڪرشن پانڊون جو طرف ورتو ۽ پاڻ رٿ جو سوار بڻجي ارجن کي آلي جنگ جي ميدان تي ڪڙو ڪيو. جڏهن جي ميدان تي ارجن پنهنجا ويجها عزيز، مٽ مائٽ، راڄائون، گرو، پڦار، ماما وغيره ڏٺي دکي ٿي ڀڳوان کي چوڻ لڳو ته هي ڀڳوان مان جنگ نه ڪندس. ڀڳوان ارجن کي موهه ۾ وياڪل ڏسي کيس اپديش ڏيڻ لڳو ته آتما امر آهي ۽ شرير ناسونت آهي. کتري ڌرم جو تنهنجو آهي سو ازخود تو کان جنگ ڪرائيندو تون جو چئين ٿو ته مان جنگ نه ڪندس سو اهو تنهنجو چوڻ اجايو آهي، تون فقط منهنجي شرڻ ۾ اچ ۽ نشڪام ٿي ڪرم ڪر. ڀڳوان پوءِ کيس وراٽ روپ ڏيکاري اتساهه ڏياريو ۽ گيتا جو گيان سمجهائي سندس موهه ناس ڪيو جنهن کان پوءِ ارجن چوڻ لڳو ته ڀڳوان هاڻي مان جنگ ڪندس ۽ منهنجو موهه دور ٿيو. گيتا جو نت هن موهه تي ٿي پڌل آهي. گيتا جو جنم سڀ ڌرمن ۾ رڪاوٽ وجهندڙ موهه کي دور ڪرڻ لاءِ ٿيو آهي. موهه ناس ڪرڻ ۽ تياڳ سکڻ ئي ان جو مقصد آهي.

لوڪن جي موهه روپي انڌڪار کي دور ڪرڻ لاءِ ئي هيءَ گيتا روپي جوت جڳائي ويئي آهي.

سري گيتا جو پهريون اڌياءُ

(ارجن جو دک يوگ)

ڌرتراشٽر چيو ته هي سنجيه! ڌرم جي کيتر ڪرڪيتر ۾ جنگ جي اڇا سان گڏ ٿيل منهنجي پٽن ۽ پانڊون ڇا ڪيو؟

سنجيه چوڻ لڳو ته:

هي راجن! توهان جو پٽ جيڪو آهي دريوڌن، تنهن پانڊون جي سينا ڏٺي. پانڊون جي سينا کڙي آهي جنهن جي ناهه توهه تمام چڱي پرڪار آهي. سو هي راجن! توهانجو پٽ اهڙا جوڙ جڪ ڏسي پنهنجي

گرديو دروڻاچاريه وٽ هٿ ٻڌي وينتي ڪري چوڻ لڳو ته هي سوامي! ڏسو ته سهي ته پانڊون جي سينا ڪهڙي نه چڱي ريت سان پنڪت ٻڌي بيٺي آهي ۽ دروپديءَ جو پٽ درشٽ دمن جيڪو آهي سو توهان جو شش آهي سو ڪهڙو نه ٻڌوان آهي. هي سوامي پانڊون جي سينا جي جوڙجڪ ڏسي مون کي ته اچرج وٺي ويو آهي. هي سوامي پانڊون جي سينا ۾ جيڪي مکيه يوڌا آهن انهن جا نالا ٻڌو ته ڪهڙا ڪهڙا آهن؟ هن سينا ۾ وڏي ڌنش ڪٺڻ وارو ارجن، ڀيمسين، راجا ججڌان، راجا وراٽ، راجا دروپد، مهارٿي درشٽ ڪيت چيڪتان، وڏي ٻل وارو ڪاشيءَ جو راجا پرجت ڪنتي ڀوج، منش ۾ اتم سوڀيه يوڌا منيو ۽ وڏي ٻل وارو اتموج سيدرا جو پٽ ابهمنيو ۽ دروپد جا سڀ پٽ مهارٿي آهن.

هاڻي دريوڌن پنهنجيءَ سينا جا مکيه يوڌا دروڻاچاريه کي ٻڌائي ٿو. هي سيني برهمڻن ۾ اتم دورڻاچاريه ڀهرٻائين ڌوهين، ڀيشم، ڪرڻ ڪرپاچاريه، اشوسياما وڪرڻ، سومدت جو پتر ۽ پيا به گهڻا يوڌا آهن. اهي ڪهڙا آهن جن پنهنجي لاءِ شرير ڪشٽ ۾ وڌو آهي ۽ گهڻن پرڪارن جي هٿيارن ڪٺڻ وارا آهن ۽ يڌ ڪرڻ لاءِ ڏاڍا ٻلوان آهن ۽ منهنجي سينا تمام گهڻي ٻارهن ڪوٽيون آهن ۽ پانڊو جي سينا ٿوري ست ڪوٽيون آهن ۽ اسان جي سينا جو رکيا ڪندڙ ڀيشم آهي ۽ پانڊون جي سينا جو رکيا ڪندڙ ڀيمسين آهي.

هاڻي ڏريوڌن پنهنجي سينا کي ٿو چوي تہ منهنجي پياري سينا! توهان سڀ ڀيشم جو حڪم مڃي ان جي رکيا ڪريو. ساريءَ سينا جا لوڪ اهي وچن ٻڌي ڏريوڌن کي خوش ڪرڻ لاءِ سنکہ وڄائڻ لڳا. ساريءَ سينا ۾ وڏو جو ڀيشم آهي تنهن پنهنجو پرتاب وارو سنکہ وڄايو ۽ شينهن وانگر گجگار ڪرڻ لڳو. تنهن کان پوءِ ان جي پٺيان سڀني سنکہ وڄايو ۽ نوبت نغارا گوسکہ باجا ۽ بگل وڄائڻ لڳا.

هاڻي پانڊون جي ٻاجن ۽ سنکن جو وستار ٻڌو. ڀهرپائين تہ سري ڪرشن ڀڳوان رٿ تي ويٺو آهي ان رٿ جي شوڀا ڪهڙي آهي جو ننهي لوڪن ۾ اُتم آهي ۽ ساري رٿ جو سامان سونو آهي ۽ گهڻن پرڪارن جا هيرا موتي ۽ جواهر جڙيل اٿس. جهڙيءَ ريت برسات جي سند ۾ ٻادلن جو آواز ٿيندو آهي تهڙيءَ ريت ان رٿ جي ڦيٿن جو آواز آهي. اهڙو تہ ارجن جو رٿ آهي جنهن تي شري ڪرشن ڀڳوان براجمان آهي ۽ گهوڙن جي سوڀا ڪهڙي آهي جهڙوڪ گئوءَ جو کير اهڙو تہ گهوڙن جو رنگ آهي. جهڙو ڀڻ جو گل نرڙيل هوندو آهي تهڙو تہ گهوڙن جو منهن آهي ۽ تمام سندر آهي جن جي ڳچي ۽ ڪن تمام سهڻا اٿن ۽ پڇ بہ سهڻو اٿن ۽ پٺ جي ڏاگهي ۾ سون جا گهنگهرو پوتل ڳچيءَ ۾ پيل اٿن ۽ ٻرن ۾ سون جا نورا پيل اٿن اها تہ گهوڙن جي شوڀا آهي.

اهڙي سندر رٿ تي ٻيٺ وچل سري ڪرشن ڀڳوان وِشنو آهي ۽ وڏي ڀل وارو ارجن رشي ڪيش جو سري ڪرشن ڀڳوان تنهن پانچيه جنيه نالي سنک وڄايو، ديو دت نالي سنک ارجن وڄايو ۽ پونڊر نالي سنک ڀيمسين وڄايو. سو ڀيمسين ڪهڙو آهي جنهن جو پيٽ تمام وڏو آهي ۽ سندس ڪرم به تمام وڏا آهن ۽ اننت وجيه نالي سنک ڪنتيءَ جو پٽ راجا يڌشٽر آهي تنهن وڄايو ۽ سگهوڪ نالي سنک نڪل وڄايو ۽ مڻي پهپ نالي سنک سهديو وڄايو ۽ وڏي ڌنش ڌارڻ ڪرڻ واري ڪاشيءَ جي راجا به سنک وڄايو. مهارٿي شکنڊيءَ به سنک وڄايو ۽ راجا وراٽ به وڄايو ۽ اجيت جو ڪنهن کان به جيتيو نه وڃي اهڙو جو ساتيڪو جادو آهي تنهن به پنهنجو سنک وڄايو ۽ راجا دروپد به وڄايو ۽ ٻيا جيترا به پانڊون جي سينا جا راجا هئا تن سڀني پنهنجا پنهنجا سنک وڄايا ۽ وڏين ٻانهن وارو جو سيدار جو پٽ ابهمنيو آهي تنهن به پنهنجو سنک وڄايو ۽ انهن سنکن جو آواز ڌرتراشٽر جي پٽن ڪورون جا هردا ڦاڙڻ لڳا ۽ سنکن جي آواز کان زمين ۽ آڪاش هڪ ٿي ويا. انهيءَ کان پوءِ ڌرتراشٽر جي پٽن جي سينا ارجن ڏٺي. جڏهن ٻنهي سينائن پاڻ ۾ پاڻ هٿيار شروع ڪيا تڏهن ارجن پنهنجو ڌنش کڻي يڌ ڪرڻ کان اڳ سري ڪرشن ڀڳوان کي چوڻ لڳو ته هي آچيتا منهنجو رٿ ڪريا ڪري ٻنهي سينائن جي وچ ۾ وٺي هل ته مان ڏسان ته مون سان يڌ ڪرڻ

لاءِ ڪير ڪير آيا آهن؟ جي پنهنجن پراڻن ۽ ڌن کي تياڳي آيا آهن تن کي مان جاچي ڏسان.

سنجيه چوڻ لڳو: هي ڌرتراشٽر! جڏهن ارجن ائين وچن سري ڪرشن ڀڳوان کي چيا تڏهن سري ڪرشن ڀڳوان ارجن جو رٿ ٻنهي سينائن جي وچ ۾ آڻي بيهاريو.

سري ڪرشن ڀڳوان ارجن کي چيو ته هي ارجن! مون تنهنجو رٿ ٻنهي سينائن جي وچ ۾ آڻي بيهاريو آهي هاڻي اٿي تون انهن کي ڏس. ارجن اٿي ڏسڻ لڳو ته ڇا ڇا ڏٺائين؟ پيتا، ماما، گرو، ڀائر، پٽ، پوٽا ۽ سهرا. سڀ سانت سڀ پنهنجا ڏٺائين. هنن کي ڏسي ارجن کي ڏاڍي ديا آئي ۽ ڏک ۾ ڀرجي سري ڪرشن ڀڳوان کي چوڻ لڳو، هي سري ڪرشن ڀڳوان! هن سينا ۾ مون کي ورڳو سڀ پنهنجوئي ڪٽنب ٿو ڏسڻ ۾ اچي. هنن کي ڏسي مون کي ڏاڍو ڏک ٿيو آهي ۽ منهنجو سرير ڏاڍو وياڪل ٿي پيو آهي ۽ هٿن مان گانڊيو ڌنش ڀڄي ڪري پيو آهي ۽ منهنجو اندر پيو سڙي ۽ مان بيهي نٿو سگهان. هي ڪيشوا! مان سڳڻ به خراب پيو ڏسان ۽ مان پنهنجي جنم به انهيءَ ۾ نٿو ڏسان. هي ڪيشوا! پنهنجي ڪٽنب مان يڌ ڪرڻ ۾ مون کي ڪوئي لاڀ ڪونه ٿيندو. مان پنهنجي ڪٽنب کي ماري راڄ ڪريان سو هي ڪيشوا! مون کي راڄ جي ڪامنا ڪانهي. هي گوبندا! راڄ ڪهڙي ڪم جو آهي؟ جنهن سک لاءِ راڄ وٺجي ته ڪٽنب

جا ماڻهو مک ٿائن. ڪٽنب جا ماڻهو ماري راڄ
ڪريان؟ هي جي ڪٽنب جا ماڻهو يڌ ڪرڻ لاءِ آيا
آهن سي ڪير آهن؟ گرو، پتا، پٽ پوٽا، سهرو، سالا ۽
مٽ مائٽ. هي مڌسودن! انهن جي مارڻ جي مون کي
اڇا ڪانهي ؛ انهن تي مون کي ديا ٿي اچي. هي ٽنهي
لوڪن جا سوامي! جڏهن انهن جي مارڻ ڪري مون کي
ٽنهي لوڪن جو ڪٿي راڄ به ملي تڏهن به مان هنن کي
نه ماريندس، سو هي ڌرتيءَ جو راڄ آهي. هي جناردن!
ڌرتراشٽر جي پٽن کي مارڻ مان مون کي ڪوئي لاڀ
ڪونه ٿيندو الٽندو انهن جي مارڻ ڪري مون کي
پاپ لڳندو. توڙي هو وڏا پاپي آهن، تڏهن به هنن کي
مارڻ نه گهرجي. هي يڳران! هو سڀ پوڄا ڪرڻ جو
يوڳ آهن، هنن کي مان ڪڏهن به نه ماريندس. هي
مادوا! انهن ڪٽنبي لوڪن کي مارڻ مان مون کي ڪهڙو
سک پراپت ٿيندو؟ ٿوري راڄ جي لالچ ڪري انهن
جي ٻڌي اندي ٿي پئي آهي. هي ڌرتراشٽر جا پٽ!
جيڪو ڪل جي ناس ڪرڻ مان ڏک پراپت ٿئي ٿو،
تنهن کي هي راڄ جي لوڀ ڪري نٿا سمجهن، پر مان
نه انهيءَ ڏک کي سمجهان ٿو. ڪل جي ناس ڪرڻ ۾
جيڪو ڦل ملي ٿو، سو مان چوان ٿو هي جناردن!
ڪل جي ناس ٿيڻ ڪري ڪل جي اڳيان ڌرم جيڪي
هلندا ٿا اچن اهي به ناس ٿا ٿين. جڏهن ڪل جا ڌرم
ناس ٿيا تڏهن ساري ڪل ۾ اڌرم اچي پرويش ڪندو

۽ ڪل جون جيڪي استريون آهن اهي سڀ ودوانون
ٿي پونديون. پوءِ اهي ودوا استريون ٻين پرشن سان
سنگ ڪنديون. انهن مان ”ورن شنڪر“ سنتان پيدا
ٿيندي. انهن ورن شنڪر جي هٿ جو پنڊ ۽ جل پترن
کي نه پهچندو. پترن کي پنڊ ۽ جل نه پهچڻ ڪري
انهن جا پتر سرڳ مان ڪري نرڪ ۾ پون ٿا. انهيءَ
ڪري هي سري ڪرشن ڀڳوان! جنهن ڪل کي ناس
ڪيو تنهن جڻ مها پاپ ڪيو. سو اهو پاپ انهيءَ ٿي
آهي جو ڪل گهاتي ڪپٽ ٿو ڪري ۽ ڪل کي ناس
ٿو ڪري. وري انهن پاپن جو ڦل ڪهڙو ٿو پائي؟
پدائين نرڪ ڀوڳي ٿو. اهو سون نياءُ شاسترن ۾ لکيو
آهي. وري ارجن ٻڌائي ٿو. هٿ مهني چوي ٿو ته
هاءِ هاءِ! ڏسو ڀائي!! سون کي ڪهڙي نه پاپ لاءِ آدم
ڪرايو اٿن!!! راڄ جي سک لاءِ پنهنجي ڪل جو
ناس ٿي ڪيم. هاڻي مان پنهنجن هٿن سان پنهنجا هٿيار
ڦٽا ٿو ڪريان ۽ ڌرتراشٽر جي پٽن جي هٿن ۾ هٿيار
هوندا ۽ مان انهن جي سامهون ويندس ته سون کي ماريندا
۽ انهيءَ ۾ منهنجو جس ٿيندو.

سنجيه ڌرتراشٽر کي ٿو چوي ته هي راڄا! ارجن
اهي وچن چئي ڪري پنهنجو ڌنش ۽ بان ڦٽو ڪري
وچ رٿ ۾ ويهي رهيو. ”اث سري ڀڳونت گيتا سري
ڪرشن ارجن سنبادي پهريون اڌياءُ پورو ٿيو.“

—*—

پهرين اڌياءَ جو مهاتم

هڪ ڀيري جڏهن ڪيلاش پربت تي، مهاديو ۽ پاروتي جي پاڻ ۾ گيان وارتا شروع ٿي تڏهن پاروتيءَ سوال ڪيو ته هي مهاديو! ٿوهان پنهنجي اندر ڪري پنهنجي من ۾ ڪهڙي گيان ڪري پوتر آهيو؟ جنهن گيان جي ٻل ڪري سنسار جا لوڪ توهان کي شو جي ڪري ٿا پوڄين. توهان جا ڪرم ته هي ڏسڻ ۾ ٿا اچن جو سرگهه شالا پهريو ٿا، ٻت تي مساڻ جي رک لايو ٿا ۽ ڪڇيءَ ۾ مردن جي مسين جي مالها پايو ٿا، انهن ۾ ته هي سوامي! ڪوئي ٻه گڻ پوتر ڪونهي. هي پربوا ڪرپا ڪري مون کي اهو گڻ ٻڌايو جنهن گيان ڪري توهان اندر ۾ پوتر آهيو.

تڏهن سري مهاديو چوڻ لڳو ته هي پاروتي! هاٿي ٻڌ. جنهن گيان ڪري مون کي پاعريان ڪرم لٿا وياين

اهو گيتا گيان آهي. انهيءَ گيان جو مان سدائين پنهنجي هردي ۾ ڌيان ڪندو آهيان. انهيءَ گيان ڪري مون کي ٻاهريان ڪرم نٿا لڳن.

پاروتي چوڻ لڳي ته هي ڀڳوان! جيڪڏهن گيتا جو گيان اهڙو آهي جنهن جي توهان ايتري اُستتي ڪريو ٿا، ته ڪرپا ڪري ٻڌايو ته انهيءَ گيان کي ٻڌي ڪوئي جيو مڪت به ٿيو آهي؟

تڏهن سري مهاديو چوڻ لڳو ته هي پاروتي! انهيءَ گيان کي ٻڌي گهڻائي جيو مڪتيءَ کي پراپت ٿيا آهن ۽ اڳتي به ٿيندا. توکي هاڻي اڳين ڪٿا ٻڌايان ٿو تون چت لائي ٻڌ.

سري مهاديو چوڻ لڳو ته هڪڙي سمي پاتال لوڪ ۾ شيش نانگ جي سيجا تي سري نارائڻ اکيون ٻوٽي پنهنجي آنند ۾ سمهيو پيو هو ۽ سري لڇميءَ سندس چرن ويٺي مليا. تنهن مهل سري لڇميءَ پڇيو ته هي مهاراج! توهان چوڏهن لوڪن جا سوامي آهيو. توهان کي به ننڊ پراپت ٿي آهي؟ ننڊ ۽ آلس انهن لوڪن کي پراپت ٿئي ٿو جيڪي تامسي آهن. توهان ته ٽنهي گڻن کان نيارا آهيو ۽ توهان ساري جڳت جا مالڪ آهيو، توهان جو اکيون ٻوٽي سمهي پيا آهيو انهي جو مون کي ڏاڍو اچرج آهي. سري نارائڻ ٿو چوي ته هي لڇمي! مون کي ننڊ جو آلس ڪونهي پر گيتا ۾ جو گيان آهي تنهن گيان ڪري مان سدائين آنند ۾ مگن

رهان ٿو ۽ اهو کهڙو گيان آهي جنهن اپديش ڪري
جيو سدائين آنند ۾ رهي ٿو. ڪوئي به ڪليش، دک ۽
آلس انهيءَ جيو کي پراپت ٿي نٿو سگهي، جيئن چوويهه
اوتار منهنجا آهن تيئن هي گيتا شبد روپي اوتار آهي،
انهيءَ گيتا ۾ منهنجا ڪهڙا انگ آهن سي ٻڌ: ”پنج
اڌياءَ منهنجو مک آهن، پنج اڌياءَ منهنجون ٻانهون آهن.
پنج اڌياءَ منهنجو آسڻ آهن، سورهون اڌياءَ منهنجو پيٽ
آهي. سترهون اڌياءَ منهنجون ٽنگرن آهن، ارڙهون اڌياءَ
منهنجا پير آهن.“ ۽ سڀ گيتا جا جيڪي سلوڪ آهن
سي منهنجون رڳون آهن ۽ جيڪي گيتا جا اکر آهن،
سي منهنجا وار آهن، اهڙي جا منهنجي شبد روپي گيتا
آهي تنهنجو ارٿ مان هردي ۾ ڌارڻ ڪريان ٿو ۽
ڏاڍي آنند ۾ مگن رهان ٿو. هي لڇمي! تون ڇا ٿي
سمجهين؟ تنهنجي من ۾ ائين هوندو ته مان جو ويٺي
پير مهٽيان تنهنڪري نارائڻ کي آنند ٿئي ٿو. هي لڇمي!
گيتا جو مهاتم ته پوءِ چوندس پر هاڻي سلوڪ ٿو چوان:

سلوڪ

”سڀني شاسترن ۾ گيتا، سڀني ديوتائن ۾ هري،
سڀني تيرٿن ۾ گنگا، سڀني ڌرمن ۾ ديا، من جاٽي پاپ
من ديهي جاٽي آپدا. گيتا جو ارٿ ڪرشن جاٽي، جيئن
ماتا جي خبر پتا کي پوي.“

”هه هه اکيون سڀ کي ودوان اکيون ني،
ست اکيون ڌرماتما، گياني اکيون انيڪ“.

هي لڇمي! هاڻي ٻھرين اڏياءَ جو مهاتم ٻڌ.

شو جي پاروتيءَ کي ٻڌائي ٿو ۽ نارائڻ لڇميءَ کي ٻڌائي ٿو ته هي لڇمي! شودر ذات جو هڪ پراڻي هو. اهو سدائين چنڊال سان سنگت ڪندو هو. تيل ۽ لوڻ جو واپار ڪندو هو. انهيءَ هڪڙي ٻڪري پالي. هڪڙي ڏينهن ٻڪريءَ کي جهنگ ۾ چارڻ لاءِ وٺي ويو ۽ وڻن جا پن ڇنڻ لڳو. پن ڇنندي ان کي نانگ ڏنگيو ۽ انهيءَ دم مري ويو ۽ مري وڃي ڪيترا نرڪ ڀوڳيائين تنهن کان پوءِ ڏاند جو جنم پاتائين. نيٺ ڏاند هڪڙي پنهنو فقير ورتو. اهو فقير ان ڏاند تي چڙهي ڪري سارو ڏينهن شهر ۾ پنندو وتندو هو ۽ جيڪا بکيا پني ايندو هو سا اهي پنهنجي ڪٽنب سان ملي کائيندو هو ۽ اهو ڏاند ساري رات دروازي تي ٻڌو پيٺو هوندو هو ۽ ان جي کائڻ پيئڻ جي ڪاڻي سڌ ڪانه رکندو هو، فقط ٿورو چارو ان جي اڳيان وجهي ڇڏيندو هو وري اڃا صبح ٿيندو هو ته ان تي چڙهي پنڻ ويندو هو. ائين ڪندي ڪيترا ڏينهن گذري ويا. هڪڙي ڏينهن اهو ڏاند ڏکن جو ماريل ڪري پيو ۽ اهو فقير ان کي مارڻ لڳو پر ان جو ساه نڪري ني نه. شهر جا لوڪ ڏسي ان کي پنهنجو ڦل ڏيڻ لڳا، ڪو ورت جو ڦل پيو ڏني، ڪو تيرٿ جو ڦل پيو ڏني، پر ڏاند جو ساه وڃني نه. هڪڙي ڪيري آئي انهيءَ انهن ماڻهن کان پڇيو ته هن ڏاند کي ڇا ٿيو

آهي؟ ساڌوءَ چيو تہ ان جا پران نڪتا وڃن. سڀڪنهن
پنهنجو پنهنجو ڦل ڀہ ڏنو اٿس تڏهين ڀہ هن جو ساهہ
نٿو نڪري. تڏهن ڪڪريءَ چيو تہ مون جيڪي ڪرم
ڪيا آهن انهن جو ڦل مون هن ڏاند جي نمت ڏنو.
اجا هن ايترو چيو تہ هڪدم ڍڳو مڪت ٿي ويو.
اهو جنم ڇڏي وڃي برهمڻ جي گهر جنم ورتائين.
پٽس هن جو نالو سسرا رکيو. جڏهين هو وڏو ٿيو،
تڏهن وديا سڪاريائينس. ان کي پنهنجي اڳين جنم جي
خبر هئي. تنهنڪري هڪڙي ڏينهن هن پنهنجي من ۾
خيال ڪيو تہ جنهن ڪڪريءَ مونکي ڏاند جي جنم
کان ڇڏايو تنهن جو درشن ڪرڻ گهرجي. اهو خيال
ڪري ڪڪريءَ جي گهر آيو ۽ اچي چيائين تہ
ڪڪري! تون مونکي سڃاڻين ٿي تہ مان ڪير آهيان؟
ڪڪريءَ چيو تہ مان توکي نٿي سڃاڻان تہ تون ڪير
آهين تون برهمڻ، مان ڪڪري، منهنجي لاءِ تنهنجي
ڪهڙي سڃاڻپ؟ تڏهن برهمڻ چيو تہ مان اهو ساڳيو
ڍڳو آهيان جنهن کي تو پنهنجو ڦل ڏنو هو. جنهن
ڪري مان ڍڳي جي جنم کان ڇٽي اچي برهمڻ جي
گهر ۾ جنم ورتو. تون مون کي پنهنجو اهو ڦل ٻڌاءِ
تہ اهو ڪهڙو ڦل تو مونکي ڏنو هو؟ تڏهن ڪڪريءَ
چيو تہ مان پنهنجي ڄاڻ ڪري چوان ٿي تہ مون ڪوبہ
پڄ ڪونہ ڪيو آهي پر منهنجي گهر ۾ هڪڙو طوطو
آهي جو صبوح جو سويل اٿي پڙهندو آهي ۽ مان

ان جو آواز ٻڌندي آهيان. اهو ٻچ مون تنهنجي نمت ڏنو هو، تڏهن برهمڻ طوطي کان پڇيو ته اي طوطا تون ڇا پڙهندو آهين؟ تڏهن طوطي چيو ته مان به اڳئين جنم ۾ برهمڻ جو پٽ هوس، منهنجي پيءُ مون کي گيتا جي ٻهرين اڌياءَ جو پاٺ سيکاريو. هڪڙي ڏينهن مون چيو ته مون کي گرو ڇا ٿو پاڙهي تڏهن گروءَ مون کي سراپ ڏنو ته وڃي طوطو ٿيءُ. انهيءَ مهل ئي مون طوطي جو جنم پاتو. هڪڙي ڏينهن مون کي ماري قاسائي وٺي آيو. رستي ۾ هڪڙي برهمڻ ڏٺو، تنهن مون کي پئسن تي ورتو. اهو برهمڻ به پنهنجي پٽ کي گيتا جو پاٺ سيکاريندو هو، مون به اهو پاٺ سکي ورتو. اوچتو هڪڙي ڏينهن برهمڻ جي گهر ۾ چور آيا پر انهن کي سجهه. ڌن پراپت نه ٿيو ته منجو پڃرو کڻي اٿي هليا. انهن چورن جي پريت هن ڪچريءَ سان هئي تنهنڪري هو منهنجو پڃرو هن ڪچريءَ کي ڏيئي ويا. مان روز گيتا جي ٻهرين اڌياءَ جو پاٺ ڪندو آهيان ۽ ڪچري روز ٻڌندي آهي-پر هن جي سمجهه ۾ نٿو اچي. اهوئي ٻچ هن تنهنجي نمت ڏنو هو. اهو سري گيتا جي ٻهرين اڌياءَ جو مهاتم آهي. تڏهن هن برهمڻ چيو ته هي طوطا مان به برهمڻ آهيان سو تون منهنجيءَ آشيرواد سان مڪتيءَ کي پراپت ٿيندي. طوطي جي به مڪتي ٿي ويئي ۽ اها ڪچري به چڱا ڪرم ڪرڻ لڳي ۽ سدائين صبوح جو سنان ڪري گيتا جي ٻهرين

اڌياءَ جو پاٺ ڪندي رهي.

سري نارائڻ چوڻ لڳو ته هي لڇمي! ڪو به اڄ کان گيتا جو پاٺ ڪري يا پڙهي ٿو ته انهيءَ کي به مڪتي ملي ٿي.

اهو ٻهرين اڌياءَ جو مهاتم آهي، جو مون تو کي ٻڌايو.

اِت سري ڀڳونت گيتا جي ٻهرئين اڌياءَ جو
مهاتم پورو ٿيو.

سري گيتا جو ٻيو اڌياءُ

(سانکيہ يوگ)

سنجيہ ڌرتراشٽر کي چوڻ لڳو تہ هي راجنا ديا ۽ پرجي ارجن ڪري پيو. اکيون جنهن جون ڪاوڙ ۽ لال ٿي ويئون، سارو سرير ڏڪڻ لڳس. اهو حال ڏسي ڀڳت وڇل سري ڪرشن ڀڳوان چوڻ لڳو تہ هي ارجنا يڌ جي وچ ۾ اهو دک درد توکي ڪٿان آيو؟ اها نيچ ماڻهو جي هڏي آهي. اهڙي ڪري توکي سرگ بہ ڪونہ ملندو ۽ هن جهان ۾ تنهنجو جس نہ ٿيندو. هي ارجنا اها اگيانين جهڙي هڏي توکي نہ هڻڻ گهرجي. هي ارجنا اهڙيءَ نيچ هڏيءَ کي تياڳ ڪر ۽ اٿي يڌ

ڪر. ارجن شري ڪرشن ڀڳوان جا اهي وچن ٻڌي چوڻ
لڳو ته مڌسوڌن! هي دشمن کي ناس ڪرڻ وارا! هي
منهنجا پيارا مترا! هي ڀيشم پتامھ درونا چاريہ ته پوڄا
ڪرڻ لائق آهن. انهن جي اڳيان ڪجھ ڦل پشپ
ڀيٽا رکڻ گهرجن. پر هي سوامي! پوڄا ته نه ڪجي پر
اڻلندو انهن سان يڌ ڪجي. هي ته منهنجا گرو آهن.
انهن جي مارڻ کان موکي سنسار ۾ ڀني پنهنجو پيٽ
پالڻ وڌيڪ چڱو ٿو لڳي. هي سوامي! اندرين جي سک
لاءِ مان هنن سان يڌ ڪريان ۽ راڄائيءَ جا ڀوگ
ڀوڳيان؟ اهي ڪهڙا ڀوڳ آهن؟ لسورا رت ڀرڻ
سان ڀريل آهن. هي سوامي! اها ڳالھ به چٽي نٿي
سمجهي ته هرو ڀرو ڪا منهنجي جيت ٿيندي پر هي
سوامي! مان پڪ چوان ٿو ته جيڪي ڌرتراشٽر جا
پٽ يڌ لاءِ بيٺا آهن تن جي مارڻ ڪري منهنجو جيئڻ
مشڪل آهي ڇو ته هي سڀ منهنجا ڪٽنبي آهن ۽
پوڄا جي لائق آهن. هي سوامي! توهان جو چئو ٿا ته
نيچ ٻڌي ڌارڻ نه ڪر سو هي سوامي! مان اهڙو
اگياني آهيان جو مان ڌرم کي به نٿو ڄاڻان ته ڌرم
ڇا آهي ۽ اڌرم ڇا آهي؟ هي سوامي! مون کي ڪابه
خبر ڪانه ٿي پوي. مان هاڻي توهان جي شرڻ آيو
آهيان. هي سوامي! جنهن ۾ منهنجو ڪلياڻ ٿئي اها
ڳالھ مون کي ٻڌايو. هي سوامي مون کي هاڻي ڏاڍي
چنتا ٿي پئي آهي ۽ مون کي اهڙي ڪا ڳالھ ڏسڻ

۽ ڪانهن ئي اچي جنهن ڪري منهنجي چنتا لهي.
هي پريوا انهن جي مارڻ ڪري جيڪڏهين مون کي
ڪٿي ترتي، پاتال ۽ سرڳ جو راڄ به ملي تڏهن به
منهنجي چنتا نه لهندي سو مان هي پريو رڳو انهن کي
ڌرتيءَ جي راڄ لاءِ ماريان؟ ”هي پريوا آءٌ يڌ نه
ڪندس.“ سنجيہ چوڻ لڳو ته راجا ڌرتراشٽرا ارجن
کي سري ڪرشن ڀڳوان چنتا ۽ ڀڏل ڏسي ڪلي چوڻ
لڳو ته هي ارجنا ”سانکيہ شاستر جو متو ٻڌ.“

هي ارجنا جيڪي گيانوان پرش آهن سي مرندڙن
۽ جيئندڙن جو شوڪ نه ڪندا آهن. هي ارجنا جنهن
جي مارڻ ۽ توکي چنتا ٿي آهي سي تنهنجي چوڻ
ڪري مارجي نٿا وڃن سو هي ارجنا هي ته هاڻي
پيدا ٿيا آهن، نه پوءِ، هاڻي به آهن ۽ پوءِ به هوندا.
هي ارجنا هي جو ڳالهائڻ وارو آتما آهي سو ابناشي
آهي. هي ارجنا هن ديہ جون چار اوستائون آهن:
”(١) ٻالڪ (٢) جوبن (٣) ٻڍاپڻ (۴) مرڻ“ اهي ديہ
جا ڌرم آهن سو گيانوان پرش آتما کي ابناسي سمجهن
ٿا. مرڻ جو ديہ ڌرم آهي، انهن سمجهي ڪري ٻڌوان
ڪنهن جو به شوڪ نه ڪندا آهن. هي ڪنتيءَ جا پٽ
ارجنا توکي اندرين جو گمان پراپت ٿيو آهي سو اهو
گمان دک سک کي پيدا ڪندڙ آهي ۽ دک سک ٿئي
به ٿو ته وري ناس به ٿئي ٿو، اهو سدائين نه آهي.
هي ارجنا انهيءَ کي تون پنهنجي وس ڪر، جنهن

پرش اهي اندريون پنهنجي وس ڪيون آهن يعني جو ڏک سک کي سمان سمجهي ٿو اهوئي موکش کي پائي ٿو.

هي ارجن! هي آتما جو سڀ ۾ وياپڪ آهي تنهن کي تون اپناسي سمجهه، جو ڪڏهن به ناس ٿيڻ جو نه آهي ۽ ڪنهن جي به مارڻ جو نه آهي. هي جو ناسونت سرير آهي سو پيدا به ٿئي ٿو ته وري ناس به ٿئي ٿو. ۽ وري ڪهڙو آهي؟ جو نر آمار آهي يعني ڪڇ ڪانئي پئي نٿو ۽ آتما جي ماپ به ڪانه آهي ته ڪيترو آهي. تنهنڪري هي ارجن! اٿي يڌ ڪر جيڪن ڪوئي چوي ته تو هن کي ماريو آهي. پر هي ارجن! نه ڪنهن ماريو نه ڪوئي مئي. آتما ڪهڙو آهي جو نه ڄمي ٿو ۽ نه مري ٿو، ۽ اٿين به نه آهي ته ڪڏهن ڪونهي. آتما ڪهڙو آهي جو جنم مرڻ کان رهت آهي، نت آهي، اپناسي آهي ۽ ڪنهن جي چوڻ تي ماريو نٿو وڃي. شرير مري به ٿو ڄمي به ٿو. مرڻ شرير جو ترم آهي ۽ آتما سدا امر آهي. هي ارجن! جن اهڙي آتما کي نه سمجهيو آهي سي اگياني پرش آهن. هي ارجن! جيڪو چوي ٿو ته مون هن کي ماريو يا هن مون کي ماريو سو به اگياني آهي. هي ارجن! ديهه ۽ آتما جو سنجوڳ ڪئوني آهي، ڪهڙيءَ طرح سو ٻڌ. جهڙي طرح ماڻهو ڪپڙو لاهي وري ڪٽي اچو ڪجهي تيئن آتما پراڻي ديهه ڇڏي وري وڃي نئينءَ ديهه ۾

ٻوي ٿي. وري آتما ڪهڙو آهي جو هٿيارن سان وڍي
نٿو سگهجي ۽ باهه ۾ سڙي نٿو ۽ پاڻيءَ ۾ ٻڏي نٿو ۽
هوا ۾ سڪي نٿو. اهڙو جو آتما آهي سو نيارو آهي جو
زخم کان، ٻڏڻ کان، سڙڻ کان ۽ سڪڻ کان پري آهي
۽ سدائين ابناسي آهي، ڪڏهن به هو ناس ٿيڻ جو نه
آهي ۽ سرو وياپڪ آهي تنهنڪري ان کي نت ۽ نشچل
چون ٿا. وري آتما ڪهڙو آهي جو ڏسڻ کان پري آهي
ان کي ڪنهن به ڪونه ڏٺو آهي، نه ڪنهن جي خيال
۾ ٿو اچي ۽ ڪچ ڪري به نٿو. هي ارجن! جن اهڙو
آتما کي ڪري سمجهو آهي سي وري ڪنهن جي چنتا
ڪن؟ تهڙيءَ طرح مون توکي چيو ته هي ارجن! تون
آتما کي اهڙو نٿو ڄاڻين ته به خيال ڪري ڏس ته
جيڪو ڄائو آهي سو نيٺ مرندو ۽ جيڪو مئو آهي
سو نيٺ ڄمندو. اهڙيءَ طرح هي ارجن! تون ائين
ڄاڻي ڪنهن جو به ڏک نه ڪر. هاڻي وري اها ڳالهه
ٻڌ. هي ارجن! هي جي ڀوت پراڻي آهن تن جي ڪا
آد ۽ انت ڪانهي. نه اهي ڪٿان آيا آهن ۽ نه ڪيڏانهن
ويندا. هي وچ ۾ ئي ٿا ڏسجن. جڏهن هي سرير ڪي
ڇڏين ٿا تڏهن ڪا سڌ ڪانه ٿي پوي ته ڪيڏانهن
ويا. جن جي آد ۽ انت ئي ڪانهي ته ڪٿان آيا ۽
ڪيڏانهن ويندا ته انهن جي چنتا وري ڪهڙي ڪرڻ
گهرجي؟ تنهن ڪري هي ارجن! چنتا ڪرڻ چڱي نه
آهي. وري ٻيو ٻڌ. جيڪو هن آتما کي ڏسڻ گهري

سوني اچرج ڪري ڏسي ۽ جيڪو ٿيو سو به اچرج
ڪري ٿيو ۽ ٻڌي به اچرج ڪري. اهو اچرج ڇا
آهي؟ جنهن جو ڪجھ بيان ڪري نٿو سگهجي ته ڇا
آهي؟ جنهن کي ديھ ۾ رهندي به من نه ڄاڻي ته ڇا
آهي تنهن جي چنتا نه ڪرڻ گهرجي هڪ ڳالھ آتما
جي ٻڪ ڪري ڄاڻ ته هو اٻناسي آهي. انهيءَ ڪري
هي ارجن! تون ڪنهن جي چنتا نه ڪر. "تون ڪتري
آهين ۽ يڌ ڪرڻ تنهنجو ڌرم آهي" تنهن ڪري تون
پنهنجي ڪتري ڌرم کان نه ڊر ۽ اهو سمو ڪترين لاءِ ڏاڍو
ڪٺن آهي. پنهنجيءَ اڇا سان هي يوڌا اچي ڳڏ ٿيا
آهن ۽ سرڳ جا دروازا به انهن لاءِ کليا پيا آهن. هي
ارجن! جيڪو ڪتري يڌ ڪندي مري ٿو سو سڌو
سرڳ ۾ ٿو وڃي سو جيڪڏهن تون يڌ نه ڪندين
ته تنهنجو سڀ ڌرم ناس ٿي ويندو ۽ جس به هليو
ويندو. سو تون پنهنجو ڌرم ۽ جس وڃائي پاپ ۾ نه
پئو. جيڪي تنهنجو اڳي جس ڳائيندا آهن سي سڀئي
تنهنجو اپجس ڳائيندا چوندا ته ارجن ڪجھ به نه آهي
۽ ان ۾ ڪجھ به ٻل نه آهي جو يڌ مان هليو ويو.
سو هي ارجن! انهيءَ ننڌا کان مرڻ ڀلو آهي. ۽ جڏهن
تون پنهنجي ننڌا ٻڌندين تڏهن توکي ڏاڍو ڏک ٿيندو.
جيڪڏهن تون يڌ جي وچ ۾ پنهنجو سرير تياڳ
ڪندين ته هڪدم تون وڃي سرڳ کي پراپت ڪندين
۽ جي يڌ کٽيندين ته ڌرتيءَ جي راڄ جو سک

ڀوڳيندين. تنهنڪري هي ارجن! تون اٿي يڌ ڪر.
سک ۽ ڏک، لاڀ ۽ هاڃي، جيت ۽ هار کي هڪجهڙو
سمجهي اٿي يڌ ڪندين ته توکي ڪجهه پاپ نه لڳندو.
هي ارجن! مون توکي سانکيه شاستر جو مت ٻڌايو آهي.
هاڻي "جوڳ شاستر جو مت ٻڌ" سو جوڳ ڪهڙو
آهي جنهن جي ٻڌڻ يا سمجهڻ ڪري جيو جنم مرڻ
جي بندڻن کان ڇٽي مڪتيءَ کي پراپت ڪري ٿو.
هي ارجن! مان پنهنجي ڀڳتن سان ڪهڙو آهيان جڏڪي
منهنجا ڀڳت منهنجي شيوا، پوڄا، پريم سان ڪن ٿا ۽
انهيءَ پريم ۾ اڳي جي ڀوءُ ۽ ڀوءُ جي اڳي پيا ڪن
سو انهن ڀڳتن تي پاپ ڪونهي. مان انهن جي ڪيئن
به ڪري ٻڌان ٿو. جي منهنجا ڀڳت منهنجي پريم ۾
مگن ٿي ويا آهن تن کي ڪابه سرت ڪانه آهي.
انهيءَ جي ساک جيئن رام اوتار ۾ ڀيلڻي چنڊالڻ جا
جوٺا ٻير پريم سان ڀڄن ڪيا هئم. هي ارجن! منهنجي
ڀڳتي ڏسڻ ۾ ٿوري آهي پر اڳهان انهيءَ جو ڦل تمام
گهڻو آهي. اهو ڦل ڪهڙو آهي؟ جنم مرڻ کان ڇٽي
سان جا منهنجي پد آهي سا ڇيم ۽ ڀڳتيءَ جو ڦل به
منهنجي ابناسي پد کي وڃي پراپت ڪندو آهي. ڀڳتن
چيم. هاڻي جهڙيءَ ريت مون سان ڀڳتن جي پد آهي.
سا ٻڌ. هي ارجن! منهنجي ڀڳتن جي فقط منهنجن چرنن
ڪملن جي شيوا سان پريت آهي. مون کان سواءِ ٻئي
ڪنهن به ديوتا کي نٿا پوڄين ۽ منهنجي نالي کان

سواءِ ٻيو مڪ مان ڪڇ به نٿا ڇون ۽ نٿا ٻڌن. فقط منهنجي چرنن سان ئي هنن جي پريت آهي جن جي ٻڌ مون سان ڪانهي انهن جي ڳالهه ٻڌ. انهن جي ٻڌ گهٽي ۽ سدائين ڀڄني ڀٽڪي جنهنجو خيال ڪن تنهن ۾ برابر نه لڳي. وري اهي ڪهڙا آهن جن جو نشچو مون سان ڪونهي سي ماڻهن کي ۽ ديوتائن کي پوڄين ۽ اپديش ڪن. اهڙا انڌا مورک ٻاڻ کي پنڊت سڏائين ٿا. هي ارجنا ويد جي واد ۾ ٻاڻ به سوهڻا ٻڌا آهن ۽ لوڪن کي به ٻيا سوهين. وري ڪهڙا آهن؟ اندر جي ڀوڳ ۾ جن جي ڪامنا آهي انهن سرڳ کي ئي پرم پد سمجهو آهي سو اهي سرڳ ۾ وڃي وري ڪري اچي هيٺ پون ٿا. سو اهي گهڻين ٻڌين وارا جن جو هڪ نشچو نه آهي سي ئي سورڳ مان ڪري هيٺ اچن ٿا ۽ هر هر سنسار ۾ ڄمن ۽ مرن پيا ۽ ڪرم به اهڙي ڀيا ڪن جن جي ڪرڻ ڪري تمام ڪشٽ ڀنڊا ٿني ٿو ۽ انهن ڪرمن ڪري ٿورو وقت وڃي سرڳ کي پراپت ڪن ٿا ۽ وري جلدئي ڪري پون ٿا. اهڙا جي ٻڌ جا ٿورا آهن. جن جي اڇا اندرين جي ڀوڳن ۾ لڳل آهي ۽ سنسار ۾ پنهنجي وڏائي ڀيا ڪن انهن ڳالهين ڪري جن جي ٻڌ اندي ٿي پئي آهي تن جو ٻڌ جو ڀاو مون ۾ ٿو لڳي ۽ مون ۾ ڀاو رکڻ کان سواءِ انهنجو ڪلياڻ ڪڏهن به نه ٿيندو. هي ارجنا "ويد جو وستار ٻڌ." هي ارجنا ويد جي ٻڌ به تن گڻن منجهه ئي آهي.

تون انهن ٽن گڻن کان نيارو ٿيءُ. ڪهڙن رهه؟ جتي نه گرمي آهي نه سردي، نه جنم آهي نه مرڻ، اهڙو جو آتما آهي سو ست روپ ۽ نتيه آهي ۽ تون انهيءَ سان جڙ. آتم سک ۽ اندرين جي ڀوڳن جو سک تن جي وچ ۾ وڏو ڀيد آهي. انهيءَ جو درشٽانت ٻڌ. جيئن کوهه تي وڃجي ته جتن ڪري پاڻي ڪڍجي، تڏهن پاڻي پيڻ ۾ ايندو. پر چڱيءَ طرح کوهه ۾ اشنان ڪرڻ ۾ نه ايندو ۽ نه ڪپڙا ڌوئڻ ۾ ايندا. پر نندي ۽ تلاءَ ۾ ڪپڙن ڌوئڻ، اشنان ڪرڻ ۽ پاڻي پيئڻ جو چڱيءَ طرح ڪارج نڪري سگهندو. اهڙيءَ طرح آتما برهم سان مليو ۽ تمام سک ٻه پاتائين. تنهنڪري هي ارجن! اهڙو جو آتما جو سک آهي، تون ان سان جڙ. تنهنجو ته ڪتري ڌرم آهي. تون ڪابه ڪامنا نه ڪر، تون هار جيت سڀ برابر ڄاڻي اٿي ٻڌ ڪر. هر ڪه شوڪ تي وهت ٿي. انهيءَ کي سمتا جوڳ چئبو آهي. پاپ پڃ ٻنهي جو تياڳ ڪري آتما سان جڙ. اهڙا گياني پرش جي آهن سي ڪنهن به ڳالهه جي ڪامنا نٿا رکن ۽ سدائين مون سان پريت رکن ٿا. "جيڪي ڦل جي اڇا رکن ٿا اهي اگياني آهن" هي ارجن! جڏهن تون مون ۾ نشچو رکندين تڏهن جنم مرڻ کان ڇٽندين ۽ منهنجي ابناسي پد ۾ وڃي پراپت ٿيندين. هي ارجن! جڏهن سوه روپيءَ ڦاسيءَ کي تنهنجي گيان روپي ٻڌي ڇنندي تڏهن جيڪي شاستر ٻڌا اٿئي تن جو ٻه ڦل تو کي ملندو. ڪرشن

ڀڳوان جا اهي امرت روپي وچن ٻڌي ارجن پڇڻ لڳو ته ”هي ڪيشوا سماڌيءَ ۾ جڙيل ستٿت پرگيه (استر ٻڌيءَ وارو يا آدرشي) ماڻهو جا ڪهڙا لڇڻ آهن؟ ان جو وهنوار ڪهڙي نموني ٿئي ٿو. اهو ڪيئن ڳالهائي ٿو ۽ ڪيئن هلي ٿو؟“ اهڙو ٻڌي سري ڪرشن ڀڳوان چوڻ لڳو ته هي ارجنا (۱) جنهن جي ڪامنا ڪنهن به ڳالهه ۾ نٿي اٿي تنهن کي نشچل ٻڌي (ستٿت پرگيه) چئجي (۲) اهو وري ڪهڙو آهي؟ جو ان جي ديهه کي ڪو دک ڪٿي ٿو تڏهن به ان جي چنتا نٿو ڪري ۽ سک جي لاءِ ڪابه اڇا ڪانه ٿو ڪري ۽ ڪنهن سان به موهه نٿو رکي. ڀيه کان رهت آهي ۽ ڪنهن تي ڪاوڙ نٿو ڪري. اهڙو جو پرش آهي تنهن کي نشچل ٻڌ چئجي (۳) وري ڪهڙو آهي؟ جنهن جي ڪنهن سان مترتا ڪانهي، چڱيءَ شيءِ سان هرکه ۽ مديءَ سان شوڪ نٿو ڪري ان جي ٻڌ نشچل چئجي. (۴) وري ڪهڙو آهي؟ جيئن ڪڇون پنهنجا هٿ پير ۽ منهن سڀ ڪٺي گڏي مٿو ۾ رکي وهندو آهي، تهڙيءَ طرح جن پنهنجون سڀ اندريون جتيون آهن تن کي توهان نشچل ٻڌ چئجي. ماڻهو جڏهن ڀوڳن کان نورت ٿئي ٿو تڏهن انهيءَ کان ڀوڳه جا سڀ وشيه دور ٿيندي به ڀوڳن جي اڇا جيئن جو تيئن بچي رهي ٿي اها ڀوڳه اڇا پرماتما جو ديدار ڪرڻ کان پوءِ هٽي ٿي. هي ارجنا توڙي گياني لوڪ اندرين کي وس ڪرڻ لاءِ ڏاڍا جتن

ڪن ٿا تڏهن به اندريون ڏاڍيون ٻلوان آهن ۽ من کي
نشچل ڪرڻ نٿيون ڏين. هي ارجنا انهن سڀني ”اندرين
کي تون پنهنجي وس ڪر. ڪهڙيءَ ريت وس ڪر
سو ٻڌ“ هي ارجنا من جو پڪو خيال مون ۾ رک،
من جي ڪري ئي سڀ اندريون سرجيت آهن سو من
پڪيءَ ريت مون ۾ رک ته سڀ اندريون پاڻيهي وس
ٿينديون جنهنجي وس ۾ اندريون آهن تن جي ٻڌي تون
نشچل ڄاڻ. جي منهنجي نالي ۽ ڌيان کان سواءِ چتونا
ڪن ٿا تن جو ڪارج بگڙي ٿو سو تون ٻڌ. جو ماڻهو
وشين جي ڳالهه ڪري تنهن مان سنگ ڪري يا وشين
جو من ۾ ڌيان ڪري ته انهيءَ مان من ۾ ڪام ڪان
وٺي ڪامنا آتپن ٿيندي آهي. ڪام مان ڪروڌ، ڪروڌ
مان لوڀ، لوڀ مان موهه، موهه مان چيتن جو ناس ٿئي ٿو.
جڏهن چيتن جو ناس ٿيو تڏهن ٻڌي به ناس ٿي ٿئي.
هوءِ جمڻ ڀيا پسون ۽ ڍور آهن تيئن هي به پسون جوڻ
۾ آهي. انهيءَ ڪري ”جي منهنجا ڀڳت آهن. سي
سنساري ماڻهوءَ جو سنگ نه ڪندا آهن ۽ نه مون کان
سواءِ ڪا ٻي ڳالهه ڪندا آهن“. منهنجن ڀڳتن کي
منهنجي اها آگيا آهي ته منهنجي نالي کان سواءِ ٻي
ڪامنا نه رکو ۽ جن جي من جو پڪو نشچو مون ۾
آهي تن تي مان ڪرپا ڪريان ٿو. ڪهڙي ڪرپا
ڪريان ٿو؟ سنسار ۾ جيڪي ڏک آهن تن کان انهن
کي ڇڏايان ٿو. هاڻي جن جي ناستڪ ٻڌي آهي تن جي

ڳالهه ڀڄ." هي ارجن! ناستڪ ڀڄ ڇا ڪي چوندا آهن؟
پرميشور ڪٿي آهي ۽ ڪنهن ڏٺو آهي؟ جن جو اهڙو
خيال آهي تن جي شرڌا مون ۾ نٿي لڳي. مون ۾ ڌيان
رکڻ کان سواءِ وري انهن کي ڪوبه سک پراپت نٿو
ٿئي اهڙا جي اگياني جيو آهن سي سدائين دکي آهن.
جيڪي اندرين جي ڀوڳن ۾ ڦاٿل آهن تن کي ڪوبه
سک پراپت نٿو ٿئي. جهڙيءَ طرح ٻيڙي نديءَ جي
پار وڃي ويندي آهي ۽ جڏهن وچ ۾ وڃي تڏهن هوا
اچي لڳي ته ڪناري تي اچڻ ڏاڍو ڪٺن ٿيندو آهي
۽ هوا جي لڳڻ ڪري ٻيڙيءَ جا تختا نڪري ويندا
آهن، پوءِ جيڪي انهيءَ ٻيڙيءَ ۾ ماڻهو هوندا آهن
سي ڏاڍا دکي ٿيندا آهن. ڪي ڪيڏانهن ته ڪي
ڪيڏانهن درياءَ جي ڇوليءَ ڪري هليا ويندا آهن.
اهڙيءَ طرح ڀڄ کي اندرين ڏي وڃڻ ڪري ڏکا ٿا
ملن. تنهنڪري هي ارجن! تون ڀيريائمن اندرين کي
وس ڪر." جن اندرين کي وس ڪيو آهي تن جي ڀڄ
نشچل ڄاڻ. هي ارجن ٻيو ڀڄ. سڀ پراڻي جنهن کي
رات سمجهي رهيا آهن، جيتيندرُ پرش ان ۾ جاڳي پيو
۽ جنهن ۾ سڀ جيو جاڳي پيا اها وويڪي پرش لاءِ
رات آهي. جيئن سمنڊ چوطرف پرپور هوندي منجهس
نديون پوڻ ڪري به گنڀيرتي رهي ٿو ۽ پنهنجي مريادا
کي نٿو ڇڏي، اهڙيءَ ريت جيڪو ماڻهو وشيه ڀوڳ
ڀوڳيندي به پنهنجي مريادا جو تياڳ نٿو ڪري

(ارٿات ڌرم جي حدن اندر ٿي رهي ٿو) ان کي شانتي پراپت ٿئي ٿي. جيڪو ماڻهو پنهنجي من ۾ رهڻ وارين سوارٿ جي ڪامنائن کي ڇڏي ڏئي ٿو، اڇا رهت ٿي ”مان ۽ منهنجو“ الهيءَ اهمتا ممتا جي ڄار ۾ نه ڦاسي ڪهمنڊ ڇڏي ٿو، سپنڌين جي موهه کي دور ڪري ٿو ۽ انهيءَ اسنگهه ورتيءَ سان جڳت جا سڀ وهنوار ڪري ٿو ان کي ئي شانتي ملي ٿي. هي ارجن! برهم پراپت ٿيل برهم روپ ٿيل ماڻهوءَ جي اها چال چلت آهي. هڪ دفعو اها ستٿي پراپت ٿي ته پوءِ ان کي ڪڏهن به موهه نه ٿئي. جيڪڏهن ڪنهن کي اها ستٿي مرڻ جي وقت به پراپت ٿي تڏهن به ان کي برهم نرواڻ ارٿات موڪش ملي ٿو.

”اِت سري ڀڳونت گيتا سوپ ڪرشن ارجن،
سنباد سانکيه يوگ جو ٻيو اڌياءُ پورو ٿيو.“

ٻئي اڌياءَ جو مهاتم

سري نارائڻ چوي ٿو ته هي لڇمي! دکڻ ديس ۾ پورن نالي نگر آهي. اتي ڏيوڪرو ديو مسرما رهندو هو ۽ ساڌ سنت جي شيوا ڪندو هو. هڪ ڏينهن ساڌن کي چوڻ لڳو ته هي سوامي! مون کي پرميشور

جي ڀڳتيءَ جو اپديش ڏيو جنهن ڪري مون کي لاڀ ٿئي ۽ مان جنم مرڻ جي ڏک کان ڇُٽان سنتن جي سيوا ڪندي ته گهڻائي ڏينهن گذري ويا اٿم. تڏهن هڪڙي ڀال نالي برهمچاري چيو ته مان توکي گيتا جي ٻئي اڌياءَ جو پاٺ ٿو ٻڌايان جنهن جي ٻڌڻ سان تنهنجي مڪتي ٿيندي. تڏهن ديو سرما چيو ته گيتا جي ٻئي اڌياءَ ٻڌڻ ڪري ڪو اڳي به مڪتيءَ کي پراپت ٿيو آهي؟ تڏهن ڀال برهمچاريءَ چيو ته هائو، مان توکي پراڻي ڪٿا ٻڌايان ٿو، تون ٻڌ. هڪڙو ماڻهو روز بن ۾ ٻڪريون چارڻ ويندو هو ۽ هڪڙي جاءِ ۾ ويهي به ڪندو هو. هڪڙي ڏينهن سانجهيءَ جو ٻڪريون چاريو گهر موٽيو تڏهن انهن ٻڪرين مان هڪ ٻڪري جا سڀ کان اڳي هئي تنهن کي هڪ شينهن ڏٺو. ٻڪريءَ کي ڏسندي ئي شينهن گجڪار ڪري اٿي بيٺو. تڏهن ٻڪرار اهو حال ڏسي تمام اچرج ۾ پئجي ويو. اوڏانهن مان به اتي اچي ويس. تڏهن ٻڪرار مون کي ڏسي سارو حال ٻڌايو ۽ چوڻ لڳو ته مهاراج توهان سڀ ڪجهه ڄاڻو ٿا. اهو مون کي سارو ئي ورتانت ٻڌايو. تڏهن ڀال برهمچاري چوڻ لڳو ته هي ٻڪرار مان توکي پراڻي ڪٿا ٿو ٻڌايان تون ڪن لائي ٻڌ هيءَ ٻڪري اڳئين جنم ۾ ڏائڻ هئي ۽ وڏيءَ ذات مان هئي. جڏهن هن جو مڙس مري ويو تڏهن هوءَ هڪاري وڏي ڏائڻ ٿي پئي. ڪنهن به سهڻي ٻار کي ڏسي ته ان کي کائي وڃي

۽ هي شمنهن اڳئين جنم ۾ ماري هو. هڪ ڏينهن ماري
جهنگ ۾ ٻڪي ڦاسائڻ ويو ۽ هيءَ ڏائڻ به جهنگ ۾
وئي ۽ ماريءَ کي کائي ڇڏيائين. اهو ماري هتي اچي
شمنهن ٿيو ۽ ڏائڻ اچي ٻڪري ٿي. شمنهن کي اڳئين
جنم جي سڌ آهي انهيءَ ڪري شمنهن ٻڪريءَ کي
ڏسي ڏڪيو آهي ڇو ته هن سمجهيو ته شايد هاڻي به
مون کي کائڻ آئي آهي. تڏهن ٻڪرار چيو ته هي سوامي!
ڪو اُپاءُ به آهي جنهنڪري اسين ٻئي هن نيچ جنم
کان ڇٽون؟ تڏهن برهمچاريءَ چيو ته مان ٻنهي جو اپاءُ
ٿو ڪريان پر هڪ ڳالهه ٻڌ. هڪ جبل جي ڇر ۾ هڪ
پٿر ڏٺم ته ان جي مٿان سري گيتا جو ٻيو اڌياءُ لکيو هو
هو. مون انهن اکرن کي انهيءَ پٿر تي ڏٺو. هاڻي مان
توهان کي ٻڌايان ٿو. برهمچاريءَ اها گيتا جا اکر ٻڌائي
بس ڪيا ته آڪاش مان ومان آيا ۽ سڀني کي چاڙهي
وٺي ويا. لڇمي ديهي ڇڏي ديوتائن جي ديهي پاتائون ديو
سرما به اهو ٻڌي وڪنٺ ۾ ويو. سري نارائڻ ٿو
چوي ته هي لڇمي! جيڪو ماڻهو گيتا جو پاٺ ڪري
ٿو يا ٻڌي ٿو سو مڪتي پائي ٿو.

”اِت سري ڀڳونت گيتا جي ٻئي اڌياءَ جو
مهاتم پورو ٿيو.“

—*—

سري گيتا جو ٽيون اڌياءُ

(ڪرم يوگ)

ارجن سري ڪرشن ڀڳوان کي چيو ته هي
جنارتن! هي ڪيشوا! جڏهن تون ڪرم کان گيان کي
اتم سمجهين ٿو ته مون کي هن ڀڄ روپي گهور ڪرم ۾
ڇو ٿو لڳائين؟ اهڙن ملين وچن ڪري تون منهنجي
مت منجهائي ڇڏين ٿو، ان لاءِ هي پڀوا مون کي
هڪڙي ڳالهه ٻڌايو جنهن ۾ منهنجو ڪلياڻ ٿئي. ارجن
جا اهي وچن ٻڌي سري ڪرشن ڀڳوان چوڻ لڳو ته
هي پاپن کان پري ارجن! جيڪو مون پهريائين لوڪن
کي گيان جوڳ چيو آهي تنهن گيان سان تون جڙ،
ان جو جڙڻ ڇا آهي؟ هي ارجن! جيڪو ڪٿي مت ڪرم
تياڳ ڪري، ڪجهه به آدم نه ڪري، ڇوي ته مان

نهڪرمي ۽ سنياسي آهيان، سو نہ تہ هو نهڪرمي آهي
۽ نہ سنياسي. جيڪي ديهہ ڌاري آهن سي هڪ پل ڪرمن
کان پري نہ آهن. جڏهن ماتا جي پيٽ ۾ آيو ۽ جڏهن
مئو، تيستائين هي ڪرمن کان پري نہ آهي. هيءَ مايا
جي پيدا ڪيل جا ديهہ آهي تنهنجي وس ڪجھ نہ آهي
هيءَ مايا جي وس آهي، هي ارجنا جي جوڳي ۽
بيراڳي آهن تن جي ڳالهہ. ٻڌ جن ٻاهريون اندريون
روڪيون آهن ۽ ٻڌي آسڻ لائي ويٺا آهن پر من ۾
ڀوڳن جي ڪامنا وڪي ويٺا آهن. ارڌانت: انهن پيا
چون تہ ڪجھ ههڃي تہ ڪانجي سو اهڙا جي جوڳي آهن
سي ڀاڪنڊي آهن. پر جيڪي آتم آهن تن جي ڳالهہ ٻڌ،
اهي ڪهڙا آهن؟ جن جون ٻاهريون اندريون سڀ
ڪرم پيئون ڪن پر من جي ورتي مون ۾ ائن، اهي
آتم آهن. انهيءَ سبب ڪري هي ارجنا "تون ڪتري
آهين، "ٻڌ ڪرڻ تنهنجو ڌرم آهي." تـو اندرين
ڪري ٻڌ ڪر ۽ من جي ورتي مون ۾ رک هي ارجنا
ڪرم جي نہ ڪرڻ کان ڪرم جو ڪرڻ سريشٽ
آهي. ڪرم رهت ٿيڻ ڪري تہ تنهنجي سرير جي پالنا
ٻڻ ڪانہ ٿي سگهندي.

هي ارجنا جوڳ روپ جو مان ڀڳوان آهيان سو
جي منهنجي لاءِ ڪرم ڪن ٿا سي ڪنهن بہ ٻنڌن ۾
نٿا ڦاسن. تنهنڪري هي ارجنا تون منهنجو ڇهو مڃي
"ڪرم ڪر ۽ ڦل جي اڇا نہ رک" ۽ جي لوڪ ڀڳوان

جي جوڳ رستي پوڄا ڪن ٿا تن جو ورنن ٻڌ. جڏهن
برهما سنسار کي پيدا ڪيو تڏهن جڳت کي به پيدا
ڪيائين ۽ جڳت جي سامگري به پيدا ڪرائين. برهما
لوڪن کي آگيا ڪئي ته جڳت جي سامگريءَ سان
جڳت ۾ ڀڳوان جي استتي ڪريو ۽ ان جي نمت
يگيه به ڪريو ۽ سڀ ديوتائن جي ڀڳوان جا انگ آهن
تن کي به پوڄيو ۽ جيڪا آس ڪندو اها آس توهانجي
ديوتا پوري ڪندا. تنهنڪري ماڻهو ديوتائن کي پوڄڻ
لڳا. هي ارجن! ديوتائون ڦل ڏيڻ لاءِ سمرٿ آهن.
ماڻهن جو ڪلياڻ ديوتائن مان آهي ۽ ديوتائن جو ڪلياڻ
ماڻهن مان آهي. جيڪو منش ديوتائن جو ڀوڳ لڳائڻ
کانسواءِ پاڻ پوڄڻ کائي ٿو سو ديوتائن جو چور آهي
۽ جيڪو منش مون کي ڀوڳ لڳائي ۽ منهنجو پرشاد
ڪري پوڄڻ کائي ٿو سو سڀني اپاڌين کان ڇٽي آهي
۽ جيڪو مونکي ڀوڳ نٿو لڳائي ۽ منهنجو پرشاد ڪري
منهنجو پوڄڻ نٿو کائي سو سڀني پاپن کي ڀوڳي ٿو.
اهو ڪهڙن پاپن کي پائي ٿو سو ٻڌ. جيڪي جيو هني
ڪندي مٺا آهن ۽ چڪيءَ ۾ مٺا آهن ۽ جيڪي اکريءَ
سان ۽ جيڪي چلهي ۾ ۽ جيڪي درياه جي ڇوليءَ
سان ۽ ٻيڙيءَ ۾ سمهي پئي انهن ۾ جيڪي مٺا آهن
تن سڀني جو پاپ انهيءَ تي آهي. هي ارجن! پرميشور
جي پوڄڻ ڪري جو لاڀ هن سنسار ۾ ٿئي ٿو سو
ٻڌ. جيڪي ديهه ڌاري ڀوت پراڻي آهن تن سڀني جو

گذران ان تي آهي. پهريائين هي منش ان کائي ٿو ان مان ڀرج پيدا ٿئي ٿو ۽ اندريون جي آن ٿيون کائين تنهن مان رڪت پيدا ٿئي ٿو. رڪت ۽ ڀرج جي ميلاپ ڪري ديهه پيدا ٿئي ٿي ۽ ان جي اُتپت برسات مان آهي ۽ برسات يگيه ڪرڻ ڪري ٿئي ٿي ۽ يگيه ڪرم ڪرڻ مان ٿئي ٿو ۽ يگيه ڪرڻ جي وڌي ويد مان معلوم ٿئي ٿي ۽ ويد پار برهم پرميشور وشنوءَ مان پيدا ٿيل آهن انهيءَ ڪري سڀ ۾ وياپڪ برهم سدائين يگيه ۾ ويٺل ڄاڻ. جنهن جي شيوا ڪرڻ ڪري سنسار جو ڪلياڻ ٿئي ٿو سو اهڙي آنند روپ پار برهم کي جي ٿا پوڄين ۽ پنهنجي اندرين جي سک لاءِ پوڄن ڪن ٿا تن جو جيئڻ اجايو آهي جن جي پريت آتما مان آهي اها پريت ڪلياڻ ڪاري آهي ۽ اهي آتما مان لاڀ پراپت ڪري آنند ۾ ويٺا آهن. تن کي ڪوئي ڪرم ڪرڻ نه گهرجي ۽ تن کي ڪنهن به شڀ يا اَشڀ ڪرم جو ڦل ڪونه ملي. جي نه ڪندا ته انهن تي پاپ ڪونهي ۽ جي ڪندا ته انهن کي پڃ ڪونهي. جي آتما جا شيواداري آهن تن کي سنساري ماڻهن مان ڪو لاڀ ڪونهي. هي ارجنا پيا ڪرم ڇڏ. جي سنان آد ڪان وني شڀ ڪرم آهن تن کي ڇڏڻ نه گهرجي. جيڪي شڀ ڪرم ڪن ٿا ۽ ڦل لئا گهرن سي پار برهم کي وڃي پراپت ڪن ٿا. هي ارجنا شڀ ڪرم ڪرڻ ڪري راجا جنڪ ۽ پيا جنم مرڻ جي پڌن کان

چڻي ويا. انهي ڪري سنسار جي موڪ شڀ ڪرم ڪرڻ گهرجن. جيڪي ڪرم گيانوان ڪن ٿا تن ڪي ڏسي ٻيا لوڪ به ڪن. جيڪڏهن گيانوان پاڻ مڪتيءَ کي پراپت ٿيا ۽ ٻيا لوڪ نه ٿيا ته اُن لاءِ گيانوان کي گهرجي ته پاڻ شڀ ڪرم نه ڇڏي، ڇو ته لوڪ هن کي چڱا ڪرم ڪندو ڏسي پاڻ به ڪندا. جيڪڏهن گيانوان سڀ ڪرم ڪرڻ ڇڏي ڏيندا ته ٻيا لوڪ به ڇڏي ڏيندا. پسوءَ جيئن ٻيون ڀڪين ۽ پسن جون جونيون آهن تيئن منشن جو جنم به انهن وانگر ٿي پوندو. تنهنڪري گيانوان کي گهرجي ته شڀ ڪرم ڪندا رهن. هي ارجن! مون کي ڏس جو مان ٽنهي لوڪن جو سوامي آهيان. مون کي ڪنهن به ڪرم ڪرڻ جو ضرور نه آهي تڏهن به مان لوڪن جي ڀلائيءَ لاءِ سنان سنڌيا گايتري آد ڪرم ڪريان ٿو ۽ گئو برهمڻ ۽ ماتا پتا جي شيوا ڪريان ٿو. ڪيول لوڪن جي ست ڪرم سکڻ لاءِ ٿي ڪريان ٿو، جيڪڏهن مان آلس ڪري ست ڪرم ڪرڻ ڇڏي ويهي رهندس ته مون کي ڏسي ٻيا لوڪ به ست ڪرم ڪرڻ ڇڏي ويهي رهندا جا ريت مان هلان ٿو سا ريت ٻيا لوڪ به جيڪڏهن هلندا ته مڪتيءَ کي پراپت ڪندا. هي ارجن! جيڪڏهن تون چوين ٿو ته ٻين لوڪن لاءِ ڪرمن ڪرڻ جو جنجال ڇو ٿو رکين ۽ ٻين لوڪن مان تنهنجو ڪهڙو مطلب آهي ته انهيءَ جو پڙ. هي

ارجنا هي لوڪ نارائڻ جو روپ آهن جڏهن انهن جا شڀ ڪرم ڪرڻ ناس ٿي ويا تڏهن ماڻهو ٻه ڀسن وانگر ڇٽيا ۽ منش مونهنجي پرجا آهن ۽ پرجا جي ناس ٿيڻ ڪري پنهنجو ئي ناس ٿيڻ آهي. تنهنڪري پرجا جي ڀلي لاءِ ست ڪرم ڪريان ٿو. انهيءَ ڪري جيڪي گياني آهن تن کي گهرجي ته لوڪن جي ڪلياڻ لاءِ ست ڪرم ڪن ۽ پنهنجي هٿ سان ٻين کي هدايت ڏيندي. سنساري لوڪن کي اُهي ٻه نه چوي ته ست ڪرم ڪرڻ ۾ ڪوبه لاڀ ڪونهي ۽ ست ڪرمن جي ڪلا به نه ڪري ڇو ته لوڪ سڪتيءَ کي هدايت نه ٿيا آهن. جيڪڏهن ست ڪرم ڇڏي ڏين ته ست ڪرم ناس ٿي ويندا هي ارجنا پيو هٿ لوڪن کان جي ست ۽ آمت ڪرم ٿين ٿا سي اندرين من مايا ۽ سڀاءَ مان پيدا ٿين ٿا. اهنڪار جي ڪري ماڻهو چون ٿا ته هي ڪم اسان ڪيو، هي ارجنا اهڙن گڻن ۽ ڪرمن ڪري جو ڦل آهي سو هٿ، هيءَ ديهه اندريون، جهڙا انهن جا سڀاءَ آهن تهڙا انهن کان ڪم ٿيندا آهن ۽ آتما انهن جو ساکي آهي ۽ ڪجهه ڪري نٿو ايترو ڄاڻي هي ارجنا تون سڀ ڪان پري رهه هاڻي ٻڌو هٿ. ٻاو ۽ آباو ڪري پرڀوءَ کي ڄاڻيو پوءِ ڪوبه دک سک توهان جي ويجهو نه ايندو. هي جو آتما آهي سو سرو وياپڪ آهي پرڀوءَ جي چرنن ۾ ڌيان رکو ۽ ڪابه آس نه رکو. جو هي ڪٿا نٿو مڃي تنهن کي تون ٻڌ

ٿيندا آهن. هي ارجن! تون پنهنجا سڀ ڪرم مون ۾
ارپڻ ڪر. جيترا ديهه ڌاري آتما آهن تن سڀني ايشور،
جهڙو مان آهيان انهي ۾ منهنجو ناتو ادوئيتم آهي. ادوئيتم
جنهجي سيني آتمائن جو ايشور. اهڙي ايشور جهڙو مان
آهيان تنهن ۾ تون وشواس رکه ۽ ڪنهن به ڳالهه جي
آشا نه رکه نڪا چنتا ڪر. هي ارجن! هاڻي آءٌ پڌ
ٻڌ. هي جيڪو رستو مون توکي ٻڌايو آهي سو تون
انهيءَ رستي کي چڱيءَ طرح ويچار ته پوءِ مون کي تون
ڪنهن به ويچار کان سواءِ اچي ملندين ۽ جيڪي انهيءَ
رستي کي نٿا مڃين ۽ اڻلندو نندا ڪن ٿا سي ڪهڙا
آهن؟ اهي اگياني موڙهه، مت ۽ مها مورکه آهن. هي
ارجن! هاڻي ٻيو ٻڌ. جنهن سڀاءُ وارو جيو مايا پيدا
ڪيو آهي انهيءَ کان اهڙائي ڪرم ٿيندا آهن. "سڀ
ڀوت پراڻي سڀاءُ جي وس آهن، پنهنجي وس نه آهن.
اها ڳالهه ڄاڻي ڪنهن کي به چڱو يا مدو نه چئجي.
ڪو چڱو ڪري ڪو مدو ڪري سڀ سان هڪجهڙو
ٿي رهجي ۽ سنسار جو تماشو ڏسجي. انهيءَ ڪري سدائين
شانت پد ۾ رهجي." هي ارجن! هاڻي ٻيو ٻڌ. "پنهنجي
ڌرم تي اڻپورو ٿي هلڻ پراڻي ڌرم تي پوري هلڻ کان
چڱو آهي. پنهنجي ڌرم ۾ مرڻ به ڀلو آهي پر پرائو
ڌرم ڀو (نرڪ) ڏيڻ وارو آهي." سري ڪرشن ڀڳوان
جا اهي وچن ٻڌي ارجن چيو ته اي جادوناٿ
اهي ڳالهه ڪي سڀ ڄاڻن ٿا ته پاپ ڪرڻ مان دک

ٿئي ٿو. ھي ڀريو ھن جيون کان پاپ ڪير ٿو ڪرائي؟
اھا ڳالھ ديا ڀائي سون کي ٻڌايو. تڏھن سري ڪرشن
ڀڳوان چيو اڳيو ته ھي ارجن! ”ڪام ڪروڌ“ اھي
رجو گڻ مان پيدا ٿين ٿا. انھن جو ڪاڌو به گھڻو آھي،
انھن کي ڪڏھن به ڍؤ نه ٿو ٿئي ۽ ھي پاپ روپ آھن
۽ اھي ھنئي ماڻھوءَ جا دشمن آھن. اھي ئي ھڏي ڪري
ماڻھوءَ کي پاپ ڪرائين ٿا ارجن ٿو چوي ته ھي ڀرڀو
ديا ڀائي اچا به ڪولي ٻڌايو ته انھن جو جنم ڪٿھڙيءَ
ويت ٿو ٿئي؟ ۽ انھن جو آتما ڪير آھي؟ ۽ انھن جو
آڌار ڇا آھي؟ تڏھن سري ڪرشن ڀڳوان چوڻ لڳو ته
ھي ارجن! ٻڌي، اندريون ۽ من اھي انھن جي رھڻ
جون جايون آھن. ننڍو ارٿات سوڪم روپ رکي ھي
ديھ ۾ رھن ٿا. اھو انھن جو اسٿان چيو ھاڻي سندن
آتپت ٻڌ. ”چڱي ڪاٺ ڪري، خوشبوءِ وٺڻ ۽ چکڻ
ڪپڙن پھرڻ مان آتپت ٿئي ٿو.“ ھاڻي ڪروڌ بابت
ٻڌ ”اھنڪار يا اپمان ڪرڻ ته سھنجي برابر ھو ڪونھي
انھيءَ مان ڪروڌ اتپت ٿئي ٿو. ھرک يا خوشي انھي
مان ڪام انپت ٿيو تڏھن پنھنجي استريءَ مان سنجوڳ
ڪيائين جڏھين ڀرج ويو تڏھين مردي وانگر ستھي
ھيو. اھو پنھنجي استريءَ مان سنجوڳ ڪرڻ جو ڦل
آھي. پوءِ جڏھن سنتان اتپت ٿي تڏھن موھ ۾ ڦاٿو
۽ جنم مرڻ جي ھنڌن ۾ آيو ۽ جي ٻر استريءَ مان
سنگ ڪيائين ته آھيس“ ۽ واڄا جي ٽنڊ ھيٺ اپندو

۽ جا بہ ملڪيت هونديس اها بہ ڪسي ولنديس ۽ پرلوڪ
جا بہ ڏک مهٽا ڀوندس "۽ جم جا بہ موچڙا کائيندو"
باقي چا رهيو. اهي ڪام جا لڇڻ آهن. هاڻي ڪروڌ
جا لڇڻ ٻڌ. اهنڪار جي ڪري جو انڌو ٿيو آهي ۽
ٻنسي جي واسطي ڪنهن کي ماريائين يا ڪنهن کي
ڏک ڏنائين تہ راجا پڪڙي سزا يا ڏنڊ ڏيندس ۽
ملڪيت بہ ڪسي ولنديس ۽ پرلوڪ ۾ بہ جم جا ڏک
ڏسٽا ڀوندس اهي ڪروڌ جا لڇڻ آهن. هي ارجن! ڪام ڪروڌ
اهي ٻئي ٻہ جا ڏيندڙ آهن ۽ هر هر لوڪن کي ڀما
پرمائين. وري ڪهڙا آهن؟ اهي ٻئي پاپ روپ آهن ۽
اصل نيچ آهن اهي سدائين ماڻهن کي ڀما تڪين جيئن
چور پنهنجي چوريءَ جو سامان تڪيندو رهندو آهي تہ
گهر جي مالڪ کي ننڊ اچي تہ مان وڃي چوري
ڪريان. جنهن ريت هنن منهنجي گيان ۾ پنگ وڌو
آهي سو ٻڌ. جيئن باهہ ۾ دونهون ۽ آرسيءَ کي تيل
لڳي ۽ جيئن چاري لپمٽيل پار جمندو آهي تيئن انهن
ٻنهي منهنجي گيان کي روڪيو آهي. هي سدائين گيان
جا دشمن آهن اندريون من ٻڌ. انهن ۾ ڪام جو واسو
آهي. انهيءَ ڪري هي ارجن! "پهريائين تون اندرين
کي وس ڪر. اندرين کان وٺي من ٻڌ ۽ چت کي وس
ڪر. اهي پاپ روپ آهن. گيان ۽ وگيان انهن ٻنهي کي
ناس ڪرڻ وارا آهن. جنهن ريت ڪري اندريون مرجمت
آهن سو ٻڌ. هيءَ ديهہ جڙ آهي. انهيءَ ۾ چيتن سروپ

اندريون آهن، اندرين کان پري من آهي، من کري
اندريون مرجيت آهن، من کان پري ٻڌ آهن ۽ ٻڌ کان
پري آتما آهي. ان ريت هسي مها باهوا ٻڌيءَ کان
سريشٽ آتما کي ڄاڻ ۽ من کي نشچل کري ڏاڍين
ڏاکڙن سان جنتجي، اهڙي هن "ڪام روپي شتروءَ
کي مار".

"ات سري ڀڳوت گيتا سري ڪرشن ارجن سنبادي
ڪرم جوڳ نالي ٽيون اڌياءُ پورو ٿيو."

ٽئين اڌياءَ جو مضمون

سري ناراڻ چوي ٿو ته هي ليکمي. هڪڙو شودر
وڏو مورک هڪڙي ٻن ۾ اڪيلو رهندو هو ۽ پاپ
ڪري ڪٺي مايا ميڙيائين سا پاپ جي ڪڏ ڪڍي مايا
انهن ني ويندي رهيس. مايا جي وڃڻ ڪري اهو شودر
ڏاڍو چنتاوان ٿيو ۽ ماڻهن کان پڇڻ لڳو ته ڪا اهڙي
جاءِ ڏسيو جتي ڌن هجي ۽ مان وڃي ڪٽي اچان ۽
وري شاهوڪار ٿيان. تڏهن هڪڙي چيس ته ماس ۽

مٿرا ورتائيندو ڪر ته توکي ڏن هٿ لڳي. سو هو
شودر پوءِ ڪونا ڪرم ڪرڻ لڳو ۽ چوري به ڪرڻ
لڳو. هڪڙي ڏينهن مايا جي لالچ ڪري جڏهن چوري
ڪرڻ ويو تڏهن رستي ۾ پڻ چورن ماري ڇڏيس.
پوءِ اهو شودر ديهه ڇڏي وڃي ڀوت جي ديهه ۾ جنميو
۽ هڪڙي وڏي وڻ ۾ واسو ڪيائين ۽ ڏاڍو دکي ٿيو.
هاءِ هاءِ ڪري پڪارڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو ته منهنجي ڪل
۾ اهڙو ڪو آهي جو مون کي هن جوڻ کان ڇڏائي.
هاءِ هاءِ ڪندي گهڻا ڏينهن گذري ويس. ايتري سمي
گذرڻ ڪري سندس پٽ وڏو ٿيو ۽ هڪڙي ڏينهن
ماءُ کان پڇيائين ته منهنجو پيءُ ڪهڙو ڪم ڪندو هو؟
۽ سندس موت ڪهڙيءَ ريت ٿيو هو؟ تڏهن ماڻس چيو
ته هي پٽ! تنهنجو پيءُ پاپ ڪري مايا آڻيندو هو.
هڪڙي ڏينهن ڌن جي لالچ ڪري چوري ڪرڻ لاءِ
ويو هو رستي ۾ ڪن چورن ماري وڌس. تڏهن ڇوڪري
چيو ته هي ماتا! هن جو ڪريا ڪرم ڪرائجي يا نه؟
ماڻس چيو ته نه. وري پٽ چوڻ لڳو ته ماتا! هن جو
ڪريا ڪرم ضرور ڪرڻ گهرجي. اهڙي چئي هو هڪڙي
پنڊت وٽ ويو ۽ وڃي چيائينس ته هي سوامي! منهنجو پتا
هن وڏيءَ ڪري مري ويو آهي. توهان ڪريا ڪري
الهيءَ وڏيءَ جو ڪريا ڪرم ٻڌايو ته ڇا ڪرڻ گهرجي؟
تڏهن پنڊت چيو ته گيتا جي وچ ۾ اتي وڃي ڪريا ڪرم
ڪراءِ تنهنجا سڀ پتر مڪتيءَ کي پراپت ٿيندا. پوءِ

هو ڇوڪر پنڊت کان موڪلائي گهر آيو ۽ ماءُ کي سارو حال ٻڌايائين. پوءِ ماءُ کان آگيا وٺي گيا ڏي وڃڻ لڳو. واٽ تي هراڪ راڄ جو دوشن ڪري ۽ سنان ڪري اڳتي روانو ٿيو. رستي ۾ هڪڙي وڻ جي هيٺان ويهي رهيو. اتي ان کي ڏاڍو ننڊ ٿيو ۽ اهو ٿي وڻ هو جتي سندس پيءُ پريت جي جوڻ ۾ هو. ڇوڪري ننڊ جي ماري گرو منتر پڙهڻ شروع ڪيو ۽ گيتا جي ڇهين اڌياءَ جو پاٺ روز ڪندو هو سو به ڪرڻ لڳو. سندس پيءُ وڻ جي آڙ ۾ ويهي گيتا جو ڇهون اڌياءُ ٻڌو. اجا ڇوڪري پڙهي پورو مس ڪيو ته سندس پيءُ جي ديهه ڇٽي ۽ ديوتا جي ديهه پائي وڃان ۾ چڙهي هن جي سامهون آيو ۽ اهي آسيرواد ڏنائينس ۽ چوڻ لڳس ته هي پٽ! مان تنهنجو پيءُ آهيان جو مان پريت جي جوڻ ۾ هوس پر انهيءَ تنهنجي گيتا جي پاٺ ٻڌڻ ڪري مونکي هيءَ ديهه ملي آهي تنهنجي ڪرپا سان مان هاڻي سرڳ پريءَ ڏي ٿو وڃان. هاڻي تون پنهنجيءَ خوشيءَ سان گيا تي وڃ ته ڀلي وڃ نه ته ضرور ڪونهي ڇو ته منهنجو اڌار ڪرڻ لاءِ تي وڃڻ سو منهنجو اڌار ته اتي ئي ٿي ويو. ايترو ٻڌي ڇوڪرو چوڻ لڳو ته هي پتا! ڪجهه وڌيڪ آگيا ڪريو ته مان توهان جي سيوا ڪريان. تڏهن پٽس ديو ديهيءَ چيو ته هي پٽ! مون ڏٺو آهي ته اسان جا پتر نرڪ ۾ دکي آهن تنهنڪري تون گيتا جو ڇهون اڌياءُ

پڙهي تنهنجو ڦل انهن کي ڏي. ايترو چئي هو ديهي
سرڳ ڏي هليو ويو. پوءِ هن ڇوڪري اٺين گيتا جي
ٽئين اڌياءَ جو پاٺ ڪري تنهنجو ڦل پترن کي ڏنو.
ان تي سندس سڀ پتر وئڪنٺ ويا. تڏهن جم راجا
ڌرمراءِ کي وڃي پڪار ڪئي ته هي راجا! نرڪ ۾
ته گهڻا ماڻهو آهن جي جنمن کان پاپي آهن تن کي
ناراڻ جا آدمي (دوت) ووان ۾ چاڙهي وئڪنٺ ڏانهن
وٺي ويا. ايترو ٻڌي ڌرمراءِ ناراڻ وٽ ويو ناراڻ
شيش ناڳ جي سيجا تي ستل هو ۽ لڇميءَ ويٺي پير
مليس اتي ڌرمراءِ ڏنڊوت ڪري وينتي ڪرڻ لڳو ته
هي ٽنهي لوڪن جا سوامي! جن پرشن جنم کان وٺي
ڪنهن به شاستر جو درشن نه ڪيو آهي ۽ نڪو ٻيو
پڄ ٿي ڪيو آهي تنکي توهان جا گڻ ووان تي چاڙهي
وئڪنٺ ڏي وٺي ويا آهن. هي پربو! هاڻي آگيا ڏيو
ته اهو ڏنڊ ڪنهن کي ڏيان ۽ ڪهڙي پرڪار جو ڏيان؟
تڏهن سري ناراڻ ڏاڍو خوش ٿي چوڻ لڳو ته هي
ڌرمراءِ! تون دکي نه ٿيءُ ۽ پنهنجي من ۾ ڪوبه خيال
نه ڪر. مان توکي هڪ ڳالهه چوان ٿو مان تون ٻڌ.
اهي پاپي جيو جيڪي هتا تن جو اڳيون ٻج اهي
پرگهٽ ٿيو. انهيءَ ڌرم ڪري ٿي اهي پاپي وئڪنٺ
۾ آيا آهن. هڪ ٻي آگيا توکي ڏيان ٿو ته جيڪي
پرش گيتا جو پاٺ ڪن ٿا يا پاٺ جو ڦل ڏين ٿا
انهن کي تون نرڪ ۾ نه نج. اها منهنجي توکي آگيا

آهي ۽ اها آگيا منهنجي ياد رک. ايترو پڙهي ڌرمراءِ پنهنجي پريءَ ڏي هليو ويو ۽ پنهنجن سڀني دوتن کي سڏي چوڻ لڳو ۽ جم جي دوتن کي به چوڻ لڳو ته جيڪو پرش گيتا جو پاٺ ڪري يا پڙهي يا پاٺ جو ڦل ڪنهن کي ڏئي ته انهيءَ جيو کي نرڪ ۾ نه آڻجو ڇو ته گيتا جو پاٺ ڪرڻ يا پڙهڻ ڪري سڀيئي پاپي جيو جيڪي آهن سي مڪتيءَ کي پراپت ٿين ٿا. جيڪو به جيو گيتا جو پاٺ ڪري يا پڙهي سو تنهنجو ڦل چوڻ کان ٻاهر آهي. سري نارائڻ چوڻ لڳو ته هي لڇميءَ اهو گيتا جي ٽئين اڌياءَ جو مهاتم آهي.

”اِت سري ڀڳوت گيتا جي ٽئين اڌياءَ جو
مهاتم پورو ٿيو.“



سري گيتا جو اڌيائي چوٿون

(گيان ڪرم يوگ سنياس)

سري ڪرشن ڀڳوان ارجن کي چوي ٿو ته هي ارجنا جيڪو گيان تو کي ٻڌايو اٿم سو پهريائين مون سورج کي ٻڌايو هو سو هي جو ڪه اَبناسي آهي؛ سورج پنهنجي پٽ منوءَ کي ٻڌايو هو؛ منوءَ اڪشواڪوءَ کي ٻڌايو هو، هي يوگ گيان اصل کان هلندو ٿو اچي، انهيءَ کي راج رشي ڄاڻن ٿا؛ انهيءَ ڪري سڀئي راڄ ڪن ٿا؛ پر پوءِ کي پرايت ڪري ڇاهه ڏينهن کي ڪه آئي جي خوشي؛ ته وڃي جو ڏک آهي سو ٿي چوڪي آهي، سو هي ارجنا انهيءَ يوگ کي گهڻا جڳ گذري ويا

آهن. توکي اهو ٿي پراڻو يوگ ٿو ٻڌايان، ڇاڪاڻ ته تو
ٻڌايان ٿو جي لاءِ نه تون منهنجو ڀڳت آهين ۽ منهنجو
پريتم آهين. سو تون ڌيان ڏيئي ٻڌ. ”جو پدارٿ اچي
تنهنجي خوشي نه ڪجي ۽ جي وڃي ته ڏک نه ڪجي
۽ سمان رهجي.“ ارجن چيو ته هي پريوا! توهان جو
جنم ته هاڻي واسديو جي گهر ٿيو آهي ۽ سورج اڳ
کان ۽ اڳي آهي سو توهان سورج کي اهو گيان ڪڏهن
ٻڌايو؟ سو ڪرپا ڪري مون کي سمجهايو. تڏهن سري
ڪرشن ڀڳوان چيو ته لکو ته هي ارجن! تنهنجي ۽
منهنجي گهڻا ڀيرا جنم ٿي آهي ۽ سي تنهنجا ۽
منهنجون سڀئي جنم مان ڄاڻان ٿو پر تون نٿو ڄاڻين.
مان ڪهڙو آهيان. جنم مرڻ کان پري آهيان، ابناسي
آهيان ۽ سڀني جو آتما آهيان، سڀني ڀوتن پراڻين جو
ايشور آهيان. ان ڪري آهيان جو پنهنجي مايا جو
پاڇو وٺي جنم به وٺان ٿو. سو پاڇو ڇا آهي؟ جيئن
ڪوئي واجا پنهنجي ويس لاهي ٻيو پائي ۽ ان کي ڪڏهن
نه سڃاڻي تيئن ئي مان ديهه ڌاري سنسار ۾ اچان ٿو.
هي ارجنا مان ديهه ڌاري ٿو آهيان، ديهه کان پري
آهيان. منهنجو آتما سون جهڙو آهي جيئن مصريءَ جو
پاسو هجي تنهن ۾ مصري جو شربت هجي تيئن منهنجيءَ
ديهه ۾ آتما هڪ روپ آهي، هي ارجنا مان جنم ڪڏهن
وٺندو آهيان ۽ ڇا جي لاءِ وٺندو آهيان سو ٻڌ.
”جڏهن ڌرم ناس ٿيندو آهي ۽ ادرم ڌرم کي سٽي

ڇڏيندو آهي تڏهن مان ڌرم استاپن ڪرڻ واسطي جنم وٺندو آهيان ۽ پاپين کي ناس ڪندو آهيان ۽ ڀڳتن جي رکيا ڪندو آهيان.“ منهنجا جنم ۽ ڪرم نشچل آهن. سو نشچل ڇا کي چئجي؟ جيئن پيا ديهه ڌاري پورج ۽ رڪت مان پيدا ٿين ٿا تيئن منهنجي اهڙي ديهه نه آهي“ ۽ جيئن پيا ڪرمن جي بنڌن ڪري ديهه وٺن ٿا ارڌڪت ”جهڙا جنهن جيو ڪرم ڪيا هوندا تهڙوئي جنم پائيندو هي اوجنا مان اٿين نه آهيان. مان پنهنجي خوشيءَ مان جنم وٺندو آهيان.“ منهنجو جوتي سروپ آهي. [illegible] ڪرم به اهڙائي آهن. ڪهڙ آهن؟ گجها آهن. جيڪي مان ڪريان ٿو ڪنهن ڪان ڪين ٿيندو. جوته نرسنگهه روپ ڌارڻ ڪري ٿنڀ مان نڪتس ۽ هرناڪش جي ڇاتي جا رڳ ڪان به سخت هئي، سا مون گل وانگر ڦاڙي ڇڏي ۽ گوڪل جي ڀڳتن جي رکيا ڪرڻ لاءِ ست ڏينهن گوردن پهاڙ کڻي هٿ جي ڇيچ تي جهليم ۽ جيڪي مون ڪرم ڪيا آهن سي اهڙا ڪيا اٿم جو ڪنهن جي به ڪرڻ جا نه آهن جيڪو پرش منهنجي ڪرمن ۽ جنمن کي ڄاڻي ٿو سو ابناسي پد ۾ وڃي لئه ٿئي ٿو ۽ جن کي منهنجي چرنن جي ڀڳتي آهي تنجي ڳالهه پڌ. اهي ڪيئي جنم بيراڳي ٿيا آهن ۽ ڪيترائي جنم وئراڳ ورتو اٿن ۽ ڪيئي جنم ڪام ڪروڌ کي ڇڏي ۽ من جو مان ڇڏي مون ۾ ڀڪو وشواش رکيو اٿن ۽ ڪيترائي جنم انهيءَ

ريت سنهنجي ڀڳتي ڪندا رهندا آهن. انهيءَ ڪري "جن جو من شڌ ٿيو آهي تن کي سنهنجي پريما ڀڳتي ملي ٿي" ۽ وري جن کي اهڙي ڀڳتي ملي آهي تن جي واڳ وار ۾ مان واسو ڪريان ٿو. هي ارجن! پيو ٻڌ. جيڪو جنهن ريت سنهنجو ڀڄن ڪري ٿو، جو تنهن ريت مان به ڀڄن ڪريان ٿو. مان ته پنهنجن ڀڳتن سان اهڙو آهيان جهڙيءَ ريت سنهنجا ڀڳت مون سان آهن جي تون ڪٿي چوين "سڀ تنهنجو ڀڄن ڇو نٿا ڪن ۽ ديوتائن ۽ ڏيتن جون پوڄائون ڪن ٿا سو ٻڌ." هي ارجن! ديوتائن جي پوڄا ڪري ماڻهو ڦل وٺن ٿا ته مون کي ڀڄڻ ۽ ڏن ٿئي سو اهي ديوتا انهن جي ڪامنا پوري ڪن ٿا ۽ اهي ديوتا ٿوري پوڄا ڪرڻ ۾ ٿي راضي ٿين ٿا. نڌهن ديوتائن جي پوڄا ڪن ٿا. ۽ مون ۾ انهن جي شرڌا لڳندي جن جون اکيون گيان جي ڏئي سان پٽيلون آهن ۽ جن کي هي سنسار جو ڪارخانو ڪوڙو ٿو ڏسڻ ۾ اچي ۽ مون کي سيڪنهن هنڌ ڏسن ٿا ۽ انهن جي شرڌا مون ۾ لڳي ٿي. هي ارجن! هي جي چار ورن "برهمڻ، کتري، ويش ۽ شودر آهن." سي مون ٿي پيدا ڪيا آهن ۽ انهن کي ڌار ڌار ڪرڻ وارا ڪرم مون ئي ڏنا آهن ۽ انهن چئني ورنن جي ڪرمن ڪرڻ وارو ۽ نه ڪرڻ وارو تون مون کي ڄاڻ. مون کي ڪرم نٿا ٻڌن ۽ نه ته سنهنجي ڪرم ڦل ۾ ئي ڪا واسنا آهي. انهن جو مون کي سمجهي ٿو

تنهن کي ڪرم ٻنڌن ۾ نٿا وجهن. اُهي سمجهي آهي
موڪش چاهيندڙن به ڪرم ڪيا آهن. ان ڪري تون به
جيئن اڳين اڳين ڪيو آهي تيئن ڪرم ڪر. ڪرم
ڇا آهي ۽ اڪرم ڇا آهي؟ انهيءَ ۾ ڏاها به مونجهي
پوندا آهن. ان لاءِ انهيءَ ڪرم جو ورنن مان توکي
ٻڌائيندس، جو ٻڌي تون اشڀ ڪرم ڪرڻ کان مڪت
ٿيندين. هي ارجن! ”ڪرم جي گت سمجهڻ ڏاڍي
ڪٺن آهي“ سو مان توکي ٻڌايان ٿو. هي ارجن!
”ڪهڙو ڪرم آهي، ڪهڙو وڪرم آهي ۽ ڪهڙو اڪرم
آهي.“ تون جي ڳالهه ٻڌ. جيئن شاستر جي آگيا آهي
تيئن سڀاءَ کان آد وٺي ڪرم ڪرڻ تنهن کي ڪرم
چوندا آهن ۽ جي ٻلئي ڀلائي ڪجهن ... وڪرم آهن
۽ جي آلس ڪري يا اڳيان ڪري سڀان کان آد وٺي
سڀ ڪرم ڪرڻ تياڳ ٿا ڪجهن تنهن کي اڪرم
چوندا آهن. جو پرش انهن ٽنهي ڪرمن کي سمجهي
ڪري جيئن شاستر جي آگيا آهي تيئن ڪري سو
ٻڌوان آهي ۽ ست ڪرمي سڏبو آهي. هي ارجن! اها
ڪرم ڪرڻ جي ڳالهه ڪري هاڻي ٻيو ٻڌ. جنهن منش
کي منهنجيءَ ڀڳتيءَ جو گيان اتپت ٿيو آهي گيان
جي ڪري ان کي ڪنهن به ڪرم ڪرڻ جي اڇا نٿي
ٿئي سو ڪام ڪرود کان رهت آهي. گيان اگنيءَ ۾
ان جا سڀ ڪرم سڙي ويا آهن. اهڙو جو ٿئي
تنهن کي وويڪي پرش ۽ پنڊت چوندا آهن. وري

ڪهڙو آهي؟ اهو گيانيءَ پنڊت جنهن سمجهي ڪرم
ڪيا آهن، ۽ ڪرمن جا ڦل به ڀوڳيا آهن سو ڪيئن
وري نئين ڄمڻ جي ترڪ ۾ رهيو آهي. اهڙو جو گياني
آهي تنهن کي ڪڏهن به ڪرم جو ليپ نه آهي اهو
نرليپ آهي ان کي ڪڏهن به ڪرم جو ٻنڌن ڪونهي
نربنڌن آهي. وري ڪهڙو آهي؟ جو هڪ پرميشور
کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي نٿو مڃي، ڪنهن جي آشنا
نٿو ڪري نراس ٿي سنسار جون واسنائون جنهن
ڇڏي ڇڏيون آهن، من کي جنهن جيتي ڇڏيو آهي.
جيڪي ڪري ٿو تنهن جو ان کي ليپ نٿو لڳي،
وري ڪهڙو آهي؟ جو ايشور جي اڳيان جيڪي
ان کي پراپت ٿيندو: آهي تنهن تي سنتشٽ رهندو آهي،
گهڻي مردي هرک شوڪ کان رهت آهي، ڀليءَ بريءَ
وستو سان ٿي ايڪ سمان. اهڙو منش نربنڌن ٿو سڏجي.
هي اوجنا گهڻن پرڪارن جا يگيه ٻڌ. يگيه ۾ ارپڻ
ڪيل برهم آهي، جنهن سان ارپڻ ڪجي اهو به برهم
آهي جنهن ۾ [اگنيءَ ۾] ارپڻ ڪجي اهو به برهم
آهي ۽ جو ارپڻ ڪري ٿو اهو ٻي برهم آهي. اهڙيءَ
طرح برهم ڀڏيءَ سان ڪرم ڪندڙ کي پراپت ٿيندڙ
ڦل به برهم آهي. ڪي يوگي ديوتائن لاءِ يگيه ڪن
ٿا. ٻيا برهم روپي اگنيءَ ۾ برهم روپي هوم سان يگيه
ڪن ٿا. ڪي ڪن وغيره اندرين جو سنجم روپي يگيه
ڪن ٿا. ٻيا وري اندرين روپي اگنيءَ ۾ شبد وغيره

وشين جي آهوتي ڏين ٿا. ڪي يوگي آتما ۾ ايڪا گرتا
روپ اگنيءَ کي گيان دوران پرڪاشت ڪري، اُن ۾
سڀني اندرين ۽ پراڻن جي ڪرمن جو هَوَن ڪن ٿا. ڪي
دان جو يگيه تپسيا جو يگيه، اشٽانگ يوگ جو يگيه،
شاستر اڀياس جو يگيه ۽ گيان جو يگيه ڪن ٿا ۽ ڪيترا
وري ڪٺن ورتن رکڻ وارا جتي يگيه ڪندڙ آهن.
ڪيترا پراڻ کي اپان ۾ ۽ اپان کي پراڻ ۾ هومين
يعني ساهه پساهه ۾ پساهه ساهه ۾ ارپن ڪن ٿا ۽
سدائين پراڻايام پراڻ رهي، پراڻ ۽ اپان جي گتي کي
روڪي رکن ٿا. ٻيا جي نيم پڌو کاڌو کائين ٿا سي
پراڻن ۾ پراڻ ارپن ڪن ٿا. اهي سڀ يگيه ڪندڙ
آهن ۽ يگيه ڪري پنهنجا پاپ دور ڪن ٿا. جيڪي
يگيه جي پرساد جو امرت وٺن ٿا سي سناتن برهم کي
پائين ٿا، يگيه رهت پرش کي جڏهن هي لوڪ ئي نٿو
ملي تڏهن هي ڪورون ۽ سريشٽا پر لوڪ ڪٿان
ملندن؟ ان ريت ويدن ۾ گهڻن قسمن جا يگيه پڌايل
آهن اهي سڀ ڪرم جي اپت جاڻ ۽ ائين جاڻي تون
موڪش کي پائيندين. هي ارجنا ! ڌن ايڪاريءَ جو يگيه
ورتيءَ سان ڏنل دان ۽ جي گيان سان تم ڏنل آهي
تنهن گهڻو سٺري هاڃي تو ڪري، ڇو جو هي پارٿا
سڀ ڪرم گيان ۾ سمايل آهن. اهو گيان گياني ڪي
نمن، پڇڻ ۽ سيوا ڪرڻ سان سک، سو پسند گياني
توکي اهو گيان ڏيندا. هي پانڊوا جنهن گيان کي جاڻي

Soorih Mirani

تون وري ڀڙو موهه کين پائيندين ۽ جنهن ڪري تون سڀ جيو پاڻ ۾ ۽ مون ۾ ڏسندين. جيڪڏهن تون سڀني پاپين ۾ ڪئي مها پاپي هجين ته به ان گيان روپي ٻيڙيءَ جي ڪري تون پاپ جي سمنڊ کان سهجيئي تري پار پوندين. هي ارجن! جيئن ٻرندڙ اگني ڪاٺين کي ڀسم ڪيو ڇڏي تيئن گيان روپ اگني سڀني ڪرمن کي ڀسم ڪيو ڇڏي. سچ! گيان جهڙي جڳت ۾ ٻي ڪا پوتر ڪندڙ وستو ڪانهي. يوگ ۾ سمانتا ۾. پورن منش وقت سر پاڻهي پاڻ ۾ اهو گيان پراپت ڪندو. شرڌا وارو، ايشور ۾ مڪهن، اندريون جيتيندڙ گيان پراپت ٿو ڪري ۽ پوءِ جلد پرم شانتي پائي ٿو. جو اگياني، اشرڌالو ۽ شڪي آهي اهو ناس ٿي وڃي ٿو، جنهن جو من سدائين شڪي رهي ٿو تنهن کي نه ته هي لوڪ ٿو ملي نه پرلوڪ ۽ نه سک. جنهن سمانتا روپي يوگ سان ڪرم ملن جو تياڳ ڪيو آهي ۽ گيان جي ڪري جنهن جا شڪ نورت ٿي ويا آهن تنهن آتم درسيءَ کي ڪرم نٿا ٻڌن. هي ڀارت! هردي ۾ اگيان کان اتپت ٿيل شنڪائون آتم گيان روپي تلوار سان ناس ڪري، نشڪام ڪرم يوگ کي ڪرم ۽ يڌ ڪرڻ لاءِ اٿي کڙو ٿي.

”ات سري ڀڳوت گيتا سري ڪرشن ارجن سنبادي گيان ڪرم سنياس يوگ نالي چوٿون اڌياءُ پورو ٿيو.“

—*—

چوٿين اڌياءَ جو مهاتم

سري نارائڻ ٿو چوي تہ هي لڇمي! جهڙو گيتا جو پاٺ ٿو ڪري تنهن مان ماڻهو ڪهڙو آهيان؟ سو ٻڌ جو ان کي هن ديهہ کان ڇڏائي مڪت پد ڏي موڪلهان ٿو. تڏهن لڇميءَ چيو تہ هي مهاراج! گيتا جي پاٺ ڪرڻ وارن مان تہ توهان اهڙا آهيو پر ڪو مڪت بہ ٿيو آهي؟ تڏهن سري نارائڻ چوڻ لڳو تہ هي لڇمي! مڪت ٿيڻ جي ڪٿا توکي ٻڌايان ٿو تون ٻڌ. ڀاڳيرٿي گنگا جي ڪناري تي ڪاشيءَ جو شهر آهي اتي هڪڙو ويشنو رهندو هو. ان جو نيم اهو هو جو روز گنگا جو سنان ڪري گيتا جي چوٿين اڌياءَ جو پاٺ ڪندو هو انهيءَ ڪري اهوئي ڏڻ هو ٻيو مايا جو جنجال ڪونہ رکندو هو. هڪڙي ڏينهن هو ڪنهن جهنگ ۾ ويو تہ هڪڙا ڏاڍا سهڻا ٻہ وڻ ڏٺائين جتي ڳلن جو تلاءُ بہ ٺهيل هو. اتي هو هڪڙي وڻ جي ڇانو هيٺ ويهي رهيو. اهي ٻئي ڄاڙا وڻ ٻير جا هئا ۽ انهن جي وچ ۾ ٿوري وڇوٽي هئي. اتي ويٺي ان کي ننڊ اچي ويئي اسر جان اچا هن جو هڪڙي وڻ ڪسي پير ۽ ٻئي کي مٿو لڳو تہ اهي ٻئي وڻ

هڪدم ڏکي ڪري پيا ۽ سندن پرڻ سڪي ويا.
پرميشور جي قدرت سان ٻنهي وڃي برهمڻ جي گهر
ڪنيائن جو جنم ورتو. هي لڇمي! اهو جنم ڏاڍي پڄ
ڪرڻ ڪري مليو. انهن ٻنهي ڇوڪرين تپسا ڪرڻ
شروع ڪئي. جڏهن اهي وڏيون ٿيون تڏهن سندن ماءُ
پيءُ چيو ته اسان جي مرضي آهي ته هاڻي توهان جي
شادي ڪجي. ڇوڪرين چيو ته هي پتا! اسان جي من
جي هڪ اڇا آهي جيڪڏهن اها اڇا پرميشور پوري
ڪئي ته ڀلو. انهن ڇوڪرين کي اڳين جنم جي
خبر هئي سو پاڻ ۾ چوڻ لڳيون ته جنهن ساڌوءَ جي
چرنن ڇهڻ ڪري اسان جي مڪتي ٿي آهي تنهن جو
درشن ڪجي. ايترو چئي ٻئي ڇوڪريون ماءُ ۽ پيءُ
کان موڪل وٺي تيرٿن ڏانهن روانيون ٿيون. تيرٿ
ڪري نيمٺ ڪاشيءَ ۾ آيون اتي تپسويءَ کي ڏٺائون
ته ڪنڊ ۾ ويٺو تپسيا ڪري. ٻئي ڇوڪريون نمسڪار
ڪري چوڻ لڳيون ته هي مهاراج! تون تن آهين جو
تو اسان جي مڪتي ڪئي آهي. سنت چيو ته توهان
ڪير آهيو؟ مان ته توهان کي نٿو سڃاڻان. تڏهين
ڇوڪرين چيو ته اسان ته توکي سڃاڻون ٿيون اسان
اڳين جنم ۾ وڻ هيونسين. توهان هڪڙي ڏينهن
جهنگ ۾ آيا هئا اتي اس ۽ گرميءَ جي ڪري توهان
وڻ جي ڇانو ۾ اچي ويٺا. توهان جي سهڻ ڪري توهانجا
چرڻ هڪڙي وڻ کي ۽ ٻئي کي توهان جو هٿ لڳو.

انهيءَ مهل اسانجو اُڌار ٿيو. هاڻي اسان برهمڻ جي گهر جنم ورتو آهي. هاڻي اسان برهمڻيون آهيون ۽ بلڪل سکي آهيون توهان جي ڪرپا سان اسان جو اُڌار ٿيو آهي. تڏهن سنت چيو ته مونکي ان مهل توهان جي خبر ڪانه پيئي. هاڻي ڪا آگيا ڪريو ته مان توهانجي ڪجهه شيوا ڪريان چو ته توهان برهمڻ سري نارائڻ جو مکه آهيو. تڏهن ڪنيائون چوڻ لڳيون اسان کي سري گيتا جي چوٿين اڌياءَ جو ڦلدان ڪر جنهن جي پراپتيءَ ڪري اسان ديوتائن جو جنم وٺون ۽ سکي رهون. تڏهين سنت گيتا جي چوٿين اڌياءَ جو ڦل انهن کي دان ڪيو جنهن جي پرتاپ ڪري آڪاش سان وڃان آيا ۽ اهي ٻئي ڪنيائون ديوتائن جو جنم وٺي وئڪنٺ ڏانهن روانيون ٿيون. سنت چيو ته مون کي گيتا جي چوٿين اڌياءَ جي ڦل جي ڪا سڌ ڪانه هئي ته ڪو ايترو ان ۾ لاڀ آهي، تڏهين پوءِ هو سنت سچيءَ پريت سان ڏهاڙي گيتا جي چوٿين اڌياءَ جو پاٺ ڪندو رهيو. سري نارائڻ چوي ٿو ته هي لڇمي! اهو گيتا جي چوٿين اڌياءَ جي پاٺ جو ڦل آهي.

”ات سري ڀڳوت گيتا جي چوٿين اڌياءَ جو مهاتم پورو ٿيو“.

—*—

سري گيتا جو اڌياءُ پنجون

(ڪرم سنياس يوگ)

ارجن سري ڪرشن ڀڳوان کان پڇڻ لڳو ته هي سري ڪرشن ڀڳوان! مون کي ڪرمن جو تياڳ ۽ سنياس ٻڌايو ۽ ڪرم جو يوگ به ٻڌايو. هڪ ئي ڳالهه نشچي ڇئو جنهن مان مون کي لاڀ ٿئي. تڏهن سري ڪرشن ڀڳوان ٿو چوي ته هي ارجن! سنياس يوگ ۽ ڪرم يوگ اهي ٻئي مُکِ ڏيڻ وارا آهن. ڪرم سنياس کان ڪرم يوگ ڀلو آهي ۽ جي پرش انهيءَ گمان جي ڇاڻ وارا آهن اُهي سنياسي آهن سو ڪيئن آهن؟ جو سڀني ڳالهين ڪري دک کان پري آهن هي ارجن! اهڙا جي آهن

ڀنڌنن کان ڀري سگهي آهن اهي سنسار جي ڀنڌنن
مان مڪت ٿين ٿا! هي ارجن! ڀيو ڀڌ سانکيه کي ۽
يوڳ کي ڀن ڀن اگياني ٻالڪ چوندا آهن. "يوڳ
چنجي منهنجي سمرڻ مان جڙي رهڻ کي ۽ سانکيه چنجي
منهنجي گيان گوشٽيءَ ۽ ڪٿا ڪيرتن ڪرڻ کي، سو
اهي ڀني هڪ ئي آهن" ۽ انهن ڀنهي جو ڦل ٻه هڪ
ئي آهي. جنهن منهنجي پد ۾ سانکيه وارا اچن ٿا تنهن
منهنجي پد ۾ يوگي ٻه اچن ٿا. سانکيه ۽ يوڳ ڀنهي کي هڪ
ڪري ڄاڻ. هي ارجن! سنياس ڇا آهي؟ سنسار جا ڪرم
تياڳ ڪجن ديهه ڪري من ڪري تياڳ ڪجن انهن
جو نالو سنياس آهي. هي ارجن اهو سنياس ڀاڻ برهم
يوڳ کانسواءِ ڪٺن آهي. جڏهن جيو منهنجيءَ ڀڳتيءَ
سان ملي ٿو تڏهن سنسار جي سکن جي گهاڻه ان کان
وسري وڃي ٿي. انهيءَ جو نالو سنياس ڇنجي ٿو."
جيڪو ڀڳتيءَ سان ملي ٿو اهو منهشور آهي سو انهيءَ
سهل ئي برهم کي اچي ملي ٿو. اهڙو پرش يوڳ سان
مليو آهي ۽ جنهن هردو شڌ ڪيو آهي ۽ جنهن پنهنجن
اندرين کي جيتيو آهي ۽ جنهن کي سڀني ڀوت پراڻين
۾ هڪ ئي ايشور نظر آيو آهي جو پرش ڪرم ڪرڻ
وارو آهي ان کي تون ڪرم کان ڀري نرليپ ڄاڻ.
اهو ڇا ٿو سمجهي؟ اهو سمجهي ٿو ته "آءٌ ڪي ڪين
ٿو ڪريان." اکيون ڏسن ۽ ڪن ٻڌن ٿا، نڪ سنگهي
ٿو، ڄڀ سواد ٿي وٺي، ساهه اچي وڃي ٿو، هٿ وٺن

ڏين ٿا، پر هلن ٿا، سمهي ۽ جاڳي ڏيهہ تي جو اهڙيءَ
ريت ڄاڻي ٿو تہ سڀ اندريون پنهنجو پنهنجو ڪم ڪن
ٿيون ۽ مان جو آتما آهيان سو انهن سڀني کان نيارو
۽ پري آهيان جو اهڙيءَ ريت آتما کي ڄاڻي ۽ اندرين
سان ڪرم پيو ڪري انهيءَ کي ڪنهن بہ ڪرم ڪرڻ
جو ڏوش ڪونهي. جو ڪرم ڦل جي اڇا ڇڏي ڪرم
ڪري ٿو ۽ انهن ڪرمن کي برهم جي ارپڻ ڪري
ڏئي ٿو ان کي جيئن ڪمل پتر کي جل ڇهي نٿو
سگهي، تيئن پاپ پسچ سپرش ڪري نٿو سگهي. هي
ارجنا جيڪي يوگيشور آهن سي ديهہ ڪري من ۽
اندرين ڪري ست ڪرم جي ممتا کان آڌ وئي آهن
سي ڪن ٿا پر انهن جو ڦل نٿا گهرن انهن جو من
شانتيءَ کي پراپت ڪري ٿو ۽ جي وري ڦل جي اڇا
رکن ٿا سي بنڌنن ۾ پون ٿا. هي ارجنا! "سدائين سکي
ڪير آهن؟" سا ڳالهہ ٻڌ. "جيڪو پرش آتمان سان
مليو آهي ۽ ڪنهن بہ اندريءَ ڪري ادرم نہ ٿو ڪري
سو سکي آهي" هي ارجنا سان ڪير آهيان سا ڳالهہ
ٻڌ. سنسار کي اتپت ڪندڙ آهيان ۽ پالنا ڪريان ٿو
پر مان ڪجهہ نٿو ڪريان جو تہ اهي منهنجيءَ مايا جا
سڀاءُ آهن. هي سنسار مايا جو کيل آهي منهنجو سنسار
سان ڪوئي بنڌن ڪونهي ۽ نہ مان ڪنهن کان پاپ
ڪرايان ٿو نہ پن. اگيان ڪري جيون جو گيانُ
نشٽ ٿي ويو آهي. انهي گيان ڪري ٿي جيو موهجي

ويا آهن. جيڪو مونکي نيارو ڄاڻي ٿو انهيءَ کي
ڪڏهن به اگيان نه ٿيندو جيئن سورج کي اولده ڪانهي
تيئن گيائي نرليپ آهن. هي ارجنا وري مون کي ڪهڙو
نيارو ڄاڻي؟ نه هي پربوا تون نرليپ آهين ۽ مون ۾
پريت رکي ۽ منهنجيءَ شرن ۾ اچي هر هر منهنجو ڀڄن
ڪري. هي ارجنا اهو منهنجي ابناسي پد ۾ وڃي ملي
ٿو. اني وڃڻ ڪري وري گرڀ ۾ نٿو اچي اهو پورن
گياني آهي. اهڙو جو برهمڻ هجي ڪهڙو؟ جنهن جو
جنم چڱي گهر ۾ هجي ۽ وديا ۾ به پورن هجي انهيءَ
"برهمڻ کي وديا جو ۽ جنم جو گرڀ نه هجي" ۽ سڀ
سان نهٽائي، ساڌ برهمڻ گئو هاٿي ڍور ڪتا چنڊال،
وڏو ننڍو ان جي پاڻي هڪ جهڙو هجي تنهن کي پنڊت
چئجي. وري ڪهڙو آهي؟ آتما برهم آهي. اهڙي جنهن
کي نگاهه آهي اهو جنم مرڻ جي ٻنڌن کان ڇٽو وري
ڪهڙو آهي؟ "چڱيءَ شيءِ ملڻ ڪري خوش نه ٿئي
۽ مديءَ تي رنج به نه ٿئي". اهڙو جو آهي برهم
کي هڪ نگاهه ڏسڻ وارو جنهن جي هردي ۾ ڪچ
به اگيان ڪونهي ٻاهرين اندرين جي سک جو خيال
هن کان پلي ويو آهي ۽ آتما جي سک ۾ مگن آهي،
تنهن ابناسي ۽ اکنڊ سک پاتو آهي اهو اندرين جي
ڀوڳ ۾ نه ٿو ملي اندرين جا ڀوڳ دک ڏيڻ وارا
آهن ۽ انهن جو ڪوڙو سک آهي سو انهن جو سک
ڇڏي آتما جو سک ڀوڳي ٿو جنهن کي اڳي جنم

ڪونهي تنهنجي ڳالهه ٻڌ. جيئن ول مان هڪ سنگ
ڪري ڏسجي ته سڀ داڻا ڳنڍ آهن جي انهيءَ ۾ ڪو
داڻو ڪچو هوندو ته سڀ ڪچا داڻا هوندا. انهيءَ
ويت جنهن ڳيانيءَ کي ڪام ڪروڌ ڪونهي تنهن
کي ورِي جنم نه ملندو. ”جنهن ڪام ڪروڌ ٻئي
دشمن جيتيا آهن“ تنهن جڳهه جي يوگ کي پاتو. ”اهو
منسار ۾ مڪي آهي“. ان کي ڪام ڪروڌ ڇهو نٿو
ٿئي سو ٻڌ. آتما جو جوتي سروپ آهن تنهن سان وچي
مليو آهي. انهيءَ آتما سان ملڻ ڪري جو نر ٻاڻ پد
آهي تنهن ۾ وچي هو مڳن ٿيو آهي. انهيءَ ڪري
ان کي ڪام ڪروڌ نٿو ٿئي ۽ ان جي ٻي سڀ نگاهه
دور ٿي آهي اهو برهم درشي ٿيو آهي. ڪام ڪروڌ
جنهن کي ڪونهي سو جوتي سروپ برهم نر ٻاڻ مڪ
۾ مڳن ٿيو آهي. جو جيون مڪت اوٿات ديهه سان
مڪت آهي. تنهنجي ڳالهه ٻڌ. ”جنهن ٻاهريون اندريون
واسنائن کان پري ڪيون آهن ۽ اکين کي ترڪٽيءَ
۾ تيان رکي ۽ پران ڳنڍ ڪري ناسڪا ۾ آئي. اهڙو
جنهن پراڻايام ڪيو آهي ۽ اي ڪا جنهن کي ڪامنا
ني ڪاڻهي ۽ نه ڪنهن جو ڀؤ ۽ نه ڪروڌ. اهڙو
جو منهنجو ڀڳت آهي سو جنهري ني مڪت آهي هي
ارجنا هاڻي ٻڌو ٻڌ. ڪيئي ڪوٽ تپسيا ڪن ۽ يگيه
به ڪن سي انهن يگن جي ڀوڳڻ وارو ٻاڻ آهي ۽
سڀني جو ايشور ۽ سڀني پرت پراڻين جو متر اهڙو ته

پريو آهي. جيڪو اهڙو ڇاڻي ته سري ڪرشن ڀڳوان اهڙو آهي ته انهن جو ڦل ڇا ٿو ٿئي پرمانند ابناسي پد پائي ٿو.

”اِت سري ڀڳونت گيتا سري ڪرشن ارجن
سنبادي ڪرم سنياس يوگ جو پنجون
اڌياءُ پورو ٿيو.“

پنجين اڌياءَ جو مهاتم

سري نارائڻ ٿو چوي ته هي لڇميءَ هڪڙو برهمڻ پنگل نالي پنهنجي ڌرم کان ڀرشٽ ٿـي ڪسنگت ۾ وڃي ماس کائڻ، شراب پيئڻ ۽ جوا ڪرڻ لڳو. انهي برهمڻ کي سندس ڀائرن نيات مان ڪڍي ڇڏيو تڏهن اهو برهمڻ پنهنجو ملڪ ڇڏي ٻئي ڪنهن ملڪ ۾ وڃي ويٺو. نيٺ وڃي راجا وٽ نوڪر بيٺو ۽ جڏهـن راجا وٽ گهڻا ڏينهن رهيو تڏهن ماڻهن تي چغليون هڻڻ لڳو ۽ ڏنوان به ٿي پيو. اتي پنهنجي شادي ڪيائين. زال اهڙي مليس جهڙو پاڻ هو. پنگل چوپس ته ڀاهر

نہ وڃ تہ هوءَ ٻاهر هلي وڃي ۽ جي چويس تہ ڪپڙا
ڪر تہ هوءَ ڪپڙا نہ ڪري. مطلب تہ جيئن چويس
تنهن جي ابتڙ هلي. جنهنڪري ڏهاڙي مار ڏيندو هوس.
هڪڙي ڏينهن ڏاڍو ماريائينس تڏهن جوڙس تمام دکي
ٿي ۽ دل ۾ دغا رکي مڙس کي زهر ڏيئي ماري ڇڏيو.
پوءِ ان برهمڻ گدڙ جو جنم پاتو. ڪيترن ڏينهن کان
پوءِ اها زال بہ مري ويئي ۽ وڃي طوطيءَ جو جنم
پاتائين ۽ طوطي جي زال ٿي. هڪڙي ڏينهن طوطي
طوطيءَ کان پڇيو تہ هي طوطي، توکي هي جنم ڪيئن
مليو ۽ اڳئين جنم ۾ تون ڪير هئينءَ؟ طوطيءَ چيو تہ
اول تون ٻڌاءِ تہ پوءِ مان توکي ٻڌايان. طوطي چيو تہ
مان اڳئين جنم ۾ برهمڻ هوس ۽ پنهنجي گروءَ جي
آگيا نہ مڃيندو هوس. منهنجو گرو وديا وارو هو. ان
وٽ ٻيا بہ ڪيترا وديارٿي پڙهندا هئا. گرو ڪنهن ٻئي
چوڪري کي وديا جي سکيا ڏيندو هو تہ مان وچ ۾
جواب ڏيئي ويهندو هوس. مون کي ڪيترا ڀيرا گروءَ
سمجهايو پر مان مڃيندو ئي ڪين هوس. هڪ ڏينهن
ٻڌهن وچ ۾ جواب ڏنم تڏهن گروءَ ڪاوڙجي مونکي
سراپ ڏنو تہ وڃي تون طوطو ٿيءُ. انهيءَ ڪري مون
طوطي جو جنم پاتو آهي. هاڻي هي طوطي! تون پنهنجي
ڳالهہ ٻڌاءِ؟ طوطيءَ چيو تہ مان اڳئين جنم ۾ برهمڻي
هيس. جڏهن مون شادي ڪئي تڏهن مان پتيءَ جي
آگيا نہ پاليندي هيس. هڪ ڏينهن پتار مون کي جڏهن

ڏاڍي سـار ڏني تڏهن مون ڏاڍي دک ڪان ڪروڌ ۾
پرجي زهر ڏيئي ماري ڇڏيومانس. ڪمترن ڏينهن ڪانپوءِ
مون به ديهه ڇڏي تڏهن مون کي جم جي دوتن وٺي
وڃي هڪڙي وڏي نرڪ ۾ وڌو. ڪيترائي نرڪ ڀوڳائي
هاڻي مونکي طوطيءَ جو جنم ڏنائون. طوطي ٻڌي چيو
ته تون وڏي پاپڻ آهين جو تو پنهنجي پتيءَ کي زهر
ڏيئي ماريو. تڏهن طوطيءَ چيو ته نرڪن جا ڏک به ته
مون ئي ڏٺا آهن. هاڻي مان پتيءَ جو قدر ڄاڻان ٿي.
هڪڙي ڏينهن اها طوطي جنهن ۾ ويٺي هئي ته اهو
گدڙ بـ اتي اچي نڪتو. گدڙ طوطيءَ کي سڃاتو ۽
چيائين ته اها ساڳي منهنجي زال آهي جنهن مون کي
زهر ڏيئي ماريو هو. اٿين ڇٽي طوطيءَ جي مارڻ لاءِ
ويو پر طوطي هن کي ڏسي اڏي ويئي. اڳيان طوطي ۽
پٺيان گدڙ. طوطي ڀڄندي ڀڄندي هڪڙي مسان ۾
نڪتي ڪري پيئي. ان مهل ان مسان ۾ هڪڙي
سادوءَ کي ڏاگهه ڏيئي ڇڏيو هئائون ان سادوءَ جي
کوپري برسات جي پاڻيءَ سان ڀري پيئي هئي. طوطي
به ان ۾ وڃي ڪري. ايتري ۾ گدڙ بـ اچي پهتو ۽
طوطيءَ کي مارڻ لڳو. انهيءَ کوپريءَ جي پاڻيءَ سان
انهن ٻنهي جي ديهه ڌوپي ويئي ۽ پاڻ ۾ وڙهندي وڙهندي
مري ويا ۽ ليڪ ديهه ڇڏي ديوتائن جي ديهه پاتائون.
آڪاش مان وان آيا انهن ۾ چڙهي وئڪنٺ ڏي ويا.
تڏهن طوطيءَ پڇيو ته هي گدڙا مون اڙو کهڙو پيو

ڪمو آهي جنهنڪري ونڪنٺ ڏي ٿي هلان؟ گدڙ
چيو ته مان جنم کان پاپي آهيان مون کي ڪابه انهيءَ
جي خبر نٿي پوي. ايتري ۾ هئي ترمراءِ جي پريءَ ۾
ويا ترمراءِ چيو ته هي گدڙ! تون اڳين جنم ۾ ڪير
هئين؟ گدڙ چيو ته هي مهاراج! مان برهمڻ هوس.
مون کي پاڻرن نيات مان ڪڍي ڇڏيو هو. پوءِ مان
پرديس ۾ وڃي ويٺس ۽ اتي مون شادي ڪئي ۽ مون
کي پاپڻ زال ملي جنهن مونکي زهر ڏيئي ماري ڇڏيو
۽ پاڻ به مري ڪري طوطي ٿي ۽ مان گدڙ ٿيس.
مون جهنگ ۾ هن کي سڃاتو ۽ هن کي مارڻ لڳس.
هوءَ ڀڄندي مسان ۾ هڪڙي ماڻهوءَ جي کوپريءَ ۾
ڪري پيئي. اها کوپري پاڻيءَ مان ڀريل هئي. مان به
اتي اچي پهتس. اهو پاڻي اسان ٻنهي جي بت تي اچي
لڳو ۽ پاڻيءَ جي لڳڻ ڪري اسان جي ديهه ديوتائن
جهڙي ٿي پيئي ۽ اسان کي ووان ۾ چاڙهي ونڪنٺ
ڏانهن وٺي هليا. اسان کي خبر نٿي پوي ته اسان جو
اڌار ڪهڙي ريت ٿيو. ترمراءِ چيو ته اها کوپري
هڪڙي ساڌوءَ جي هئي. اهو ڏهاڙي گنگا ۾ سنان ڪري
گيتا جي پنجين اڌياءُ جو پاٺ ڪندو هو ۽ اها کوپري
پوتر هئي جنهن جي جل ڇهڻ سان توهان ونڪنٺ ڏي
ٿا وڃو. پوءِ ترمراءِ پنهنجن پارکدن کي حڪم ڏنو
ته جيڪو پرش گنگا ۾ سنان ڪري ۽ گيتا جو پاٺ
ڪري ته انهيءَ کي منهنجي پڄڻ ڪالسواءِ ٿي ونڪنٺ

ڏي وٺي وڃو ؛ جيڪي سنتن جي سيوا ڪن ٿا انهن
کي بہ وئڪنٺ ڏي وٺي وڃو. اهي ڀارڪڊ انهن پنهي
کي وئڪنٺ ڏي وٺي ويا. سري نارائڻ ٿو چوي تہ
هي لڇميا اهو گيتا جي پنجين ادياءَ جو مهاتم آهي.

”اتِ سري ڀڳونت گيتا جي پنجين ادياءَ جو
مهاتم پورو ٿيو.“

سري گيتا جو اڌياءُ ڇهون

(ڌيان يوگ)

سري ڪرشن ڀڳوان ٿو چوي ته ”هي ارجن! جو منش فرضي ڪرم ڪري ٿو ۽ ڦل جي اڇا نٿو رکي ان کي سنياسي سمجهه ۽ اهوئي يوگي آهي. هي ارجن! جٽائن رکڻ ڪري ۽ رک مکڻ ڪري ۽ باهه جي وچ ۾ وهڻ ڪري سنياس نه آهي.“ هي ارجن! جنهن کي سنياسي چون تنهنکي ئي يوگي سمجهه. جنهن مَن جا سنڪلپ نه تياڳيا آهن سو ڪڏهن به يوگي ٿي نٿو سگهي جو يوگ پڄائي ٿو تنهنجي لاءِ ڪرم اپاءُ آهي، جنهن يوگ پڄايو آهي تنهن لاءِ شانتي ساڌن آهي. جڏهن منش اندرين جي وشين يا ڪرم سان سنگ نٿو رکي ۽ سڀ سنڪلپ تياڳي ٿو تڏهن هو يوگ ۾ پڪو چئجي

تو يوڳي اهو آهي جنهن پنهنجي آتما جو آڌار ڪيو آهي.“ اهو سنسار جي وشين کي نٿو ڏسي. ان جي ڀائي سڄڻ ۽ دشمن سڀ پنهنجو آتما ئي آهي. جن جو پنهنجو آتما وشين ڪان پري ڪين آهي ۽ پنهنجو من موں ۾ لڳايو آهي تنجو متر آتما ئي آهي. جن مونکي وساري پنهنجو آتما وشين ۾ لڳايو آهي تنجو آتما دشمن آهي. جن پنهنجو آتما وشين ڪان پري ڪري ڀار برهم ابناسيءَ سان لڳايو آهي سو پرم شانت پد کي پراپت ٿيندو ۽ ان کي سک دک ڪجهه نه ٿيندو ۽ منهنجيءَ ڪرپا سان ڪوئي دک ان جي ويجهو نه ايندو. هو آڌر ڪري خوش نٿو ٿئي ۽ نرآڌر ڪري رنج نه آهي. ”پنهنجو ڀاڻ کي سڃاڻڻ گيان چئبو آهي ۽ ايشور کي سڃاڻڻ وگيان چئبي ٿو.“ اهي ٽئي تيرهين اڌياءَ ۾ چوندس. سو انهيءَ گيان ۽ وگيان روپي امرت کي پي يوڳي لوڪ ترپت ٿيندا آهن سو ڪيئن؟ اندرين کي روڪي سدائين ايڪ وس هوندا آهن. ”مٽي ۽ سون، متر ۽ شترو، پاپ ۽ پنج انهن لاءِ سمان آهي. اهي يوگ جا لڇڻ آهن. جيڪو يوڳي ٿيڻ گهري سو ائين ڪري.“ اهو ڀهريائين ايڪانت ۾ هڪڙي چار آڱر اوچي ٽلهي ٺاهي تنهن تي چيٽي جو ليپو ڀائي تنهن تي ڏڀ وڇائي تنهن جي مٿان مرگهه ڇالا وجهي مٿانس ڌوتل ڪپڙو وڇائي اهڙي شڌ آسڻ تي پلٿي ماري ويهي. من کي نشچل ڪري اندرين کي وس ڪري مٿي کي سڌو ڪري

ويهي هيڏي هوڏي ڪيڏانهن به. ڪين نهاري فقط آتما
کي پرماتما سان ملائي ڪنهن جو به ڀؤ نه ڪري چت
کي ڏرڍ ڪري من جو نشچو هڪو مون ۾ رکي
انهيءَ ريت مونسان ملي نرواڻ پد پائي. هي ارجنا ههو
پد. جو پهت پري به نه ڪائي، ٻن گرهن جي ٻک
ڪري جيئن سواس ڇڳيءَ طرح هلن، آلس ني نه سکهي،
جتي نه پائي ۽ ڌرتيءَ ڏي نگاهه ڪري هلي جيئن ڪو
جيت جنتر پيرن هيٺان نه اچي ۽ ڪنڊو منڊو به نه
لڳي ۽ اشد جاءِ تي به پير نه ڌري. هي ارجنا فقط
جاڳڻ به يوگ نه آهي ۽ نه سمهڻ ئي يوگ آهي "ڀريون
۽ ڀويون ڀر جاڳي" اهڙي ريت يوگيءَ کي يوگ
پراپت ٿيندو آهي ۽ آروڳي رهندو آهي. اهڙي يوگ
جو نالو دک ناسڪ يوگ آهي. گياني پرش يوگيءَ
جو من جڏهن آتما سان ملي ٿو تڏهن ان جي من کي
ڪنهن به طرح جي اڇا نٿي ٿئي انهيءَ کي يوگ جڳت
ٿيندا آهن. يوگيءَ لاءِ ايڪانت ۾ ويهڻ چو چيو ائن
سو پڌ. جيئن ڏيئو هوا ۾ نه رکبو ته ان جي
روشني به اسٿر رهندي ۽ وسامندو به ڪين. پر جي هوا
۾ رکبو ته ان جي روشنائي ڏاسي ۽ وسامڻ جو به
ڀؤ. انهيءَ ڪري يوگيءَ جو ايڪانت ۾ رهڻ ٺيڪ ويو
آهي ۽ وري ايڪانت ۾ ويهي منهنجي يادگيري ڪري
ته يوگيءَ جو چت مون ۾ نشچل ٿيندو. پوءِ هن کي
آتما جو درشن ٿئي ٿو. آتما جي درشن ڪري ڏاڍي

سگهي ٿي تپ کي ڀاڃي ٿو. آتما جي درشن جو سک ڪهڙو
آهي؟ ابناسي ٿي تنهن سک کي چاکي ٿو. انهيءَ سک
کي ٻڌ چاکي ٿي اندرين ادهيءَ سک کي نٿيون چاکن.
جنهن سک جي ڀاڃڻ ڪري هٿيارن سان وڍجي ۽ ٻاهه
۾ سڙي تڏهن به هن کي ڪو ڏک نٿو لڳي. انهيءَ
جا ساکي پرهلاد ڀڳت جهڙا آهن. پرهلاد ڀڳت کي
سندس پتا هرناڪش انيڪ پرڪارن جا ڪشٽ ڏنا
تڏهن به پرهلاد ڀڳت کي ڪنهن طرح جو به ڏک نه
لڳو. اهڙو سک آهي جنهن سک ڀاڃڻ ڪري سڀئي ڏک
دور ٿي ٿا وڃن سو اهڙو سک لڏان يوگ سنسار کان
پري ٿي ڪري اوس ڪرڻ گهرجي. آهستي آهستي مونکي
ٻڌ سان پراپت ڪجي ۽ آتما سان ملجي ۽ پوءِ ڪجھ به
ڪين ياد ڪجي. "هي من چنچل آهي جنهن جنهن ڳالهه
کي ياد ڪري تنهن تنهن ڳالهه کان هٽائي ان کي
آتما سان لائڻ کپي." جڏهن من وڃي آتما سان ڳڏيو
تڏهن پرم شانت سک کي پائيندو. جن اهڙيءَ ريت
مايا کي پري ڪري يوگ کي ڄاتو آهي سي ڪڏهن
به لٽا پٽڪن ۽ اهي پاڻ ۾ پاڻيهي استر ٿيا پاپ انهن
جا سڀ سڙي ويا. انهن جلدي يوگ کي ڀاڃي ورتو.
انهن کي اتم سک مليو ۽ برهم جو پرڪاش ٿي پيو.
انهيءَ آتما جو سنگ ڪري پرم سک کي پراپت ڪيو.
انهيءَ سک ڪري انهن سڀ کي پاڻ ۾ ڏٺو ۽ پاڻ
کي سڀ ۾ ڏٺائون ۽ پو ڪجھ به نه ڏٺائون. آتما

کي سمان ۽ ڀاڻ ۾ برهم کي ڏٺائون. ڄڳت ۾ نرمل ڀوڳ ڀاڳائون اهو برهم جو پرتاپ آهي. هي ارجن! سڀ ڀوت پراڻي انهيءَ کي ڀاڻ ۾ نظر آيا ۽ سڀني ڀوتن پراڻين ۾ هن کي پنهنجو آتما ڏسڻ ۾ آيو ۽ ان جي اهڙي ته سمان درشٽي ٿي پيئي جو مون کي به ڀاڻ ۾ ڏٺائين. ۽ سڀ ۾ مان آتما برهم کي ڏٺائين ۽ سڀ ڀوت پراڻي منهنجي وراٽ سروپ ۾ جو ڏسي ٿو تنهن کان مان پري نه آهيان. مان ۽ هو هڪ روپ آهيون. سڀني ڀوتن پراڻين ۾ مون کي ڏسي منهنجو ڀڄن ڪن ٿا ڪهڙو ڀڄن؟ سو ڀڏ "هي سوامي! هي ناٿ! هي پرڀو! هي پرماتما! هي پرميشورا هي پار برهما پورڻ، مڌسودن ماڌو، گوبند، گوپال، نرنجن، نارائڻ، هري، ايشور، اڇت ابناشي، انترجامي، سرو وياپي، سرو شڪتيوان، داتار، ديالو، ڪرپالو، دين بنڌو، ديناناٿ، دين ديال، دک ڀنجن، پت هرڻ، اناٿن جا ناٿ، نٿاوان دي ٿاو، نٽ اوٽن جي اوٽ، نه آسري دا آسرا، نه پتڻان جي پت، نه ٽيڪن جي ٽيڪ، نڌارا آڌار، بي وسيلن جا وسيلا، بي واهن جي واهه ڇاڙهي چاڙهار، حاضران حضور، شاهن جا شاهه، بي پرواه، ڀڳت وڇل! منهنجو توکي وارون وار نمسڪار آهي. مان تنهنجي شرن آهيان، تنهنجو برد آهي شرن پئي جي رکيا ڪرڻ. تون ڪهڙو آهين؟ پتت پاون آهين. تون منهنجي گڻ اوگڻ کي نه ويچار. منهنجا ڪيا گناهه ڪٽ جيئن پتا پتر جو ۽ پتي ناريءَ

جو اپراڌ ڪيا ٿو ڪري تيئن تون به منهنجو اپراڌ
ڪيا ڪر. ڪرڻ ڪرائڻ وارو تون ئي آهين. مان
ڪجهه به نه آهيان. سڀ ڪجهه تنهنجي هٿ ۾ آهي.
جيڪي تون ڪرين ٿو تنهن ۾ منهنجو ڀلو آهي. تون
مون کي ڏک ۾ ڌيرج ڏي ۽ سک ۾ سنتوش ڏي.
ڪام آدي وڪارن کان رکي وٺ. جهڙيءَ طرح گج
کي گراهه کان بچايئه تهڙيءَ طرح منهنجي به لڄا رک
پنهنجي مايا کان ڇڏاءِ، گيان پراپت ڪراءِ، سادن جو
سنگ ڏي، پورڻ گرو ملاءِ، لوڪ پرلوڪ سهيلو ڪر.
اها دَيا ڪر جو سواس سواس تنهنجو نام جپيندو رهان.
اهڙو جيڪي ڀڄن ڪن ٿا سي جنم مرڻ ۾ وري نه
ايندا. انهن کي ڇا ڪرڻو آهي سو ٻڌ. هي ارجن!
جيئن پنهنجيءَ آتما کي سک ڏک اڳيان ڄاڻي تيئن
ٻين کي به ڄاڻي. انهن سمجهي ڪنهن کي به ڏک نه
پهچائي ۽ سڀني کي سک ڏيندڙ ٿئي. سڀني يوگين کان
اهڙو يوگي اتم آهي. ارجن سري ڪرشن ڀڳوان کان
پڇڻ لڳو ته هي مڌ سودن! اهو يوگ جو توهان
مون کي ٻڌايو سو يوگ ته مون ۾ ڪونهي ۽ مان
وري اهڙو يوگ ڪري به نٿو سگهان. هي ڀڳوان!
من ڏاڍو چنچل آهي ۽ مست هاٿيءَ وانگر پهلوان آهي.
اهڙي من کي قابو ڪرڻ، مان هوا کان به مشڪل
ڪري ٿو سمجهان. ارجن جي پرشن جي اتر ۾ ڀڳوان
چوي ٿو ته هي ارجن! انهيءَ ڳالهه ۾ ڪو شڪ

لاهي ته من ڏاڍو چنچل آهي ان کي ولي نٿو سگهجي
پر هن من کي ولڻ جا اپاءُ به آهن. ڪهڙا؟ سي ٻڌ.
"مون ۾ پريت رک ۽ سنسار جي واسنائن کان پري
رهه اهي به اپاءَ آهن. انهن اپاون سان من نشچل ٿئي
ٿو" ۽ جنهن مون سان پريت نه رکي آهي ۽ سنسار
جي واسنائن کان پري نه ٿيو آهي اهو مون کي نه پائيندو
جنهن اڀياس ڪري من مون سان نه لاتو آهي انهيءَ کي
يوگ ڪٿان ملندو؟ اڀياس انهيءَ کي چئبو آهي ته
"جڏهن منهنجي پوڄا کان سواءِ من ڪجھ ٻيو سمري
تڏهن انکي هڏيءَ سان هڪڙي مون منجھ لڳائي. انهيءَ
جو نالو اڀياس آهي." جي اڀياس ۽ ويراڳ سان مون ۾
مليا آهن انهن کي يوگ پائڻ سولو آهي. اڀياس ۽ ويراڳ
ٻئي اپاءَ من کي جيتڻ جا آهن." ارجن سري ڪرشن
ڀڳوان کان پڇڻ لڳو ته هي پڀو! "جنهن توهان سان
يوگ جوڙيو آهي ۽ ديهه ڇڏڻ مهل ان جي شرڌا ڀڄي
پريت توهان جي يوگ کان ڇڄي ڪنهن ٻئي پاسي ويئي
ته" اهو يوگ جي مڪتيءَ کي ته ڪين پراپت ٿيو.
هي ڀڳوان! اهو ڪهڙيءَ گت کي پراپت ٿيو ۽ اهو
توهان جي يوگ کان ڀرشٽ ٿيو يا نه؟ "انهيءَ جي
ساري ڪمائي اجائي وئي يا نه" جيئن برسات اچي ۽
ڪنهن پاسي کان هوا لڳي ته اهي بادل ڪي ڪيڏانهن
ڪي ڪيڏانهن وڃن ٿيئن انهن بادلن وانگر انهيءَ
يوگيءَ جو يوگ ٿيو يا نه؟ هي پڀو! سو توهان جي

يوگ کي تہ نہ پھتو. توھان جو برھم پد جو آھي تنھن
پد کان ھو ڦري ويو. انھيءَ جي گت ھڏايو. ڪرپا
ڪري منھنجي من جو سنسو مٽايو. سري ڪرشن ڀڳوان
ٿو چوي تہ ھي ارجن! انھيءَ يوگيءَ جو يوگ تـون
ناس نہ سمجھہ. ھي ارجن! جنھن منھنجو ھڪ ڀيرو بہ
نالو نہ ورتو آھي ۽ نہ مون کي نمسڪار ڪيو آھي.
مان جو ست پرش ابناسي آھيان سو ڪلياڻ روپ آھيان
يوگيءَ جو من انت ڪال مھل منھنجي يادگيري ڇڏي
ٿي ڀاسي ويو تنھن جي گت ھڏ. جنھن سرڳ پائڻ
لاءِ لوڪ وڏا دان ڪندا آھن ۽ يگيہ ڪندا آھن ۽
ڀڻ تپسيائون ڪندا آھن اھو سرڳ منھنجي يوگيءَ کي
ڏنو آھي سو اھو ڀرشٽ يوگي سرڳ پائي ٿو تنھن
”سرڳ جو وستار“ ھڏ. اتي ديوتا رھن ٿا ۽ اتي نڪا
ڪنھن جي زال آھي نڪو ڪنھن جو مڙس آھي.
اتي اپسرائون ڀوڳ لاءِ آھن جن جي سرير ۾ ڏاڍي
سڳنڌي آھي ۽ ڪندرپ راڳ ڪرڻ وارا آھن ۽ کائڻ
لاءِ امرت آھي ۽ سنگھڻ لاءِ گل آھن، پھرڻ لاءِ ديوتائن
جا ڪپڙا آھن ۽ نانا پرڪارن جا ديوتائن جا ڀوڳ آھن
اتي يوگ ڀرشٽ ٿو وڃي جڏھن اھي ڀوڳ ڀوڳي
بس ٿو ڪري تڏھن وري اھي منش لوڪ ۾ جنم
پائي ٿو. برھمڻ يا ڪتريءَ جي گھر ۾. جنھن ٿورا
ڏينھن يوگ سادنا ڪئي ھجي ۽ مرڻ مھل يوگ کان
ڀلجي ويو ھجي اھو سرڳ جا ڀوڳ ڀوڳي برھمڻ
۾

يا ڪنهن شاهوڪار جي گهر ۾ جنم پائي ٿو ۽ وري يوگ جي ساڌنا ڪري ٿو. جيئن ڪو ڪم ڪندڙ ماڻهو سمهي پوندو آهي ۽ جڏهن اٿندو آهي تڏهن اٿي وري پنهنجو ڪم ڪندو آهي. اهڙيءَ ريت ان جي من ۾ يوگ اڀيت ٿئي ٿو تڏهن مون سان يوگ جوڙي منهنجي ابناسي پد ۾ وڃي پراپت ٿئي ٿو. جنهن يوگ جي ساڌنا ڪئي ۽ مرڻ مهل يوگ کان بگڙي ويو تنهن جو وستار ڇهم. جن گهڻن ساڌنا ڪئي هجي ۽ مرڻ مهل من چلائمان نه ٿئين تن جي ڳالهه پڌ اهي يوگي سرگ جا ڀوگ ڀوڳي وري جنم پائين ٿا. اهي وڏيءَ پڌ وارا منهنجي مهما ڄاڻڻ وارا اهڙا جي منهنجا يوگي آهن وري انهن جي گهر ۾ جنم پائين ٿا. اتي جنم وٺي باقي رهيل يوگ جو اڀياس ڪن ٿا ۽ ڪنهن به تڪليف کان سواءِ انهن جو اڀياس ٿئي ٿو. جهڙي اڳئين جنم ۾ انهن جي پڌ هئي اهائي پڌ وري هنن کي ملي ٿي. سو هي ارجنا يوگ جو اڀياس انهن کان پاڻهي پيو ٿئي. اهي يوگي منهنجيءَ مهما کي ڄاڻڻ لڳا ۽ مون سان سهجي ئي اچي مليا ۽ سڀني پاپن کي ناس ڪري منهنجي يوگ جي ساڌنا کي پراپت ٿيا. هي ارجنا هن يوگ جي وستي جي خبر هڪ جنم ۾ نٿي پوي گهڻا جنم هرهر وٺي يوگ ڪندا آهن تڏهن اهي پرم پد ۽ ابناسي نگر ۾ وڃي پراپت ٿين ٿا. تپسويءَ کان يوگي مٿي آهي، گيانيءَ کان به هو مٿي

سمجهجي ٿو، ساڳيءَ طرح ڪرم ڪانڊيءَ کان به مٿي آهي. تنهنڪري هي ارجنا تون يوڳي ٿيءُ. سڀني يوگين ۾ جي به مون ۾ من لڳائي، مون کي شردا سان ڀڄن ٿا، تنهن کي آءٌ سرو سريشٽ يوگي سمجهان ٿو.

”اِت سري ڀڳونت گيتا سري ڪرشن ارجن، سنباد ڌيان يوگ نالي ڇهون اڌياءُ پورو ٿيو.“

—*—

ڇهين اڌياءَ جو مهاتم

سري نارائڻ ٿو چوي ته هي لڇمي! گوداوري تيرٿ جي ڪناري تي هڪ نگر آهي. اتي جي راجا جو نالو سرت هو. اهو راجا ڌرمي هو. ڌرم ارٿ ڪام ۽ موک انهن جو ساڌيندڙ هو. ۽ ان جي پرجا به ڌرمي هئي. راجا ۽ پرجا ٻنهي جي وڏي مهما هئي. هڪڙي ڏينهن انهيءَ نگر ۾ هنس اڏامندي اچي نڪتا. انهن مان هڪڙو هنس ويهندي شرط وري اڏامي ويو تڏهن نگر جي ٻنڌن پڇيس ته هي هنسا ڇو تون سڀني کان جلد راجائيءَ جي ڪري اُٿي اڏامي وڃين ٿو، ڀانءِ ته تو کي راجائيءَ جي ڪري سڀني کان اڳ ۾ سرڳ ملندو؟

تڏهن انهيءَ سردار هنس چيو ته هي ٻنڌنوا هن راجا کان هڪڙو رشي آتم آهي ۽ اهو وڪنٺ جو اڌڪاري آهي. وڪنٺ سرڳ کان مٿي آهي. اها ڳالهه ٻڌي راجا دل ۾ خيال ڪيو ته مون کان هنجو پيچ وڏو آهي جو وڪنٺ ويندو ۽ هنس به هن جي تعريف ٿو ڪري اهو خيال ڪري چوڻ لڳو ته انهيءَ مهاتما جو درشن ڪرڻ گهرجي. راجا انهيءَ هل رٿ ڪهرائي رشيءَ جي درشن ڪرڻ لاءِ روانو ٿيو. بنارس ڪاشيءَ ۾ وڃي گنگا جو سنان ڪيائين، دان ڪيائين ۽ شوجي مهراج جو درشن ڪيائين. پوءِ ماڻهن کان پڇيائين ته اهڙو ڌيان ڪرڻ وارو رشي مٿي هتي آهي؟ ماڻهن چيس ته نه. پوءِ راجا اتان هليو ۽ دوارڪاناٿ جو درشن ڪيائين. اتي سنان ۽ دان ڪيائين ۽ ماڻهن کان پڇيائين ته ڪو رشي مٿي هتي آهي؟ ماڻهن چيس ته نه. پوءِ راجا اولهه پاسي ويو جنهن تيرٿ تي وڃي تتي سنان دان ڪري ۽ رشي مٿي پيو پڇي. وري راجا اتر پاسي ويو. بدري ناٿ جو درشن ڪيائين. اتي راجا جو رٿ نه پيو هلي تڏهن راجا چيو ته مان ساري پرٿوي گهميو آهيان پر منهنجو رٿ ڪٿي به نه بيٺو. هتي اهڙو ته پڇارڻي منش رهي ٿو جنهن جي پرتاپ ڪري منهنجو رٿ نٿو هلي. تڏهن راجا رٿ کان هيٺ لهي رٿ جي اڳيان هلڻ لڳو. ڇا ڏسي ته هڪڙي پهاڙ جي گفا ۾ سادو ويٺو آهي جنهن جي تيج ڪري سارو پهاڙ روشن آهي جيئن

سورج جو پرڪاش ڏيندو آهي. تڏهن راجا سمجهيو ته اهو رشي هتي آهي. پوءِ راجا اڳيان وڃي ان کي ڏنڊوت ڪيو ۽ هٿ ٻڌي ان جي اُستتي ڪيائين ۽ چيائينس ته هي سوامي! توهان جي درشن ڪري ڪلياڻ ٿيو ۽ منهنجو جنم اڄ سڦلو ٿيو اڄ ڪان مان مڪت ٿيس. تڏهن رنڪ منيءَ راجا کي آدرڀاءُ ڪيو ۽ چيائينس ته هي راجا! تون جنهن ترمن جي ساڌنا ڪندڙ آهين. تون پڻ آتما آهين. پوءِ منيءَ چڱيءَ طرح سان راجا کي ٻانهن وٽ ويهاريو ۽ شوڪ کي ڦل ڦول آڻڻ لاءِ موڪليائين. اهو ڦل ڦول کڻي آيو ۽ اهي راجا کي ڏنائين. پوءِ راجا منيءَ کان پڇيو ته هي سوامي! توهان جو ايڏو تيج ڪهڙي ٻل ڪري ٿيو آهي. تڏهن منيءَ چيو ته هي راجا! مان ته ساڌو جنهن جي رکڻ وارو، ڀوت لائڻ وارو ۽ ڪفني پائڻ وارو آهيان. مون کان ڪهڙو پڻ ٿيندو جو مان ڪندس. مون وٽ ڪا مايا ڪانهي پر هڪڙي ڳالهه آهي جو مان سدائين گيتا جي ڇهين ادياءُ جو پاٺ ڪندو آهيان. هي جيڪو پرڪاش يا تيج ڏسين ٿو انهيءَ جو آهي. راجا ايترو ٻڌي پنهنجي پٽ کي آڻايو ۽ چيائينس ته پترا اڄ کان وٺي تون راجائي ڪر. مان تيرٿ ياترا تي ٿو وڃان. انهن چئي راجا راڄ کي تياڳ ڏنو ۽ رنڪ منيءَ کان گيتا جي ڇهين ادياءَ جو پاٺ سکيو ۽ ڏهاڙي پاٺ ڪرڻ لڳو. پاٺ جي پرتاپ ڪري راجا

ترڪال درشي ٿيو. اهڙيءَ طرح بن ۾ کهٽائي ڏينهن گذاريائون. هڪڙي ڏينهن ٻئي پران تياڳي ووان ۾ چڙهي ونڪنٺ ڏي ويا. سري نارائڻ ٿو چوي ته هي لڇمي! اهو گيتا جي ڇهين اڌياءَ جو مهاتم آهي جو مون توکي ٻڌايو.

”اِت سري ڀڳوت گيتا جي ڇهين اڌياءَ جو مهاتم پورو ٿيو.“

سري گيتا جو اڌياءُ ستون

(گيان وگيان يوگ)

سري ڪرشن ڀڳوان چيو ته هي ارجن! منهنجي آسري ٿي يوگ ڌار. هي ارجن! منهنجي يوگ ڪري جن کي گيان ٿيو آهي اهو گيان مان توکي ٻڌايان ٿو جنهن گيان جي ڄاڻڻ ڪري باقي ڪجهه به نه بچيو آهي. مطلب ته ٻيو ڪجهه ڄاڻڻو نه آهي سو ڪو ورلي پرش سنسار ڪان ورڪت يا نيارو ٿئي ٿو. جيترا به نيارا ٿين ٿا تن ورڪتن مان به ڪي ٿورا مڪتي پد کي پراپت ٿين ٿا ۽ جيترا مڪت ٿين ٿا تن مان به ڪو ورلو منهنجيءَ مهما جي گيان کي ڄاڻي ٿو سا منهنجي مهما تون ٻڌ. هي ارجن! ”آڪاس، وايو، اگني، جل پرٿوي، من، ٻڌ، ۽ اهنڪار اهي اٺ پرڪرتيون آهن. انهن کي اتپت ڪرڻ واري منهنجي مايا آهي. اهي اٺ

سرير ڌارين جي اندر به آهن ۽ ٻاهر به آهن. جهڙي ريت ديهه جو آنسو ماس آهي، جل جو آنسو رت آهي، هوا جو آنسو سواس آهي، تيج جو آنسو ٻاهه آهي جو پيٽ ۾ ان پچائي ٿو، آڪاس جو آنسو پولار آهي. من ٻڌي، اهنڪار آهي سڀ آٺ آهن. اهي سڀ منهنجي مايا آهي. هي مهاٻاهو ارجن! نائون انهيءَ ۾ جيو ٻت آهي. سارو جڳت سنسار انهن مان ئي ٺهيو آهي. چوراسي لک جوڻيون به انهن مان ئي ٺهيون آهن. هاڻي ٻيو ٻڌ. مان ڪهڙو آهيان؟ ساري سنسار جي رچڻ واري جا منهنجي مايا آهي تن سڀني جو اتپت ڪرتا آهيان. پالڻ ڪرتا به مان آهيان ۽ پرلئه ڪرتا به مان آهيان ۽ سڀ کان پري يا نيارو به مان آهيان. هي ارجن! مون کان پري ڪجهه به نه آهي. سڀ ڀوت پراڻي مون مان اتپت ٿيا آهن. جيئن ڌاڳي ۾ مڻيا پوئيا آهن. هي ارجن! انهن نه سمجهه ته مان واسديو ۽ ديوڪيءَ جي گهر ۾ ڄائو آهيان. مون کي جتي به ڪو ڪٿي ڏسي اتي مان آهيان. اهڙيءَ ريت جهڪي ڏسجي يا ٻڌجي ٿو سو ڄاڻ سڀ برهم آهي. هي ڪونتيه! پاڻيءَ ۾ رس آءٌ آهيان، سورج چنڊ جو تيج آءٌ آهيان، آڪاس ۾ شبد ۽ مڙسن ۾ مڙسي آءٌ آهيان. پرٿويءَ ۾ سڳنڌ آءٌ آهيان، اگنيءَ ۾ تيج آءٌ آهيان، پراڻين جي جوت آءٌ آهيان، تپسين جي تپسيا آءٌ آهيان. هي پارٿ! سڀني جيون جو سناتن ٻج مونکي ڄاڻ، ٻڌوان جي ٻڌي آءٌ

آهيان، ڀڄسويءَ جو تيج آءٌ آهيان، هي منهنجي وستي
کان هٽائڻ وارو ڪم آهي سو ٻه مان آهيان. هي
جيڪي ٽي گڻ آهن ستو، رجو ۽ تمو، انهن کان مان
نيارو آهيان. ترگڻي مايا مون ۾ نٿي وياپي "انهيءَ کان
اهو ٻڇندو جيڪو منهنجيءَ شرڻ ۾ ايندو ۽ هو ترڻ جو
ڪو اپاءُ ڪونهي." مها پورش ٻڌائي جيڪي آهن ۽
منهنجيءَ شرڻ ۾ نٿا اچن ۽ مايا ۾ ڦليا پيا آهن. هي
ارجن! مايا انهن جو گيان ڦلائي ڇڏيو آهي ۽ اهي
سدائين هيءَ هيءَ پيا ڪن. هي ارجن! چئن پرڪارن
جا ڀڳت آتما آهن جي منهنجو سمرڻ ڪن ٿا. هڪڙا
جگياسو گيان پائڻ لاءِ ۽ ٻيا "ڪامنائن لاءِ ته اسان
کي ڌن پٽ ملي انهيءَ لاءِ مونکي ياد ڪن ٿا "ٽيان
روڳ مٽائڻ لاءِ ۽ چوٿان گياني" ڀڄن ڪن ٿا انهن
سڀني ۾ گياني اتم آهن" ۽ سريشٽ آهن. ست سروپ
سوامي پريو ابناسي سدائين سکن جي ڏيڻ وارو ۽ دکن
کي ناس ڪرڻ وارو پريو آهي. اهڙو جي ڀڄن ڪن
ٿا منهنجن چرڻن ۾ ڌيان رکن ٿا اهي گياني اتم آهن
۽ گيانيءَ کي مان پيارو آهيان. هي ارجن! هي استريون
جي منهنجو سمرڻ ڪن ٿيون الهن کي ٻه ٽون برو نه
سمجهه اهي ٻه تمان ڀڳ آتما آهن جو ايشور جو ڀڄن
ڪن ٿيون پر گياني منهنجي آتما آهن. انهن گيانين
منهنجن ٿي چرڻن جو آسرو ورتو آهي انهن مون کي
سڀني کان اتم ڄاڻي ڪري مڃيو آهي. هي ارجن!

جنهن گهڻن جنمن کان وٺي منهنجو ڀڄن ڪيو آهي تنهنجي ٻڌ نرمل آهي ۽ انهن کي منهنجي ڄاڻ جو گيان ٿيو آهي. ڪهڙو گيان؟ سو ٻڌ. انهن کي سڀ ۾ ايشور نٿي نظر اچي ٿو. جيڪي مون کي ڇڏي ديوتائن ۽ منشن کي پوڄين ٿا ته مان انهن جي هردي ۾ ويهي انهيءَ ديوتا لاءِ پڪو وشواس ڪرايان ٿو. پوءِ اهي ماڻهو پريت ۽ شرڌا سان ديوتا جي پوڄا ڪن ٿا ۽ مان ٻي انهيءَ ديوتا ۾ ويهي ماڻهن کي وردان ڏياريان ٿو. هي ارجن! ديوتائن جو ڏنل ور ابناسي نه آهي ۽ 'جن جي اصل ٿوري ٻڌ آهي اهي ديوتا جي پوڄا ڪن ٿا.' هاڻي ارجن! ٻيو ٻڌ. "ديوتا جي پوڄڻ وارا ديوتا جي لوڪ ۾ وڃن ٿا." منهنجا ڀڳت پرمانند ابناسي پد کي پراپت ڪن ٿا. ٻيو ٻڌ مان ابناسي آهيان، ڪنهن مون کي ڏٺو ڪونهي ۽ ڪنهن ڄاتو به ڪونهي پنهنجيءَ ڪلا ڪري مان پورن آهيان ۽ جيڪي ٻڌ جا هين آهن اهي مون کي ڪنهن ۾ به پرتڪ ٿا ڄاڻن. اهي منهنجي پرم پرتاپ کي ٿا سمجهن ته مان ڪهڙو آهيان؟ هي ارجن! "ماڻهو ويچارا ڇا ڪن؟ انهن جو گيان منهنجيءَ مايا ڍڪي ڇڏيو آهي. اها مايا انهن جو گيان پرگهٽ ڪرڻ نٿي ڏئي. هي ارجن! هڪڙو منهنجو ٿالو ويدن ۾ ڇتن پرش آهي تنهنجو اوٽ ٻڌ. برهما کان آدم وٺي ڪنليءَ تائين سڀ ڀوت پراڻي ٿيا آهن، جيڪي هاڻي ٿيا آهن يا اڳي ٿي گذريا آهن ۽

جيڪي پوءِ ٿيندا انهن کي مان چڱيءَ ريت ڄاڻان ٿو. مون کي هڪڙو تون ڄاڻين ٻيو ڪو ڪونه ٿو ڄاڻي. ڇو نٿا ڄاڻن؟ اندرين جي ڀوڳن ۾ انهن جي ڪامنا آهي ۽ چڱيءَ شيءِ ٿي خوش ۽ خراب شيءِ ملڻ ڪري دکي ٿين ٿا. اهڙي هرکہ ۽ شوڪ جي ڪري موهہ ۾ ڦاسي مون کي نٿا سڃاڻن انهيءَ ڪري هر هر جنم ۽ مرن ٿا جن جا پاپ ناس ٿي ويا آهن مي اهڙا ڀيج ڪري پرم ڀيج آتما سنسار جي هرک شوڪ ڏک ۽ ڪليش کان مڪت ٿي ۽ منهنجي ٿي پروسي تي آهن اهي منهنجي ڀڄن مان کهڙو ڦل پائيندا سو ٻڌ. جنم مرڻ جي دکن کان ڇٽندا. انهن جي من ۾ منهنجي سڃاڻپ جو گيان پرگهٽ ٿيندو. اهو کهڙو گيان سو ٻڌ. اهي مون کي پورن برهم ڪري ٿا مڃين ۽ مون کي سڀ جو سوامي ڪري ٿا ڄاڻن ۽ مون کي ئي ويد ٿا ڄاڻن. مون کي اٿين ڄاڻي ۽ انت ڪال ۾ من جو نشچو مون ۾ رکي منهنجو ئي ڀڄن ڪن ٿا ۽ جڏهن ديهہ ڇڏين ٿا تڏهن اهي پرش منهنجي پرمانند ابناسي پد ۾ وڃي پراپت ٿين ٿا اٿين نسچي ڪري ڄاڻ.

”اِت سري ڀڳوت گيتا سري ڪرشن ارجن
سنبادي گيان وگيان يوگ ناني ستون
ادياءُ پورو ٿيو.“

—*—

سنين اڌياءَ جو مهاتم

سري نارائڻ چوي ٿو ته هي لڇمي! گيتا جي ستين اڌياءَ جو مهاتم ٻڌ. هڪ پٽل نالي نگر آهي اتي سنڪو ڪرڻ نالي هڪ وڻش رهندو هو. اهو واپار ڪرڻ لاءِ شهر کان ٻاهر ويندو هو. هڪڙي ڏينهن ٻين واپارين سان گڏجي واپار ڪرڻ لاءِ ويو. رستي ۾ سنڪو ڪرڻ کي نانگ ڏنگيو ۽ مري ويو. سندس سنگتي ان جو ڪريا ڪرم ڪري اڳتي روانا ٿيا. جڏهن موٽي پنهنجي گهر آيا تڏهن سنڪو ڪرڻ جي پٽ پڇين ته منهنجو پيءُ ڪٿي آهي؟ انهن واپارين چيس ته رستي ۾ پٺي کي نانگ ڏنگيو سو مري ويو ۽ پنهنجي پيءُ جو هيءُ سامان وٺ ۽ ان جي گتيءَ واسطي ڇانوس جو هو آواگت ٿي مٿو هو. ان ٻالڪ گهر ۾ اچي برهمڻ کان پڇيو ته جيڪو نانگ جي ڏنگڻ ڪري مري تنهن جي گت ڪهڙيءَ ريت ڪرڻ گهرجي. ٻاڀڻ چيس ته نارائڻي ٻل ڪرڻ گهرجي. اُرد جي اٽي جو پتلو ناهي تنهن ۾ چولهون هڻ. مطلب ته جهڙيءَ ريت ٻاڀڻ چيس تيئن ڪيائين. وڏو يگيه ڪيائين، گهڻا ٻاڀڻ ڪارايائين، پنڊ ڀرايائين، باقي جيڪا مايا بچيس اها ٻين ٻاڀڻن کي به ورهائي ڏنائين. هڪڙي ڏينهن پٽ

چيو ته جنهن نانگ منهنجي پيءُ کي ماريو آهي ان کي مان ماريندس. پوءِ وڃي واڍارين کان پڇا ڪيائين ۽ چيائين ته اهو هنڌ ڏيکاريو جتي منهنجي پيءُ کي نانگ ڏنگيو هو. واڍارين چيس ته هل ته هلي ڏيکاريونءِ. پوءِ واڍارين وٺي وڃي اها جاءِ ڏيکاريس. اتي ڏٺي ته ٻه وڻ آهن انهن کي ڪوڏر سان کوٽڻ لڳو. جڏهن وڏو سوراخ ٿيو ته ان مان وڏو نانگ نڪتو ۽ چيائين ته تون ڪير آهين ۽ منهنجو گهر ڇا ڪاڻ ٿو کوٽين؟ تڏهن ڇوڪري چيس ته مان سڱڪو ڪرڻ جو ڀٽ آهيان. جنهن نانگ منهنجي پيءُ کي ماريو آهي مان انهيءَ کي ماريندس. تڏهن انهيءَ نانگ چيس ته هي ڀٽ مان تنهنجو پتا آهيان ۽ تون مون کي هن نرڳ ديهه کان ڇڏاءِ ۽ مون کي نه مار. اهو منهنجو پوريلو ڪرم آهي جو مان ان کي ڀوڳيان ٿو. تڏهن ڇوڪري چيو ته هي پتا! ڪو اهڙو اپاءُ ڏسيو جنهنڪري توهان جو موکه ٿئي. تڏهن نانگ چيو ته هي ڀٽا ڪنهن گيتا جي پاٺ ڪندڙ ٻانڀڻ کي گهر ۾ پوڄن ڪراءِ ۽ ان جي شيوا ڪر تنهنجي آسيس سان مان هن ديهه کان ڇٽندس تڏهن انهيءَ ڇوڪري پنهنجي گهر اچي زال کي سارو حال ٻڌايو. استريءَ چيس ته ضرور ائين ڪرڻ گهرجي جيڪڏهن سنتن جي شيوا ڪرڻ ڪري اڌار ٿئي ته ڀشڪ ڪر. تڏهن گيتا پاٺي برهمڻ شهر ۾ ڳولڻ لڳو. انهيءَ شهر ۾ جيڪي ٻه گيتا پاٺي برهمڻ هئا تن سڀني

ڪان گيتا جي سترھين اڌياءَ جو پاٺ ڪرايائين ۽ سڀني کي پوڄن ڪارايائين. تن مان ڪن ساڻ سڀني جي شيوا ڪيائين ۽ وينتي ڪري چوڻ لڳو ته هي مها پرشوا توهان آسيس ڪريو ته منهنجي پتا سنڪو ڪرڻ جو آڌار ٿئي تڏهن سڀني برهمڻ آسيس ڏنيس ۽ انهيءَ مهل ئي انجو پتا انهيءَ نيچ ديهه کان ڇٽي پيو ۽ ديوتائن جي ديهه پاتائين ۽ ووان ۾ چڙهي اٿي آڪاس ڏي هليو ۽ پنهنجي پٽ کي آسيس ڪندو وئڪنٺ ڏي ويو. سري نارائڻ چوڻ لڳو ته هي لڇميءَ اهو گيتا جي سترھين اڌياءَ جو مهاتم آهي جو تو ٻڌو.

”اِت سري ڀڳونت گيتا جي سترھين اڌياءَ جو مهاتم پورو ٿيو.“

سري گيتا جو اٺون ادياءِ

ॐ

(اڪشر برهم يوگ)

ارجن سري ڪرشن ڀڳوان جا اهي وچن ٻڌي چوڻ لڳو ته هي پرشوتم! توهانکي جو توهان جا ڀڳت برهم ڪري ٿا ڄاڻن سو "برهم ڇا آهي؟ آڌياتم ڇا آهي؟ ڪرم ڇا آهي؟ آڌ ڀوت ڇا آهي؟ ۽ آڌ ديوڪ ڇا آهي!" هي مڌ سودن! "آڌيگيه ڇا آهي ۽ جيڪو توکي انتڪال مهل اهڙو سمجهي ٿو انهيءَ جي ڪهڙي گت ٿئي ٿي؟ انهن سڀني جو اُتر ڪرپا ڪري ٻڌايو؟ سري ڀڳوان چوڻ لڳو ته هي ارجن! مان سڀ ڪان پري ۽ ابناسي آهيان. انهيءَ ڪري مونکي برهم چون ٿا. مون کي پنهنجي پرتاپ ڪري پرتاپ آهي ۽ پنهنجي گيان ڪري گيان آهي ۽ سڀني جو مان ايشور آهيان. انهيءَ ڪري منهنجو ڀالو آڌياتم آهي ۽ سڀني ڀوت پراڻين کي

مان پيدا ڪريان ٿو ۽ جنهنجي مستڪ ۾ جيئن لڪان ٿو تيئن نئي ٿو. تنهنڪري ڪرم چون ٿا ۽ پنج ڀوت جي آڪاس، وايو، اگني، جل ۽ پرٿوي آهن تن جو ڪرتا آهيان تنهنڪري اڌيوت منهن جو نالو آهي ۽ جيڪي ڪي ڏيٺو آهي تنهنجو بہ ايشور آهيان ۽ سڀني ديوتائن جو ايشور آهيان انهيءَ ڪري منهن جو نالو اڌ دئوڪ آهي. جيترا يگيہ شرڌا سان ماڻهو ڪن ٿا، ديوتائن ۽ پترن جي نمت ڪن ٿا، انهن ۾ ڀوڳائيندڙ منهنجي پوڄا ٿيندي آهي، انهيءَ ڪري منهنجو آديگيہ آهي. انتڪال ۾ مون کي سڃاڻي جيڪو ديهہ ٿو ڇڏي سو منهنجي ابنامي پد ۾ پراپت ٿئي ٿو ۽ انهيءَ ۾ ڪوئي سنسو ڪونہ آهي. ”ديهہ تياڳڻ مهل جو جنهن جو سمرڻ ڪري ٿو سو تنهن کي وڃي پراپت ٿئي ٿو“ انهيءَ ڪري سڀڪنهن مهل منهنجو سمرڻ ڪر. ڇاڪاڻ تہ هيءَ ديهہ ڪوڙي آهي. خبر نہ آهي تہ ڪهڙيءَ مهل وڃي، مون منجهہ نشچل چت رکندين تہ مونکي پراپت ٿيندين. انهيءَ ۾ ڪو سنسو ڪونهي. جو منش مرڻ وقت نشچل من سان ڀڳتي ۾ ٻنهي ڀروڪن جي وچ ۾ پرڻ جي پڻ سان پرون وچ ۾ چڱيءَ طرح پراڻ رکي، مرو گياني، آدي، سرجنهار، سوکم ۾ سوکم سڀني کي پالمندڙ اگم روپ، سورج جهڙو تيجسوي، اگيان روپي انڌڪار کي پري، اهڙي سروپ جو پورو سمرڻ ڪري ٿو سو ايشوري پرم پد پراپت ڪري ٿو. جنهن کي

ويدن جي ڄاڻن وارا ابناسي چون ٿا ۽ جنهن ۾ نسر
موهي يوگي پراپت ٿين ٿا جنهن جي ملڻ لاءِ برهمچاري
برهمچريه رکن ٿا انهيءَ پدويءَ جو مهاتم مان توکي
ٿوري ۾ ٻڌايان ٿو. هڪڙا يوگي هن ريت ديهه تياڳ
ڪن ٿا. هي جيڪي ديهه ۾ نَوَ دروازا آهن انهن ۾
اکيون بند ڪري من کي هردي ۾ نشچل ڪن ٿا ۽
پرانن کي روڪي مٿي آڻين ٿا ۽ منهنجي نالي جو جاپ
ڪن ٿا "اوم" انهيءَ نالي جو ڌيان ڪن ٿا ۽ ديهه
کي تياڳ ڪن ٿا اهي منهنجي ابناسي پد ۾ وڃي
پراپت ٿين ٿا. هاڻي منهنجي ڀڳتن جو وستار ٻڌ. منهنجا
پريمي ڀڳت من جو نچشل چيتو رکي مرن ۾ سمهندي،
جاڳندي، اٿندي، وهندي، منهن مان "هري ڪرشن"،
"هري رام" انهن نالن جو جاپ ڪن ٿا اهڙا جيڪي
يوگي آهن سي مون مان مليا پيا آهن. اهي مون کي
پائيندي ڇا پائيندا؟ ديهه کي تياڳي منهنجي پرم ڌام
کي وڃي پراپت ٿيندا ۽ مونکي پائيندا. هي سنسار جو
دکن جو گهر آهي انهيءَ ۾ مها پرک جي پرم سڌ آهن
سي جنم پائيندا. هي ارجن! هيءُ جيو برهم لوڪ
تائين وڃي وري موٽي اچي ٿو. هي ارجن! جن پرشن
مونکي پاتو آهي اهي وري جنم مرڻ ۾ نه ٿا اچن. هي
ارجن! جن منهنجو مهاتم ٻڌو آهي انهن جي نگاهه ڪهڙي
آهي؟ چار جڳ جي آهن ستجگ، تريتا، دواپور ۽ ڪلجگ
اهي جڏهن هزار ڀيرا ٿي گذرن تڏهن برهم ڏينهن پورو

ٿو ٿئي. وري ايترائي پيرا اهي چار جڳ گذرن تڏهن برهم رات ٿي ٿئي. جڳن جو ليکو هيءُ. "سترهان لک اٺاويهه هزار سالن جو ستجڳ آهي، ٻارهن لک ڇهانوي هزار سالن جو ترتيا جڳ آهي، اٺ لک چوهٺ هزار سالن جو دواپور جڳ آهي ۽ چار لک ٻٽيهه هزار سالن جو ڪلجڳ آهي."[19] اهي چارئي جڳ وري ٽيتاليهه لک ويهه هزار سالن جا آهن. جن منهنجو ابناسي پرتاپ ڄاتو آهي انهن کي چار جڳ برهم ڏينهن ۽ چار پهر ماڻهن جو ڏينهن هڪ جهڙو آهي ڇو ته پنهنجي سمي انوسار برهم ڏينهن به ناس ٿو ٿئي ۽ ماڻهو به مري ٿو. انهيءَ ڪري جو ليکي ۾ آيو سو اوس ناس ٿو ٿئي. انهن مون کي ئي هڪ ابناسي سمجهي مون ۾ پڪو وشواس رکيو آهي. هي ارجنا منهنجو جو اوگت سروپ آهي تنهن مان برهم دل ۾ سرشٽي پيدا ٿيندي آهي ۽ برهم رات ۾ منهنجي ابناسي اوگت سروپ ۾ لئه ٿيندي آهي. هي ارجنا هيءَ ڀوت پراڻين جي جا چوراسي لکه جوڻ آهي سا برهم ڏينهن اتپت ٿئي ٿي ۽ برهم رات جو منهنجي اوگت سروپ ۾ وڃي پوي ٿي. منهنجو اوگت سروپ سڀ کان پري آهي ۽ سناتن يا پراتن آهي ۽ سڀني جي ناس ٿيڻ ڪري اهو ناس نٿو ٿئي. اهڙو ته ابناسي آهيان جو ڪنهن-مون کي ظاهر ڏٺو به ڪونهي. انهيءَ ڪري منهنجو نالو اوگت آهي ۽ انهيءَ کي پرم گت به چوندا آهن. انهيءَ کي ملڻ ڪري وري

منساري ۾ نه ايندو. اهو پرم ڌام منهنجو استان آهي.
هي ارجن! اهو پرک سڀ کان پري آهي. هاڻي انهيءَ
پرک سان ملڻ جو رستو ٻڌ. انهيءَ کي انن اکنڊت ڀڳت
ڪري ڀانئجي ٿو. انن اکنڊ ڀڳت جو وستار ٻڌ. مون
کان سواءِ ڪنهن ٻئي ديوتا ڪي نه مڃيو ۽ منهنجي
پوڄن کان سواءِ هڪ پل به واندو نه گذارين. انهن جو
نالو انن اکنڊ ڀڳت آهي. اهو ڪهڙو پرک آهي جنهن
مان سرشٽي پيدا ٿي ٿئي ۽ وري انهيءَ ۾ ٿي لئه ٿئي
ٿي. هي ارجن! انهن اچا چارين يوگين جو ورتانت
ٻڌ. هڪ ته ديهه تياڳي مون ۾ اچي ٿا ملن. ٻيو ديهه
تياڳي چندرما جي لوڪ ۾ وڃن ٿا اهو ٻهرئين قسم
جو يوگي ڪڏهن ٿو ديهه تياڳي! جڏهن ماڻهن جي
پترن جي ديوتائن جو ڏينهن ٿو ٿئي. "سهايون راتيون
پترن جو ڏينهن آهي ۽ اونداهيون راتيون پترن جي
رات آهي. ديوتائن جو ڏينهن ڪهڙو آهي؟ جڏهن ڇهه
مهنا سورج جو رٿ اتر پاسي هلندو آهي تڏهن ديوتائن
جو ڏينهن ٿيندو آهي ۽ جڏهن ڇهه مهنا سورج جو
رٿ ڏکڻ پاسي هلندو آهي تڏهن ديوتائن جي رات
ٿيندي آهي ۽ اهي اچا چاري يوگي جڏهن ماڻهن جا
پتر ۽ ديوتا جاڳندا آهن تڏهن ديهه تياڳيندا آهن.
انهن لوڪن کان اڳي اگنيه جوت نالي هڪڙو لڪر
آهي انهيءَ کي ڏسندي منهنجي ابناسي پد ۾ اچي پراپت
ٿين ٿا جتي وري جنم مرڻ کان ڇٽي وڃن ٿا ۽ ٻئي

قسم جا يوگي جڏهن مائهن ۽ پترن ۽ ديوتائن جي وات ٿئي ٿي تڏهن ديهه تياڳيندا آهن ۽ سڌ لوڪن مان ٿي ڪري دونهين جي نگر جي وچ ۾ ٿي چندرما جي جوت ۾ وڃي پراپت ٿيندا آهن. پوءِ ڪيترا ڏينهن اتي رهي وري اچلا منش لوڪ ۾ جنم پائين ٿا. ٻئي يوگين جا رستا آهن. هڪڙي جو نالو سهائي رات ۽ ٻئي جو نالو اونداهي رات آهي. هڪڙي پاسي وڃي وري موٽي نٿو ۽ ٻئي پاسي وڃي وري موٽي اچي. تون هي ارجنا اهي ٻئي رستا يوگين جا جن ڀڏا ۽ سمجهيا آهن اهي موهه کي پراپت نه ٿيندا. انهيءَ ڪري هي ارجنا تون سڀڪنهن مهل مون سان مليو رهه. هن اڌياءِ کي جيڪو پڙهندو يا ٻڌندو انهيءَ کي چئن ويدن پڙهڻ جو ۽ سڀني يڳن جو ۽ سڀ تپسيا ڪرڻ جو ۽ تيرٿن ۾ دان ڪرڻ جو جيڪو ڦل آهي سو ملي ٿو ۽ جيڪو پوري نشچي سان هن اڌياءِ جو پاٺ ڪندو انهيءَ کي تمام وڏو ڦل ملندو.

”اِت سري ڀڳونت گيتا سري ڪرشن ارجن
سنبادي اکشر برهم يوگ نالي اٺون
اڌياءِ پورو ٿيو.“

—*—

اٺين اڌياءَ جو مهاتم

سري نارائڻ چوي ٿو ته هي لڇمي! ڏکڻ ديس ۾ نربدا نديءَ جي ڪناري تي هڪڙو نگر آهي اتي سرما نالي هڪڙو برهمڻ رهندو هو. انهيءَ وٽ گهڻو پدارٿ هو ۽ سنتن جي سيوا ڪندو هو. هڪڙي ڏينهن هڪڙي سنت کان پڇيائين ته هي سنت! مون کي سنتان ڪونه ٿو ٿئي. توهان ڪرپا ڪري ڪو اپاءُ ڏسيو. سنت چيس ته تون اشوميڌ يڳيه ڪر ۽ ديويءَ تي بل چاڙهه ته ديوي توکي پٽ ڏيندي. تڏهن انهيءَ برهمڻ يڳيه ڪرڻ لاءِ هڪڙو ٻڪر پسن تي ورتو ۽ انهيءَ ٻڪر کي سيوا ڪرائي وڏو ڪيائين. جڏهن ان کي مارڻ لڳو تڏهن اهو ٻڪر کلڻ لڳو. برهمڻ پڇيو ته اڙي ٻڪرا تو کلمو ڇو؟ ٻڪر ورندي ڏني ته مون کي به اڳئين جنم ۾ سنتان ڪانه هئي ۽ هڪڙي برهمڻ مون کي به اشوميڌ يڳيه ڪرڻ لاءِ چيو هو ان شهر ۾ ٻڪر جي ڳولا لاءِ ويس پر مون کي ڪو ڇيلو هٿ ڪونه لڳو آخر گهمندي گهمندي هڪڙو تمام ننڍڙو ڇيلو ڏٺم. اهو ڇيلو ٻڪريءَ سوڌو ورتم ۽ ڇيلي کي ٿڃن تان هٽائي يڳيه ڪرڻ لڳس. تڏهن ٻڪريءَ چيم ته هي

برهمڻ! تون برهمڻ ته نه آهين جو منهنجي ٻچ کي ٿو
کهين تون وڏو پاپي آهين. اهو ڪڏهن ڪنهن ٻڌو
آهي جو پرائي ٻچ کي ماري ڪنهن پاڻ ٻچ پاتو؟
تون پنهنجيءَ سنتان لاءِ منهنجيءَ سنتان کي مارين ٿو.
تون وڏو نردئي آهين توکي ڪڏهن به ٻچ نه ٿيندو.
اها ٻڪري گهڻائي پڙا مونکي چوڻ لڳي پر مون اهو
چيلو نه ٿي هوم ڪري ڇڏيو ۽ ٻڪريءَ مونکي سراپ
ڏنو ته تنهنجو به گلو اهڙيءَ ريت ڪٽبو. ايترو چئي
ٻڪري به ڦٿڪي ڦٿڪي مري ويئي. پوءِ ڪترا ڏينهن
گذريا ته منهنجو به مرڻ ٿيو ۽ جم گڻ ماريندا ڌرمراءِ
وٽ وٺي ويا. تڏهن ڌرمراءِ حڪم ڏنو ته هن کي وڃي
نرڪ ۾ وجهو هي وڏو پاپي آهي. نرڪ ڀوڳائي پوءِ
باندر جي جوڻ ڏنائون. هڪڙي بازيگر مون کي ورتو.
اهو منهنجيءَ ڳچيءَ ۾ نوڙي وجهي گهر گهر پنائي ٿورو
ڪاڏو ڏيندو هو. جڏهن باندر جي جوڻ ڇٽي تڏهن
وري ڪتي جي جوڻ پاتم. هڪڙي ڏينهن ڪنهن جي
روٽي چورايم انهيءَ اهڙي ته لٺ هڻي جو منهنجي چيلهه.
ڀڄي پئي ۽ انهيءَ ڏک ۾ ڪتي جو جنم ڇڏي وري
گهوڙي جو جنم پاتم. انهيءَ گهوڙي کي هڪڙي فقير
ورتو. اهو سارو ڏينهن مونتي چڙهي شهر ۾ ڀکما ڪري
سانجهيءَ جو هڪ لنڍي نوڙي سان ٻڌي ڇڏيندو هو.
اهڙو سوڙهو جو سان مکيون به هڪلي نه سگهندو هوس
منهنجي ڪاڌي جي به خبر ڪانه رکندو هو. هڪڙي

ڏينهن ۾ چوڪرا ۽ هڪڙي ڪنيا مون تي چاڙهي شهر ۾
هلڻ لڳا. رستي ۾ هڪڙي هنڌ ڪپ هئي مان اتي ڪپي
پوس ۽ ستان هو مارڻ لڳا. اتي منهنجي ديهه ڇٽي.
اهڙيءَ ريت گهڻائي جنم ڀوڳي هاڻي ڇيلي جو جنم
پاتو اٿم. مون سمجهيو ته هن مون کي ورتو آهي سو
مان هن وٽ سک ڏسندس پر تون ٻه ڪاتي کڻي مارڻ
آيو آهين. تڏهن سسرمان چيو ته هي ڇيلا! توکي پنهنجو
سرير پيارو آهي جيئن پکيءَ کي پٽر هٿجي ته هو پٽر
ڪان اڳي اڏامي ويندو آهي. مان پنهنجي اکين ڏٺلي
ڳالهه توکي ٻڌايان ٿو. ڪرڪيتر ۾ هڪڙو راجا سنان
ڪرڻ آيو. ان جو نالو جند سسرما هو. هن برهمڻ کان
پڇيو ته گرهڻ ۾ ڇا دان ڪرڻ گهرجي؟ تڏهن برهمڻ
چيو ته ڪارو پرڪه دان ڪر. تڏهن راجا ڪاري لوهه
جو پرڪه ٺهرايو ۽ ان جي اکين ۾ لال وجهايائين ۽
سون جا زيور پاتائينس. اهڙي ريت پرڪه تيار ڪرائي
راجا سنان ڪري دان ڪرڻ هليو. اهو ڪارو پرڪه
ٺهه ٺهه ڪري کلڻ لڳو. راجا انکي ائين کندو ڏسي
ڏکي ٿيو ۽ چوڻ لڳو ته ڏاڍو ڪو اوگڻ ٿيو آهي
جو ڪارو پرڪه کلي ٿو. تڏهن راجا وري ٻيو وڏو دان
ڪيو ته اهو ڪارو پرڪه وري کلڻ لڳو ۽ برهمڻ کي
ڏسي چوڻ لڳو ته هي برهمڻ! تون مون کي وٺندين؟
برهمڻ چيو ته تو جهڙا مون گهڻيئي دان ورتا آهن ۽
ٻڌ چوڻ لڳو ته جيڪو گڻ مون منجهه آهي سو مان ٿي

ڇاڻان ٿو. تڏهن وري به ڪارو نه نه ڪري ڪليو.
انهيءَ مهل ئي به هڪڙي ڪاري مورتي لڪتي. تڏهن
برهمڻ گيتا جي اٺين اڌياءَ جو پاٺ ڪيو ۽ اهو پاٺ
انهيءَ مورتيءَ ٻڌو ۽ ان جي ديهه پلٽڻ لڳي. برهمڻ
پاڻيءَ جي انجلي ان جي مٿان وڌي جل جي پوڻ سان
ان جي ديهه ڇٽي ۽ ديوتائن جي ديهه پاتي ووان ۾
چڙهي وڪنٺ ڏي ويو. تڏهن ڪاري پڇڪ ڇيو ته
تو ڪان مٿي ڪو پيو اهڙو آهي جو مونکي به هن ڪان
ڇڏائي. تڏهن انهيءَ برهمڻ ڇيو ته مان ويد پاڻي آهيان
۽ هن شهر ۾ هڪڙو سادو گهاني پالي آهي انهيءَ
سادوءَ کان تون گيتا جو اٺون اڌياءُ ٻڌي مڪتيءَ کي
پراپت ٿينديون. ٿمڪ ان جڏهن گيتا جو اٺون اڌياءُ ٻڌو
تڏهن مڪتي کي پراپت ٿيو ۽ برهمڻ کي چيائين تون
به گيتا جي اٺين اڌياءَ جو پاٺ ڪر ته تنهنجو به اڌار
ٿيندو. پوءِ اهو برهمڻ به گيتا جي اٺين اڌياءَ جو پاٺ
ڪرڻ لڳو ۽ اڌار ٿيو. سري نارائڻ ٿو چوي ته هي
لڇمي! اهو گيتا جي اٺين اڌياءَ جو مهاتم آهي.

”اِت سري ڀڳوت گيتا جي اٺين اڌياءَ جو
مهاتم پورو ٿيو.“

سري گيتا جو اڌيا‍ءِ نائون

(راڄ وديا راڄ گهيہ يوگ)

سري ڪرشن ڀڳوان ارجن کي چوڻ لڳو تہ هي ارجن! مان توکي ڳجهي کان، ڳجهو گيان ٻڌايان ٿو جو تون منهنجي وچن جي نندا ڪندو آهين ۽ ست ست ڪري مڃيندو آهين انهيءَ ڪري توکي ٻڌايان ٿو جنهن گيان جي ڄاڻ ڪري سنسار ۾ ڪشٽ ڏيندڙ جو جنم مرڻ آهي انهيءَ کان مڪت ٿيندين. ڀيو کهڙو گيان، جنهن جي ڄاڻ ڪري سنسار کان نيارو رهندين ۽ جتريون بہ وديائون آهن ۽ يوگ جون ڳجهون آهن تن ۾ هي گيان راجا آهي ۽ اتم کان بہ اتم آهي ۽ پوتر کان پوتر آهي ۽ اگر پرکہ جو ڪنهن جي چوڻ مان ڇهو لڌو وڃي سو پرتڪ ڏيکاري ڏيندو ۽ گيان جي ڄاڻ ڪري اڀناسي پرکہ کي پاڻجي سو اهڙو گيان

جو آهي تنهن کي جهڪو ڄاڻي ٿو تنهن جي ڳالهه ٻڌ. هي ارجن! اهڙي گيان جي ڄاڻ کان سواءِ جيڪو مونکي ڄاڻي ٿو سو هر هر سنسار ۾ جمي ۽ مري ٿو. هي ارجن! ٻيو ٻڌ جنهن گيان جي مهما اڳي چئي اٿم اها ٻڌ. هي ارجن! منهنجو جو آوگت سروپ آهي انهيءَ مان سارو سنسار اُتپت ٿيو آهي ۽ ٻيو جو وِراٽ سروپ آهي انهيءَ ۾ برهما کان آد وٺي ڪِلميءَ تائين سڀ ويٺا آهن. ڪهڙيءَ ريت ويٺا آهن؟ جيئن وڏي وڻ ۾ هزارين ٻڪي ويهندا آهن تيئن وڏي وِراٽ ۾ سڀ لوڪ ويٺا آهن ۽ سڀني جي هردن ۾ آتما وار مان آهيان ۽ هڪڙي انگ ۾ تنهنجي رٿ تي توسان به سڀ کيل ڪريان ٿو. ڏس هي ارجن! مان توکي پنهنجي مهما ۽ پرتاپ ٻڌايو آهي ۽ سڀني جي اتپت ۽ ناس ڪرڻ وارو مان آهيان ۽ سڀ کان نيارو به آهيان ۽ سڀني ڀوتن پراڻين جو آتما رام به آهيان. هي ارجن! سڀ ڳالهه مون توکي ٻڌائي آهي ۽ نيارو ڪيئن آهيان سو ٻڌ. جيئن هوا سدائين آڪاش ۾ رهي ٿي پر هوا آڪاش سان لڳي ٿي تيئن سڀ ڀوت پراڻي مون مان اتپت ٿيا آهن ۽ مون منجهه [illegible] رهن ٿا سڀني ۾ مان آهيان پر سڀني کان نيارو به آهيان هي ارجن! جڏهن هي سنسار پورو ٿئي ٿو تڏهن منهنجي جهڪا مايا آهي تنهن ۾ وڃي لئه ٿئي ٿو. هي ارجن! مايا ۽ سنسار جي آد مان آهيان ۽ وري به سنسار کي مان بڻايان ٿو ۽ منهنجي

[illegible]

جا مايا آهي انهيءَ ۾ هر هر سنسار کي اتپت ڪريان
ٿو ۽ پالنا به ڪريان ٿو ۽ پرلئه به ڪريان ٿو. هيءَ
جا چوراسي لک جوڻ آهي سان پنهنجي وس نه آهي.اها
مايا جي وس آهي. هي ارجنا پيو پڌ. مان سنساو کي
اتپت ڪريان ٿو ۽ وري ناس به ڪريان ٿو سو انهيءَ
ڪرم ڪرڻ جو مون کي دوش ڪونهي ڇو ته مان
ڪنهن ۾ موهه ۽ لالچ نٿو رکان مان موهه کان پري
آهيان اداسي آهيان انهيءَ ڪري مون کي ڪوبه پنڌن
پڌي نٿو سگهي. هي ارجنا منهنجيءَ آسيس ڪري
تون بـ نمارو ٿيءُ. هي ارجنا پيو پڌ. هيءَ منهنجي
مايا جا آهي سا سڀني کي اتپت ڪري ٿي پيو ڪوبه
قسم تون سنسار جي اتپت ٿيڻ جو نـ سمجهه اهڙو
ايشور مان آهيان. هي ارجنا هي جهڪي ديهه ڌاري
منش آهن اهي ٿوريءَ پڌ وارا مورک اگياني مون کي
سمجهن ٿا تـ سري ڪرشن ڀڳوان اهڙو ايشور آهي.
ٿوريءَ پڌ وارا ڇمو مون کي نٿا سڃاڻن تہ مان ڪهڙو
آهيان. سڀني ڀوت پراڻين جو ايشور مان آهيان جيڪي
اهڙو مون کي نٿا ڄاڻن اهي ڪهڙو ڦل ٿا پائين سو
پڌ. الهن جون آشائون سڀ اجايون وڃن ٿيون. جيڪي
به شپ ڪرم ۽ دان پيج ڪن ٿا اهي الهن جا اجايا
وڃن ٿا. اهي وري ڪهڙا آهن؟ ديوتائن ۽ راڪاسن
جهڙا انهن جا سڀاءُ آهن. اهي منهنجيءَ مايا ۾ موهيل
مون کي نٿا ڄاڻن. هي ارجنا جيڪي مڳا پرش مهاتما

Soorih Mirani

منهنجو ڀڄن سمرڻ ڪن ٿا اهي ڪهڙا آهن؟ انهن جا ديوتائن جهڙا سڀاءَ آهن ۽ مون کي سچائي ڀڄن ڪن ٿا. ڪهڙيءَ ريت سچائي ڀڄن ڪن ٿا؟ سري ڪرشن سڀ جي آد آهي ۽ ابناسي آهي اهڙو مون کي سچائي ڪري ڀڄن ڪن ٿا. هائي ڀڄن ٻڌ. منهنجي جهڪا مهما آهي انهيءَ کي ڳائين ٿا ۽ پڙهن ٿا ۽ ڪٿا ڪيرتن ڪن ٿا ۽ پورن وشواش سان منهنجي پوڄا ڪن ٿا ۽ هر هر مون کي هٿ ٻڌي نمسڪار ڪن ٿا. اهڙيءَ ريت منهنجو ڀڄن ڪن ٿا. ٻيا جيڪي گيانسي ڀڳت منهنجا آهن سي ڪهڙيءَ ريت ٿا ياد ڪن؟ انهن جو ڀڄن ٻڌ. مون کي گياني سڃاڻن ٿا ته هڪڙو ئي پار برهم آهي اهو گهڻا روپ ڪري پڌريو آهي اهي انمن منهنجو ڀڄن سمرڻ ڪن ٿا ٻيو ڪو ٻه ڀيد نٿا ڄاڻن هڪڙو ئي ڄاڻن ٿا. هي ارجنا ڪرم ٻه مان آهيان ۽ يوگ ٻه مان آهيان، پرڪرتي ٻه مان آهيان. پرڪرتي ٻڪيه جو نالو آهي پر ان ۾ ڪوئي ڀيد ڪونهي فقط ٿورو ڀيد آهي. "سواها" اهي وچن ڇئي جيڪي باهه ۾ هوم ڪجي ٿو سو اهي وچن ٻه مان آهيان. جيڪي ٻه ان آهن اهي مان آهيان ۽ يگيه ۾ جيڪي منتر پڙهجن ٿا سي ٻه مان آهيان، ورقاتا ٻه مان آهيان ۽ ويدن ۾ جو اولڪار آهي سو ٻه مان آهيان. رگويد، يجر ويد، سام ويد ۽ اٿر ويد، اهي چار ٻه مان آهيان ۽ سڀ جي سڪتيءَ ڏيڻ وارو

۽ مان آهيان، سمجهه جي جاءِ ۽ مان آهيان ۽ سارو
سنسار منهنجيءَ شرن ۾ آهي ۽ سڀني جو مانُ مان
آهيان ۽ سڀني کي ناس ۽ مان ڪريان ۽ سڀ ڪي
اُتپت ۽ ان ئي ڪريان ۽ هي لئه ۽ مون ۾ ٿين ٿا،
سڀني ڳالهين ڪري مان ڀورن آهيان. انهيءَ ڪري
منهنجو نالو لڏ لڏان آهي. سڀني جو ابناسي ٻج آهيان.
سورج ٿي مان تپان ٿو ۽ پرلئه مان ڪريان ٿو ۽
مون ئي ديوتائن کي امر ڪيو آهي ۽ ساڻهن کان آد
وٺي جيڪي ۽ ڏيهون آهن انهن ڪي مون ئي ڪال
لاتو آهي. هي ارجن! اهڙيءَ ريت جيڪو مون کي
ٻوڇي ٿو تنهن جا پاپ هڪدم ناس ٿين ٿا ۽ جيڪي
ڀرائي يگيه ڪري سرڳ جي ڪامنا ڪن ٿا اهي پنهنجن
پڇن جتڙا سرڳ جا ڀوڳ ڀوڳي جڏهن سندن سڀ پڄ
ناس ٿين ٿا تڏهن سرڳ کان هيٺ ڪري منش لوڪ
۾ اچي جنم پائين ٿا. جي اهڙيءَ ريت ڪامنا ڪري
يگيه ڪن ٿا اهي سرڳ ڀوڳي وري گرڀ ۾ اچن ٿا
۽ ڏک سک ڀوڳين ٿا. هي ارجن! منهنجن ڀڳتن جي
ڳالهه ٻڌ. منهنجا ڀڳت من جو ڀورن وشواش مون
منجهه رکي هر هر منهنجو سمرن پيا ڪن. انهن
جي سک واسطي ۽ ڏکن ناس لاءِ انهن جا چارئي پاسا
پيو ڏسان جيئن ساهوڪار جي گهر تي چوڪيدار پيو
ڦرندو آهي تيئن مان انهن جي پٺيان ڦرندو آهيان.
هي ارجن! تون جو منهنجو ڀڳت آهين تنهن ڪري

تنهنجيءَ ديهہ جي رکيا ٿو ڪريان ۽ ڏس تہ ڪيئن
تنهنجي رٿ جي بہ رکيا ڪريان ٿو ۽ پنهنجي مهما
ڪري تنهنجي من کي پنهنجو پاڻ سان نشچل ٿو
ڪريان. پريم ۽ پريت سان تنهنجي رٿ جا گهوڙا ٿو
ٻڌان. اهڙيءَ ريت سان ڀڳتن جي اڳيان اڌين آهيان.
هي ارجن! جيئن تنهنجي اڌين آهيان تيئن ڪنهن سان
نہ آهيان هي ارجن! جيڪي مون کي ڇڏي ٻئي ڪنهن
ديوتا جي پوڄا ڪن ٿا اهي بہ منهنجي پوڄا ڪن
ٿا پر ڀلجي ٿا ڪن. ڀلجي ڇو ٿا ڪن؟ هي ارجن!
سڀني يگن جي ڀوڳڻ وارو مان آهيان ۽ سڀني يگن جو
ايشور مان آهيان. جي مون کي اهڙو ايشور نٿا سمجهن
اهي جمن ۽ مرن ٿا. هي ارجن هاڻي نياءَ جي ڳالهہ ٻڌ.
جيڪي ديوتائن جي پوڄڻ وارا آهن اهي ديوتائن جي
لوڪ ۾ وڃن ٿا ۽ جيڪي پترن جي پوڄا ڪرڻ وارا
آهن اهي پتر لوڪ ۾ وڃن ٿا، ڀوتن پريتن آد کي
پوڄيندڙ اهي لوڪ پراپت ڪن ٿا ۽ جيڪي مون پار
برهم کي پوڄين ٿا اهي مون کي اچي ملن ٿا." منهنجا
ڀڳت پريت رکي ڏن، گل، ڦل ۽ پاڻي وجهن ٿا سو
مان ڀڳتن جو ڏنل پريت سان وٺان ٿو. هي ارجن!
جيڪي تون کائين سو مون کي ارپڻ ڪر سو الهيءَ
جو ڦل ڇا پائيندين. سنسار جي ڇڳن ۽ بندن ڪرمن جو
ڦل جو سکہ ۽ دکہ آهي تنهن کي ڇڏي مڪتي پائيندين.
هي ارجن! مان ڀوتن پراڻين سان ڪهڙيءَ طرح آهيان؟

ڪنهن به ديوتا جو ڀڳت سان موھ ڪونهي پر منهنجو
ڀڳت، جو منهنجو ڀڄن ڪري ٿو مان به ان جو ڀڄن
ڪريان ٿو. هاڻي ارجن! ٻيو ٻڌ. جيڪو اڳهائي پاپي
آهي سو جيڪڏهن ڪنهن مهل پريت سان منهنجي
يادگيري ڪري ٿو ۽ چوي ٿو ته ”هي سري ڪرشن!
مان جهڙو تنهنجي شرن آهيان ۽ مان تنهنجو داس آهيان.
هي ارجن! انهيءَ کي به تون سنت ڪري ڄاڻ. هي
ارجن! منهنجي ڀڄن جي اڳيان پاپ ڪهڙي شئي آهي؟
”جيئن ڪاٺين جي ڍڳ کي باھ ساڙي ناس ڪندي
آهي تيئن منهنجو ڀڄن به پاپن کي ساڙي ناس ڪري
ٿو ۽ انهيءَ مهل ئي ڌرماتما ٿئي ٿو ۽ شانت پد کي
پائي ٿو. هي ارجن! مون کي پاپي جوڻيون ياد ڪن
ٿيون. استري ونش، شودر اهي به پرم گت کي پائيندا.
برهمڻ جو ٻيجي جنم آهي اهي منهنجو مک آهن ۽ کتري
منهنجون ٻانهون آهن. انهن کي مکت ٿيڻ ڪا اوکي
ڳالھ ڪانهي. انهيءَ سبب ڪري هي ارجن! مانک جي
ديھ توکي ملي آهي انهيءَ ديھ ۾ تون منهنجو سمرن
ڪر.“ هي ارجن! ”هاڻي مانک ديھ جو بيان ٻڌ.
مانکا ديھ ڪهڙي آهي؟ جا سدائين نه آهي. ناس ٿيڻ
واري آهي جا ڪنهن به مهل ناس ٿي وڃي ٿي ۽ رت
پونءَ جو گهر آهي. هڏا ۽ ماس ٻيو جيڪي به آهي
اهو سڀ آنڊ آهي. اهي ته مانکا ديھ جا اوگڻ آهن.
هاڻي من ديھ جا گڻ ٻڌ. جڏهن هي جيو ڀٽڪندو

ڀڳتڪندو مانکا ڏيهه ۾ اچي ٿو تڏهن منهنجي سڀني جو ڳيان پائي ٿو ۽ مون کي سڃاڻي منهنجو ڀڄن ڪريٿو ۽ منهنجي ڀڄن ڪري اُتمُ پد پائي ٿو. منهنجي پد کي ڏيڻ واري هيءَ مانکا ڏيهه ئي آهي. اها تہ هنجي مهما جيم. انهيءَ ڪري هي ارجنا هيءَ مانکا ڏيهه توکي مليل آهي انهيءَ ۾ تون منهنجو ڀڄن ڪر ۽ من جو نشچو مون ۾ رک ۽ منهنجو ڀڳت ٿيءُ ۽ منهنجي پوڄا ڪر ۽ مون کي نمسڪار ڪر ۽ هن ريت منهنجو سمرن ڪر "اوم نمو ڀڳوتي واسديوايہ" انهيءَ ڀڄن ڪري مون کي اٿين ملندين جيئن پائيءَ سان پائي ملي ويندو آهي. انهيءَ ريت مون سان ملي هڪ ٿي. "اوم نمو نارائڻ" اهو منهنجو منتر آهي.

*

"ست سري ڀڳونت گيتا سري ڪرشن ارجن
سنبادي راج وديا راج گهيہ يوگ نالي
نائون اڌيائ پورو ٿيو."

—*—

نائين اڌياءِ جو مهاتم

سري نارائڻ چوي ٿو ته هي لڇمي! دکڻ ديس ۾ ڀاو سرما نالي هڪڙو شودر رهندو هو. هو ڏاڍو پاپي هو. ڏهاڙي شراب ۽ ماس کائيندو هو ۽ جوئا ڪندو هو ۽ چوري ڪندو هو ۽ پر استرين سان سنگ ڪندو هو. هڪڙي ڏينهن هو شراب پيندي پيندي مري ويو ۽ وڃي پريت ٿيو. هڪڙو برهمڻ به انهيءَ شهر ۾ رهندو هو، هو ڏينهن جو شهر مان ڀڪيا گهري اچي پنهنجيءَ استريءَ کي ڏيندو هو پر ان جي استري ڏاڍي لڙاڪ هئي. هوءَ ڪڏهن به دان پنج ڪين ڪندي هئي هڪڙي ڏينهن پريتڻ پنهنجي مڙس ڀوت کان پڇيو ته تو کي پنهنجي اڳين جنم جي خبر آهي؟ تڏهن ان جي مڙس ڀوت چيو ته هائو مونکي خبر آهي. مان اڳين جنم ۾ برهمڻ هوس. تڏهن پريتڻ چيس ته تو اڳين جنم ۾ ڪهڙو پنج ڪيو هو جنهنڪري تو کي اڳين جنم جي خبر ٿي پوي. تڏهن ڀوت چيو ته مون اڳين جنم ۾ هڪڙي برهمڻ کان گيتا جو اڌ سلوڪ ٻڌو هو. تڏهن وري پريتڻ چيو ته اهو برهمڻ ڪهڙو هو ۽ اڌ سلوڪ

جو ارٿ ڇا آهي جنهن جي پڙهڻ ڪري توکي اڳين
جنم جي خبر پيئي تڏهن پوٽ چيو ته مون پهو ڪوبه
پيج ڪونه ڪيو آهي فقط گيتا جو اڏ سلوڪ پڙهم
جنهن جو ارٿ آهي ته هڪڙي ڏينهن ارجن سري
ڪرشن ڀڳوان کان پڇيو ته هي ڀڳوان! جهڪي گيتا
جي ناڻين اڌياءَ ۾ لکيل آهي سو مون کي پڙهايو. اهي
ئي ڳالهيون پوٽن پڇيون جي پوٽ پڙهايس. انهن ڳالهين
ڪندي هڪڙو پهو پريت نڪري آيو. تڏهن انهيءَ
چيو ته اي پوٽڻ! تون اهي ئي ڳالهيون وري پوٽ کان
پڇ. تڏهن پوٽڻ وري پنهنجي مڙس کان پڇيو ته برهمڻ
ڪهڙو هو ۽ اهو ڪرم ڪهڙو جنهن جي ڪري اڳين
جنم جي توکي خبر پيئي؟ پوٽ اهي ئي ڳالهيون ويٺي
پڙهايون ته ايتري ۾ انهن جي ديهه ڇٽي ۽ انهيءَ مهل
ئي ديوتائن جي ديهه ڌاري وران ۾ چڙهي ونڪنٺ
ڏانهن روانا ٿيا. ويندي ويندي رستي ۾ ديوتائن وڪي
پڇڻ ۽ پڇڻ لڳن توهان اهڙو ڪهڙو پيج ڪيو آهي
جنهن ڪري اهڙو جلد ۽ ڏکو ونڪنٺ ڏي ٿا وڃو؟
تيرٿن جو سنان ورت تپسيا ۽ دان انهن مان توهان
ڪوبه هڪ پيج ڪرنه ڪيو آهي جنهنڪري هي ڦل
توهان کي ملي ۽ نڪا سري ناراڻ جي ڀڳتي ئي ڪئي
اٿو. توهان ڪهڙو پيج ڪري ونڪنٺ ڏي ٿا وڃو؟
تڏهن انهن چيو ته اسان هڪڙي برهمڻ کان گيتا جو
اڏ سلوڪ پڙهو آهي تنهنجي پرتاپ ڪري اسان ونڪنٺ

ٿا وڃون. تڏهن ديوتائن ٻڌي چيو ته گيتا جو اهڙو پرتاپ آهي جنهن جي ڪري اهڙا نيچ جيون ولرا به مڪتي کي ٿا پائن. هو نيٺ وڃي وئڪنٺ پهتا. سري نارائڻ چيو ته هي لڇميا اهو گيتا جي نائين ادياءَ جو مهاتم آهي.

”اِت سري ڀڳونت گيتا جي نائين ادياءَ جو
مهاتم پورو ٿيو.“

سري گيتا جو اڌيايءُ ڏهون

(وڀوتي يوگ)

شري ڪرشن ڀڳوان ٿو چوي ته هي ارجن! تون منهنجا پرم وچن ٻڌ. انهيءَ لاءِ ته تو کي ٻڌڻ جي ڏاڍي سڪ آهي سو مان تنهنجي ڪلياڻ لاءِ چوان ٿو. هي ارجن! جيڪا منهنجي مهما آهي ۽ پرتاپ آهي انهيءَ کي تون ڇڱيءَ ريت ڄاڻين ٿو. برهما کان آد وٺي مهاديو ۽ گهڻا منيشور به نٿا ڄاڻن. مان سڀني ديوتائن جي آد آهيان. هي سڀ ديوتا مون مان پيدا ٿيا آهن ۽ منهنجوئي روپ آهن ڇو ته هيءَ ڳالهه پرسڌ آهي ته جيڪو جنهن مان پيدا ٿئي ٿو سو پيدا ڪرڻ واري جي ڳالهه ڪيئن ڪندو. جيئن باغيچي منجهه مالهي وڻ پوکي ٿو ته انهن وڻن کي مالهيءَ جي ڪهڙي خبر پوندي تيئن پٽ کي

ٻنهي جي ڄمڻ جي ڪنهن خبر پوندي؟ رشي مني جو منهنجو پرتاپ نٿا ڄاڻن سو پرتاپ ٻڌ. مان ڄمڻ مرڻ کان پري آهيان، منهنجي آد ڪانهي، مان سڀني جو ايشور آهيان جيڪو مون کي اهڙو ڪري ڄاڻي ٿو سو گياني پرش سڀني پاپن کان مڪت ٿئي ٿو. هي ارجن! ٻوڌ، گيان، نرموهتا، ڪِميا، سچ ڳالهائڻ، اندرين جيتڻ، سک دک، هئڻ نه هئڻ، نربئه، هڪ رس ٿيڻ، تپسيا، دان، جس، نندا، ڪوڙ اهي سڀ ڳالهيون ماڻهن ۾ آهن. هي ارجن! مان انهن کان پري آهيان ۽ جنهن ريت سڀ کي پيدا ڪريان ٿو سو ٻڌ. مان جو وشنو ڀڳوان نارائڻ آهيان سو منهنجي ناڀ ڪنول مان برهما پيدا ٿيو. برهما جي اڇا مان ست رشي ۽ چار مني پيدا ٿيا. ستن رشين ۽ چئن منين مان ديوتائون ۽ ديوتائن مان ماڻهو، راڪس، دئيت ۽ ٻي پرجا پيدا ٿي. هي ارجن! ساروئي سنسار انيڪ پرڪارن ۾ ٿي وڌيو آهي انهن سڀني جو ڪرتا تون مون کي ڄاڻ جيڪي مون کي اهڙو سمجهن ٿا انهن کي نشچل يوگ ملي ٿو. انهيءَ ۾ ڪوئي شڪ نه آهي. هي ارجن! مان ڪنڀار وانگر آهيان پر ڪنڀار جڏهن باسڻ ٺاهيندو ته مٽي زمين مان آڻيندو. جڏهن مٽي زمين مان نه آڻي ته باسڻ ڪڏهن نه ٺاهي سگهي. مان ڪهڙو آهيان؟ هيءَ جيڪا سرشٽي ٺاهيان ٿو سا پاڻ مان ئي ٺاهيان ٿو. منهنجا ڀڳت مون کي اهڙي شرڌا سان منهنجو ڀڄن ڪن ٿا. هي ارجن! من جو نشچل چتو

مون ۾ رکن ٿا. هي ارجن! منهنجيءَ پريت ۾ پراڻ به
ڏين ٿا ۽ سنسار جو ڪوبه خيال انهن کي ڪونهي ۽
ايڪانت ۾ منهنجو سمرڻ ڪن ٿا ڪٿا ڪيرتن ٻڌن ٿا.
جيڪي منهنجي ڪٿا ٻڌن ٿا ۽ انهن ۾ مان پاڻ وجهي
ويهان ٿو. اهي منهنجي ڪٿا ٻڌي شانت سک پائين ٿا ۽
پريت مان منهنجو ڀڄن ڪن ٿا ۽ مان انهن کي ٻڌي يوگ
دان ڪريان ٿو سو ٻڌي يوگ ڪهڙو آهي؟ جنهن ڪري
پاڻي مون کي اچي ملن ٿا. هي ارجن! انهن تي مان ٻيو به
ڪرپا ڪريان ٿو سا ڪهڙي؟ انهن جي هردي ۾ گيان
جو ڏيئو ٻاري روشن ڪريان ٿو. انهيءَ روشنائيءَ ڪري
انهن جي جيو ٻڌي جو ناس ٿئي ٿو اهي وڃن ٻڌي ارجن
چوڻ لڳو ته هي سري ڪرشن ڀڳوان! تون پار برهم آهين
هي پريو تون پرم ڌام (تيجسوي) آهين، ۽ وئڪنٺ
ڌام تنهنجو گهر آهي. تون پوتر آهين ڇاڪاڻ جو تنهنجن
چرنن مان سري گنگا ڪان وڻي پيا تيرٿ نڪتا آهن جي
سڀ کي پوتر ڪن ٿا. تون سڀ ۾ وياپڪ آهين، آد
ڪان آهين ۽ اڄهو آهين، ڪنهن به تو کي ڏٺو ڪونهي،
توهان سڀني کي ڏٺو آهي. توهين سڀني ديوتن جا ديو
آهيو، جنم مرڻ کان پري آهيو ۽ سڀني جا ايشور
آهيو. هي پريو! اها توهان جي مهما سڀ رشي مني
ڳائين ٿا. پلست، وسشٽ، ورهسپت آدرشي توهان
جي مهما ڳائين ٿا. هي پريو! توهان پاڻ پنهنجي مهما
ڳايو ٿا. هي ڀڳوان! جنهن جي جيتري ٻڌ آهي اهو

اوتري توهان جي مهما ڳائي ٿو پر جيتري توهان جي مهما ۽ پرتاپ آهي انهيءَ کي نڪو ديوتا نڪو رشي نڪو ٻيو ڄاڻڻ وارو آهي. هي پريوا پنهنجيءَ مهما کي توهان پاڻ ئي ڄاڻڻ وارا آهيو. توهان ڪهڙا آهيو؟ سڀني کي پيدا ڪندڙ آهيو ۽ سڀني جا ايشور آهيو. هي پريوا توهان پنهنجي شڪتيءَ کي سڀڪنهن ريت ڄاڻو ٿا ۽ پنهنجو پرتاپ سڀ کي ڏيکاريو ٿا ۽ ڪجهه به نه لڪايو ٿا ۽ پنهنجيءَ آتما جي مهما ڏيکاريو ٿا جنهن مهما ڪري پورڻ آهيو. هي سارو برهمنڊ جو آهي انهيءَ ۾ وڻ ٽڻ پوت سنگهه پکي انيڪ پرڪارڻ جا جيو رهن ٿا سو اهي توهان جي رچنا ڏسي آستي به نتا ڪري سگهن فقط توهان جي نام جو ئي سمرڻ ڪن ٿا توڙي توهان جي رچنا کي ڏسي توهان جو پڇن ڪن ٿا. هي پريوا توهان جي مهما امرت جي برابر آهي تنهن کي ڏڏي مون کي ڍؤ نٿو ٿئي. ڪرپا ڪري پنهنجي مهما وستار سان ڏيکاريو ته مان ڏسان ته توهان ڪيتري مهما جا ڌڻي آهيو. ارجن جي اها وينتي ڏڏي سري ڪرشن ڀڳوان مون لکو ته هي ارجن! مان توکي ڪجهه ويوتي ڏيکاريان ٿو پر منهنجي ساوي وستار جو ڪو انت ڪونهي. تنهن جو درشٽانت ڏڏ جيئن ڪنهن چڪرورتي راجا جو ملڪ هجي ۽ انهيءَ ملڪ ۾ جيڪي وڏا شهر هجن تن جا ماڻهو ڳڻڻ ۾ نه اچن انهيءَ هڪڙي شهر مان ڏهه پندرهن ماڻهو گهولي ڪڍجن

۽ انهن مان وري پيا گهولي ڪڍجن انهيءَ ريت منهنجي
سڄي وستار جو ڪو انت ڪونهي. نوري ۾ نورو وستار
پڌ. هي ارجن! ساري سنسار جو آتما تون مون کي ڄاڻ
۽ سڀني جي هردن ۾ مان آهيان ۽ سڀني جي آد وچ
۽ انت مان آهيان. اها ته ساري مهما نوري ۾ چمر
هاڻي ڪجهه ۽ ظاهر پرتاپ پڌ. آرتين [سورجن] ۾ وشنو
آءٌ آهيان، جوتين ۾ تيجوان سورج آءٌ آهيان، واين
[هوائن] ۾ مريچ وايو آءٌ آهيان، نڪيترن ۾ چندرما آءٌ
آهيان. ويدن ۾ سام ويد آءٌ آهيان، ديون ۾ اندر آءٌ
آهيان، اندرين ۾ من آءٌ آهيان، ۽ ء-رائين ۾ چيتن آءٌ
آهيان! رودرن ۾ شنڪر آءٌ آهيان، يڪش ۽ راڪسن
۾ ڪبير آءٌ آهيان، وسن ۾ اگني آءٌ آهيان، پربتن ۾
ميرو پربت آءٌ آهيان. هي پارٿ! پروهتن ۾ مکيه ورهسپتي
مون کي ڄاڻ. سيناپتين ۾ ڪارتڪ سوامي آءٌ آهيان ۽
سرو ورن ۾ ساگر مان آهيان. مهارشين ۾ ڀرگهو آءٌ شبدن
۾ هڪ اکر [اوم] آءٌ، يگين ۾ جپ يگيه آءٌ، ۽ اچل
[اٽل] پدارٿن ۾ هماليه آءٌ، سڀني وڻن ۾ پپل آءٌ، ديو
رشين ۾ نارد آءٌ، گندرون ۾ چتر رٿ آءٌ جنتن ۾
ڪپل مني آءٌ آهيان. گهوڙن ۾ امرت مان اُتپن نيل
اچي شروا مون کي ڄاڻ. هاٿين ۾ ائراوت آءٌ ۽
منشن ۾ راجا آءٌ آهيان. هٿيارن ۾ وجر آءٌ، ڳاين ۾
ڪام ڌين آءٌ، سنتان پيدا ڪندڙ ڪام ديو آءٌ، سپن
۾ واسينگ آءٌ آهيان. ناگن ۾ شيش ناگ آءٌ، جل

ڀرائين ۾ ورڻ آءٌ پترن ۾ آريما آءٌ ۽ سزا جم آءٌ آهيان. دئيتن ۾ پرهلاد آءٌ، ڳڻپ ڪندڙن ۾ ڪال آءٌ، پسن ۾ شينهن آءٌ، پکين ۾ گرڙ آءٌ آهيان پوتر ڪندڙن ۾ هوا آءٌ، هٿيار ڌاريندڙن ۾ پرسرام آءٌ، مڇين ۾ مانگر مڇ آءٌ، ندين ۾ گنگا آءٌ آهيان. هي ارجن! سرشٽن جي آد، انت ۽ وچ آءٌ، وديائن ۾ اڌياتمڪ وديا آءٌ ۽ واد ڪندڙن ۾ واد آءٌ آهيان. اکرن ۾ الف آءٌ، گڏيل شبدن ۾ دوند آءٌ، ابناسي ڪال آءٌ ۽ سرو وياپي پالڻندڙ پڻ آءٌ آهيان. سڀني کي ماريندڙ ڪال آءٌ، جيڪي اتپن ٿيڻو آهي تنهن جي اتپتيءَ جو ڪارڻ آءٌ ۽ ناريءَ جاتيءَ جي نالن ۾ ڪيرتي، لڇمي، واڻي، سمرتي، ٻڌي، ڌيرج ۽ ڪميا آءٌ آهيان. سام ويد [جي منترن ۾ برهمت [وڏو منتر] آءٌ، ڇندن ۾ گايتري ڇند آءٌ، مهينن ۾ ناهري آءٌ، مندن ۾ بسنت آءٌ، آهيان ڇل ڪندڙن ۾ ڇل آءٌ، تيجسوين جي تيج آءٌ، جيءَ آءٌ، نسچو آءٌ، سچي ڀاو وارن جي سچائي آءٌ آهيان. يادون ۾ واسديو آءٌ، پانڊون ۾ ارجن آءٌ، منين ۾ وياس آءٌ ۽ ڪوين ۾ اشنا (شنڪر) آءٌ آهيان. واجائن جو ڏنڊ آءٌ، جئه ملندڙن جي اڇا واري راڄ نيتي آءٌ، ڳجهي ڳالهه رکڻ لاءِ ماٺ آءٌ ۽ گيانين جو گيان آءٌ آهيان.

هي ارجن! سڀني پراڻين جو ٻج آءٌ آهيان ۽ وري چل يا اچل اهڙي ڪابه شئي ڪانهي جا مون کان سواءِ

ٽڪي سگهي. هي شترن جا ڏڪاوا! منهنجين عجيب ويڀوتين جو انت ڪونهي. هي تہ پنهنجين ويڀوتين جو فقط ٿورو وستار ٻڌايو اٿئي ماءِ. جيڪي ڪجھ بہ ويڀوتيءَ وارو، لڇميءَ وارو يا پرڀاو وارو آهي سو منهنجي تيج جي ذري مان ئي پيدا ٿيل ڄاڻ. پر هي ارجن! هي سڀ ڄاڻي ڪري تو کي ڪهڙو لاڀ ٿيندو؟ آءٌ تہ رڳو پنهنجي هڪڙي انس [ذري] جي ڪري سڄي جڳت ۾ وياپي رهيو آهيان.

”اِت سري ڀڳونت گيتا سري ڪرشن ارجن
سنبادي ويڀوتي يوگ نالي ڏهون ادياءُ پورو ٿيو.“

—*—

ڏهين ادياءَ جو مهاتم

سري نارائڻ ٿو چوي تہ هي لڇمي! ڏهين ادياءَ جو مهاتم ٻڌ جنهن جي ٻڌڻ ڪري پاپ کان مڪتي ٿئي ٿي. بنارس شهر ۾ هڪڙو ڌيرجي نالي برهمڻ هو. اهو ڏاڍو ڌرماتما ۽ هريءَ جو ڀڳت هو، هو مهاديو جي درشن ڪرڻ لاءِ ويو پر رستي ۾ گرميءَ جي ڪري ساڙو ٿي مندر جي در وٽ وڃي ڪري پيو ۽ ايتري ۾ ڀرڳو نالي گڻ آيو ۽ ڏٺائين تہ هڪڙو برهمڻ مورڇا ٿيو

دروازي وٽ بيهو آهي. پوءِ هن ڪن وجهي شوجيءَ کي
ٻڌايو ته هي سوامي! هڪڙو برهمڻ توهان جي درشن
لاءِ آيو آهي پر مورچا ٺيو دروازي وٽ بيهو آهي. شوجي
ٻڌي ڪني ماٺ ڪئي. وري انهيءَ ڪن وجهي انهيءَ
برهمڻ کي ڏٺو ته مٺو پيو آهي. پوءِ وري اچي شوجي
کي چيائين ته هي سوامي! هي ونگ مون اڄ ٿي ڏٺو
آهي. هن رهمڻ ڪهڙو ٻج ڪيو آهي جنهن ڪري
هو هڱيءَ جاءِ تي مٺو آهي. هڪڙو ته ڪاشيءَ جو گهر
پيو ڪنگا جو سنان ۽ سنتن جي ٽلاءَ جو درشن. گهارس
جو شپ ڏينهن، اهي سڀ ڳالهيون هن کي هٿ آيون
سو ڪرپا ڪري ٻڌايو ته هن ڪهڙو ٻج ڪيو آهي
جنهنڪري هي اهڙيءَ پوتر جاءِ تي مٺو آهي؟ تڏهن
شوجيءَ چيو ته هي پرگهوا! هن برهمڻ جي اڳئين جنم
جي خبر مان توکي ٻڌايان ٿو. هڪڙي سمي ۾ ڪيلاش
پربت تي پاروتي ۽ مان ويٺا هئاسون ۽ منهنجا گڻ
ويٺا هئا ۽ اسان سيني گلن جي سونهن ويٺي ڏٺي ته
ايتري ۾ هڪڙو هنس منهنجي درشن لاءِ آيو. اهو
هنس برهما جو نوڪر هو ۽ اهو هنس برهما جي لوڪ
مان مانسروور ۾ گلن جي خوشبوءِ لاءِ آيو پر اچا انهي
تلاءَ جي مٿان آيو ته هڪڙي گل ڏسي ڪري اهو
هنس ڪارو ٿي ويو ۽ آڪاس مان هيٺ ڪري پيو ۽
وري اڏامي نه سگهيو. ايتري ۾ پيو هڪڙو ڳڻ آيو سو
هن کي اتي ڪريل ڏسي مون وٽ وٺي آيو ۽ اچي چيائين

ته هي سوامي! هڪڙو هنس توهان جي درشن لاءِ آيو
ٿي پر وات ۾ ڪارو بدن ٿي ويس ۽ ڪري پيو.
مون گڻن کي حڪم ڏنو ته وڃي کڻي اچوس جي هن
کي کڻي آيا. مون هنس کان پڇيو ته هي هنس تنهنجو
بدن ڪارو ڇاڪاڻ ٿيو آهي؟ هنس چيو ته هي پرڀوا!
مان توهان جي درشن ڪرڻ لاءِ برهما جي لوڪ کان
ٿي آيس پر وات ۾ تلاءَ ۾ ڪنول بيٺا هئا. مان انهن کي
ڏسندو لنگهي آيس ته منهنجي ديهه ڪاري ٿي پئي ۽
زمين تي ڪري پيس. هي سوامي! مان نٿو سمجهان ته
ڇاڪاڻ منهنجي ديهه ڪاري ٿي آهي. اهو ٻڌي مون
کليو ته ايتري ۾ آڪاس مان آواز آيو ته هي شنڀو
ڀولاناٿ! توهان ڇاڪاڻ ٿا خيال ڪريو؟ انهيءَ جي
ڪٿا مون کان ٻڌو. تڏهن مون چيومانس ته هيڏي مون
وٽ اچي مون کي ٻڌاءِ ته مان ڏسان تون ڪير آهين؟
تڏهن چتربڀجي روپ ۾ شيام رنگ وارو هڪڙو پارکد
آيو ۽ هڪڙي ڪملني آئي. پارکد چيو ته هي سوامي!
توهان اها ڳالهه هن ڪملنيءَ کان پڇو. ڪملنيءَ
چيو ته هي سوامي! مان توهان کي اڳئين جنم جي
ڳالهه ٻڌايان ٿي. اڳئين جنم ۾ مان اپڇرا هيس ۽
منهنجو نالو پدماوتي هو. هڪڙو سمو ٿيو ته هڪڙو
برهمڻ گنگا جو سنان ڪري گيتا جي ڏهين اڌياءَ جو
پاٺ ڪرڻ لڳو ۽ هن برهمڻ جو اهو سدائين کان نيم
هوندو هو. هڪ ڏينهن اندر جو آسڻ لڏڻ لڳو. اندر

خيال ڪري ڏنو تہ هڪڙو برهمڻ گيتا پڙهي آهي انهيءَ ڪري منهنجو آسڻ لڏيو آهي. تڏهن راجا اُلدو مون کي گهرائي حڪم ڏنو تہ تون وڃي هن برهمڻ جي پاڪ پنڪ وجهہ. مان اهو حڪم وٺي برهمڻ وٽ ويس ۽ ڏٺم تہ برهمڻ ايڪانت ۾ ويٺو آهي ۽ اهانڪ منهنجو انگ برهمڻ جي انگ سان لڳي ويو. برهمڻ مون کي سراپ ڏنو تہ هي پاپڻ! تون ڪملني ٿيءُ ڪملنيءَ چيو تہ هي هنس! تون ڪير آهين ۽ هيڏانهن ڇو آيو آهين؟ برهما چيو تہ اسان چار هنس آهيون ۽ برهما جا نوڪر آهيون. اسان کي مانسروور ۾ سوڍن چڳڻ جو حڪم مليو جو اسان اوڏانهن ٿي وياسين. وستي ۾ ڇوسون تہ شوڀيءَ جو درشن ڪندا هلون پر تنهنجي مٿان لنگهڻ ڪري اهڙي مان ڪارو رنگ ٿي پيو ۽ آڪاس تان هيٺ ڪري پياسين. تڏهن ڪملنيءَ چيو تہ مان پهريائين برهمڻ جي گهر ڪنيا هيس. پوءِ جڏهن منهنجي شادي ٿي تڏهن مون هڪڙو طوطو پاليو. اهو طوطو ڏاڍو مٺو ڳالهائيندو هو. هڪڙي ڏينهن منهنجو پتي آيو. پر مون طوطي جي ڪري هن جو آدرڀاءُ نہ ڪيو. پتيءَ چيو تہ اٺي وسوٺي ڪر تڏهن بہ مان ڪينڪي اٿيس. تڏهن ڪاوڙجي مون کي سراپ ڏنائين تہ تون وڃي ڪملني ٿيءُ. سو انهي سراپ ڪري مان ڪملني ٿي آهيان. انهيءَ جنم جي خبر مون کي اڄا تائين آهي. تڏهن هنس چيو تہ منهنجو ڪاري رنگ مان

اچو رنگ ٿئي ۽ تون به انهيءَ ديهه کان ڇُٽين اهڙو ڪو اپاءُ ڪر. تڏهن ڪملنيءَ چيو ته گيتا جي ڏهين اڌياءَ جو ڪو پاٺ ڪري ان جو ڦل ڏئي ته مڪتي ٿينديس. پوءِ ٻنهي هڪڙي برهمڻ کي وينتي ڪئي. تنهن برهمڻ سنان ڪري سالگرام جي شيوا ڪئي ۽ گيتا جي ڏهين اڌياءَ جو پاٺ ڪري ان جو ڦل انهن کي ڏنو ته هنن جو انهيءَ مهل ئي اڌار ٿيو. هنس ۽ ڪملني ٻئي ديو ڪنيائون ٿي پيئون ۽ هٿ ٻڌي برهمڻ کي نمسڪار ڪيائون ۽ چيائون ته هي سوامي! توهان ڌن آهيو جو اسان کي هن ديهه کان ڇڏايو اٿو. برهمڻ انهن کان حال پڇيو. تڏهن هنن ساري ڪٿا ڪري ٻڌايس ۽ چيائونس ته توهان جي پاٺ ڪري اسان جي مڪتي ٿي آهي. هاڻي اسان کي آشيرواد ڏيو ته اسان ديو لوڪ ڏي وڃون. تڏهن برهمڻ هنن کي آشيرواد ڏني چيو ته پرميشور جي ڪرپا سان ٻئي وڃي ديو لوڪ کي پراپت ڪريو. پوءِ ٻئي ديو لوڪ ڏي هليا ويا. سري نارائڻ چوي ٿو ته هي لڇمي! اهو ڏهين اڌياءَ جو مهاتم آهي.

"اِت سري ڀڳوت گيتا جي ڏهين اڌياءَ جو
مهاتم پورو ٿيو."

*

سري گيتا جو اڌياءُ يارهون

(وشو روپ درشن يوگ)

ارجن شري ڪرشن ڀڳوان کي نئو چوي ته هي پربوا توهان پنهنجو گجهو پرتاپ ٻڌايو سو توهان جي ڪرپا سان منهنجو موهه ناس ٿي ويو آهي. سنسار جو آتپن ٿيڻ ۽ ناس ٿيڻ مون چڱيءَ ريت ٻڌو. هي ابناسي پرڀا! توهان جي آتما جي مهما به مون ٻڌي. هي پربوا هي پرشوتم!! توهانجي ابناسي آتما سان منهنجي پريت آهي سو توهان منهنجي وينتي ٻڌو. پنهنجي ابناسي آتما جو درشن ڪرايو. ارجن جي وينتي ٻڌي سري ڪرشن ڀڳوان چوڻ لڳو ته هي ارجن! تون منهنجو روپ ڏس ۽ انيڪ پرڪارن جا روپ ۽ سورج ۽ ڪٿي اشوني ڪمار ۽ ڪٿي هوائون مطلب ته سڄو سنسار گڏ ڏس ۽ منهنجو ديهه ۾ استاور جنگم ۽ جن جي ڏسڻ جي توکي ابلاشا هجي اهي به ڏس. هي

ارجن! انهن اکين سان تہ ڪين ڏسي سگهندين. انهيءَ
ڪري توکي ڪجهي ڪمان جون اکيون ڏيان ٿو، انهن
اکين سان تون پرم ايشور کي ڏسندين. سنجيہ چوي
ٿو تہ هي ڌرتراشٽرا جوڳيشورن جو ايشور سري ڪرشن
ڀڳوان ارجن کي اهي وچن چئي انهيءَ مهل پنهنجو
ايشوري روپ ڏيکارڻ لڳو جنهن سروپ ۾ انيڪ منهن،
انيڪ اکيون، انيڪ روپ، انيڪ پوشش، انيڪ پرڪارن
جا ڪپڙا ۽ گلي ۾ انيڪ پرڪارن جون مالائون ڏاڍيون
خوشبودار ڦل هيون جنهن ۾ لکين سورج پرڪاش پيا
ڪن سو انهن سورجن کان بہ ڀڳوان جي وشي روپ
جو پرڪاش وڌيڪ ڏٺائين جنهن ۾ لکين ستارا ڏٺائين
۽ ديون جو ديو جو سري ڪرشن ڀڳوان آهي سو پانڊو
جي پٽر ارجن ڏٺو ۽ انهيءَ روپ کي ڏسي ڏاڍو اچرج
۾ پيو. ارجن جي روم روم ڪنڊي ٿي پئي ارجن انهيءَ
روپ کي ڏسي هٿ ٻڌي نمسڪار ڪيو ۽ چوڻ لڳو
تہ هي ديوتائن جا ديو سري ڪرشن ڀڳوان! مان
توهانجيءَ ديہ ۾ اهڙو روپ ٿو ڏسان پر توهان جو
انت ڏسي نٿو سگهان. هي پرڀوا اهڙو جو توهان جو
روپ آهي تنهن ۾ سر بہ انيڪ آهن تن تي مڪٽ بہ
انيڪ آهن جي اتي سندر آهن ۽ هٿ بہ انيڪ آهن
جن ۾ سنک، چڪر، گدا، پدم بہ انيڪ آهن ۽
انيڪ پرڪاش ڪندڙ سورج ۽ چندرمان آهن.
اهي ڪهڙا آهن؟ پهاڙن کان بہ وڏا آهن ۽ سيني

ڀاسن ڏي توهان جوني پرتاپ نو ڏسان. انهي توهان جي تجوان روپ کي ڏسڻ ۾ ڏاڍو ڪٺن آهي. اهو ڪهڙو روپ آهي؟ جهڙيءَ ريت ڪا وڏي باهه ٻرندي آهي ۽ جيئن لکين سورج پرڪاش ڪندا آهن تهڙيءَ ريت تمام ئي اَنت توهان جو تيج آهي ۽ توهان ابناسي آهيو ۽ سڀ کان پري آهيو ۽ توهان جاڻي جهٽهار آهيو ۽ انيڪ پرڪلون جي جا رچنا آهي تنهن ۾ پري پورڻ آهيو ۽ آد کان آد آهيو. ڌرم جي پالنا ڪرڻ وارا آهيو، سناتن ۽ پراتن آهيو، منهنجي ٻڌيءَ ۾ ايشور آهيو، اصل آهيو، توهان جي ٻل جو ڪوئي انت ڪونهي. توهان جا انيڪ ناڙا آهن، انيڪ سرير آهن، انيڪ اکيون آهن، انيڪ منهن آهن جن ۾ انيڪ ٽي پرڪاش ڏسو ڏسان انهيءَ پنهنجي تيج ڪري ساريءَ وستو کي پرڪاش ڏنا ڪريو، آڪاس، ڌرتي ۽ پاتال ۾ توهان جو هڪڙو ئي روپ آهي. انهي توهان جي روپ کي ڏسي ٽنهي لوڪ ڪنبي ويا آهن ۽ ڪروڙين ڪرم توهان ۾ اچي پون ٿا ۽ ڪروڙين ديوتا توهان جي اڳيان هٿ ٻڌي ٻيا توهان جي آستتي ڪن ۽ ٻيا ڪنبن ۽ ڪروڙين رکيشور، منيشور، سڌ ۽ ساڌڪ توهان کان ڪنبن ٿا ۽ توهان کان آشرواد ٻيا منگن ۽ توهانجي جس ٻيا ٻولائن ۽ ڪنين توهان جي استتي ڪري توهان تي گلن جي ورکا ٻيا ڪن. توهان جي هن روپ کان سڀ لوڪ ڪنبن ٿا جن کي منهنجو ٻيا چون ته ڪنبو

نه، ايشور پرم ديالو آهي. انيڪ شيوجي ٿو ڏسان، انيڪ
سادو ٿو ڏسان، انيڪ هن توهان جي روپ کي ڏسي
اچرج ۾ پيا ڦوڪ، انيڪ ٻانهون جن ۾ اٿاهه ٻل ٿو ڏسان
انيڪ پير، انيڪ پيٽ، انيڪ منهن جن ۾ مها ڀيانڪ
ڏاڙهيون ٿو ڏسان انهي توهان جي روپ کي ڏسي
انيڪ لوڪ ڪنبي ويا آهن ۽ مان به ڪنبان ٿو وري
توهان ڪهڙا آهيو؟ آڪاس سان وڃي لڳا آهيو. ٿوري
ٿوري نڪر ۾ ڪيئي سورج پرڪاش پيا ڪن ۽ انيڪ
توهان جا رنگ آهن ۽ انيڪ توهان جا نيتر آهن جن
۾ پرلئه جي وقت جهڙي اڳني ڏسڻ ۾ اچي ٿي. هي
پريوا امڙو ڀيانڪ روپ ڏسي منهنجو آتما ڪنبي ويو
آهي ۽ مان ڌيرج به ڪري نٿو سگهان هي ڀڳوان!
بس مان هاڻي خوش نيس. هي دين ديال! پرلئه جسي
وقت جهڙي توهان جي منهن ۾ ڏاڙهي ٿو ڏسان. هاڻي
مون کان دشائون به ڀلجي ويون آهن ۽ مون کي اها
به سڌ نٿي پوي ته پورب، پڇم، اتر ۽ ڏکڻ ڪيڏانهن
آهن ۽ شانتي به نٿي اچي. هي جڳت جا ڪرتا! هي
جڳت جا آسرا! هاڻي بس ڪريو. مان توهان جو
روپ ڏسي اتي پرسن ٿيو آهيان. هيءُ ڌرتراشٽر جي
پٽن جا سينا آهي تنهن ۾ جيڪي مکيه يوڌا آهن اهي
سڀ توهان جي مها اگنيءَ ۾ پوندو ڏسان ٿو انيڪ
يوڌن جا سر انهيءَ توهان جي ڏندن جي وچ ۾ اٽڪيل ٿو
ڏسان پيو ڪٽجن؟ جيئن ندين جو پاڻي ڏاڍي زور سان سمندر

۽ اڳي ٿيندو آهي تيئن هي سڀ يوڌا توهان جي منهن
جي اگنيءَ ۾ ٿا اچي پون ۽ انهن جا پراڻ نڪري ٿا
وڃن. مها اگنيءَ سان ٻريل، جو توهان جو منهن آهي
تنهن منهن سان ئي هن سنسار جي اتپت ڪريو ٿا ۽
توهان جي تيج سان سنسار پريو پيو آهي. هي جوتي
سروپا اهڙو توهان جو منهن ڏسان ٿو جو هڪڙي
ڀيانڪ روپ سان ساري سنسار کي ڀري ڇڏيو اٿو. هي
ديوتن جا ديوا توهان کي منهنجي نمسڪار آهي. هي
سواميا هاڻي بس ڪريو. هاڻي مان ڀرمن ٿيس. هي
پريوا توهان جو انت مون ڏٺو ٿي سو توهانجو انت مان
پائي نٿو سگهان. توهان جو انت ۽ آد هجي ته ڏسجي
پر توهان بي انت آهيو. ارجن جا وچن ٻڌي هري
ڪرشن ڀڳوان چوڻ لڳو ته هي ارجنا لوڪن جو ڪال
مان ئي آهيان. هي جو مون وڏو روپ رکيو آهي سو
انهن جي ناس ڪرڻ لاءِ رکيو آهي جيڪي دريوڌن جا
يوڌا آهن تن "سڀني کي مون ناس ڪيو آهي. تون
فقط نالي ماتر اٿي جنگ ڪر" ۽ هنن شترن کي
ماري فتوحيءَ جو راڄ ڪر. هي ارجنا جيڪي ڪهيءَ
پاڻهن سان دشمن کي ماري ٿو. اهو راڄ کي پراپت
ڪري ٿو. هي ارجنا يوڌا ته مون اڳيئي ماري
ڇڏيا آهن. تون فقط نالي ماتر مارينديئن ته لوڪ
چوندا ته هي سڀ يوڌا ارجن ماريا هي ارجنا هي
يوڌا ڪهڙا آهن؟ ڀريائين دروڻا چاريه ڪهڙو آهي.

جنتري ۾ تـون شاستر وديا سکيو آهين تنهن ۾ ٻـــ
دروڻاچاريه وڏو آهي ۽ سراپ ڪري ٻه وڌيڪ آهي؟
اهڙو دروڻاچاريه آهي ۽ وري ڀيشم ڪهڙو آهي؟ جنهن
کي پنهنجي پتا ساڻتوءَ جو ور آهي ته هي پترا! جڏهن
تنهنجي اڇا ٿيندي تڏهن تون مرندين. اهڙو اڇا چاري
ڀيشم آهي. جئدرٿ ڪهڙو آهي؟ جنهن جو پتا ڪرڪيتر
۾ ويٺو تپ ڪري جتي پرسرام جو ڪنڊ آهي. اهو
ڪنڊ ڪهڙو آهي؟ جڏهن پرسرام ايڪيهه ڀيرا ڪترين
کي ماريو، انهن ڪترين سان اهو ڪنڊ ڀريل آهي. تنهن
ڪنڊ ۾ جئدرٿ جو پتا ويٺو تپ ڪري ۽ هيءَ ڪامنا
اٿس ته جي ڪوئي منهنجي پٽ جو سر ويندو ته
انهيءَ جو سر به ڌرتيءَ تي ڪرندو اهڙو ته جئدرٿ
آهي ۽ ڪرڻ جو آهي سو سورج جو اوتار آهي انهن
کان وٺي جيڪي به يوڌا آهن سي تنهنجي مارڻ جا نه
آهن. اهي سون اڳيئي ماري ڇڏيا آهن سو تون مٺلن
کي اٿي مار. سنجيه راجا ڌرتراشٽر کي ٿو چوي ته ڪريٽي
ارجن جو سنک ساڻ جائو آهي تنهنڪري ان جي جنم
جو نالو ڪريٽي آهي، سو ڀڳوان جا اهي وچن ٻڌي
ٻني هٿ جوڙي ڀو کان رهت ٿي سري ڪرشن ڀڳوان
جي چرڻن تي ڪري پيو ۽ ٻچي ڇـوڻ لڳو. ته هي
ڀڳوانا! توهان جي سرير جا جيڪي به انگ آهن تن تي
انيڪ ساڌن ۽ سنتن جون سڀائون ويٺيون آهن سو ٻاڻ
۾ توهان جي مهما ويٺا ڳائين. ونڪنٿ به توهان جي

ديه ۾ نه ڏسان. وڏن وڏن راڪسن جون سينائون توهان
جي انهيءَ روپ کي ڏسي ڪنبن ٿيون ۽ راڪس توهان
جي ڊر کان ڪيڏانهن جو ڪيڏانهن ڀڄا ڀڄن ۽ ڪيئي
ڪوٽ ساڌو توهان کي ڀا نمسڪار ڪن. هي سڀني جا
ايشورا! توهان کي ڇو نه نمسڪار ڪندا؟ اهي توهان کي
اوس نمسڪار ڪندا، جو توهان سڀني جا پِتر، پريو ۽
ڀلارا آهيو. توهان ڪهڙا آهيو؟ هن سنسار جي اتپت
ڪرڻ وارو جو برهما آهي تنهن جا به توهان ايشور آهيو
۽ سدائين آنند روپ آهيو ۽ سڀني ديوتائن کان اڳي
آهيو ۽ ايشور آهيو سڀ ديوتائون ۽ سنسار توهان جوئي
روپ آهي ۽ توهان جيءَ ديه ۾ آهي. انهيءَ ڪري
توهان جڳت جا سوامي آهيو، ابناسي آهيو، ديه کان
پري آهيو، پري پورن آهيو، ويدن جي ڄاڻڻ وارا آهيو
توهان جو ڌام جڳ ڪو گهر آهي ۽ تيجه آهي اهو سڀ
کان پري آهي انهيءَ ڪري پرم ڌام آهيو ۽ هي پريوا
وڀوت روپ به توهان آهيو. وايو يم، اگني، ورڻ،
چندرما، پرجا پتي ۽ وڏا پتامه آهيو. هي پريوا توهان
جي هڪ هڪ روپ کي منهنجو وارون وار نمسڪار
آهي. هي پريوا توهان کي اڳيان، پٺيان سڀني پاسن
کان نمسڪار آهي. توهان جي ٻل ويريه ۽ پراڪرم جو
ڪوئي انت ڪونهي. سڀني جي اندر ۽ ٻاهر توهان
آهيو. هي سواميا! مان توهان کي پنهنجو متر ڄاڻي گهٽ
وڌ ڳالهايو اگهه مون ڇا ڇيو اٿم؟ هي ڪرشن! منهنجو

وٽ وڃي اچ. هي جادوا منهنجو هي ڪم ڪر. هي
مٽر منهنجي ٿيءَ نه هيءَ شعوا ڪر. انهيءَ ڪان وڃي
جيڪي مون گهٽ وڌ توهان کي ڳالهايو آهي سو مونتي
اپار ديا ڀالي ڪيا ڪريو. هي ڀرڀوا مون توهان کي
صجاتو ڪين هو نه توهان اهڙا ڪي مهان (وڏا) آهيو.
مون توهان جيءَ مهما کي نه ڄاتو هو ۽ اڻڄاڻ هوس.
هي ڀرڀوا جيڪا مون توهان جي ڪلندي اوڳها
ڪئي آهي ۽ توهان سان گڏ هڪڙي ئي هنڌ تي سمهيو
آهيان ۽ توهان سان گڏ هڪ ئي آسڻ تي ويٺو آهيان،
هي ڪرپالدان! اها منهنجي اوڳيا ڪما ڪريو. هي
ڀرڀوا توهان جي مهما اپر اپار آهي. چوڻ ۽ لکڻ کان
پري آهي، هي ڀرڀوا استاور جهڙي هڪ هنڌ ٻيٺل آهن
جيئن ته (وڻ ٽڻ، پهاڙ) آد ۽ جنگم جهڙي هلن ٿا
تن سڀني جا سوامي آهيو ۽ سڀني جا پرم گرو آهيو.
توهان جي سمان ٻيو ڪوئي. انهيءَ ڪري توهان پرم
ايشور آهيو. توهان کي هن ديهه جي ڪري اشٽانگ
نمسڪار آهي. هي ايشورا! توهان سرو پرڪار ڪري
استتي ڪرڻ ڀوڳ آهيو. هاڻي مون تي ڪرپال ٿيو.
"جيئن پتا پتر جو متر متر جو اپراڌ ڪما ڪندو آهي ۽
جيئن ڀرتا استريءَ جو اپراڌ پتي ڪما ڪندو آهي تيئن
منهنجا بہ سڀ اپراڌ ڪما ڪريو." هي ڀرڀوا اهڙو
توهان جي روپ کي ڏسي هي ڀرڀوا مان ڪنبي ويو آهيان
سو هي ڪرپالوا هي ديون جا ديوا هاڻي ڪرپا ڪريو

۽ مون کي اڳيون ساڳيو روپ ڏيکاريو. توهان جو روپ ڏاڍو سندر ۽ مٺي تي مکٽ رکيو آهي ۽ ڪنن ۾ ڪنڊل پيا آهن ۽ سندو گهنگهرو پيرن ۾ پيا آهن. پيتامبر پهريل آهي، ڳلي ۾ موتين جي مالا پهريل آهي. هڪ هٿ ۾ جڙائو ڪمان، ٻئي هٿ ۾ سنک ۽ سندرشن چڪر، ٽئين هٿ ۾ رٿ جي گهوڙن جي واڳ ۽ چوٿين هٿ ۾ چهبوڪ آئو. هي وشو روپ! هي هزارين ٻانهن وارا! هاڻي مون کي ساڳيو چتربڀجي روپ ڏيکاريو. ارجن جي وينتي ٻڌي سري ڪرشن ڀڳوان چوڻ لڳو ته هي ارجن! هي وشو روپ مون توکي پرسن ٿي ڏيکاريو آهي. منهنجي آتما جو درشن مون توکي ڏيکاريو آهي. ڪهڙو آهي؟ سڀ کان پري آهي جنهن جو انت ڪونهي سو اهڙو پرم سروپ ايشور جو تو ڏٺو سو چار ويد جيڪو پڙهي تنهن کي به ڏسڻ ڪٺن آهي. يگيه ڪري تورڙي پاٺ ڪري، تيرٿن جا درشن ڪري، تپسيا ڪري، دان ڪري پڄ ڪري ته به هي درشن ڪرڻ ڪٺن آهي. هي ارجن! توکان سواءِ ڪنهن ٻئي هن منهنجي روپ کي نه ڏٺو آهي. هي ارجن! تون پڻ ڇڏي نربڀئه ٿي، منهنجو پريتوان ٿي ۽ من جي پريت مون ۾ رک. بس هاڻي منهنجون اڳيون سروپ ڏس سنجيه چيو ته هي راجا ڌرتراشٽرا سري ڪرشن ڀڳوان ارجن کي ائين چئي ساڳيو چتربڀجي روپ ڏيکاريو. اهو روپ ارجن ڏسي ڏاڍو پرسن ٿيو ۽ چوڻ لڳو ته هي جناردن! مان هاڻي ڏاڍو سانت ۾

آيو آهيان. سري ڪرشن ڀڳوان چوڻ لڳو تہ هي ارجن! هي جيڪو سروپ تو ڏٺو آهي سو ڏسڻ ڏاڍو ڪٺن آهي. اهو منهنجو روپ ڏسڻ ديوتائن کي بہ ڪٺن آهي. هن روپ ڏسڻ لاءِ ديوتائون اڃا ڪندا آهن سو اهو روپ مون توکي ڏيکاريو آهي هي ارجن! جيئن تو مون کي ڏٺو آهي تيئن ڪنهن بہ ڪونہ ڏٺو آهي. تو ڇاڪاڻ ڏٺو آهي؟ جو تون منهنجو ڏاڍو پيارو ڀڳت آهين. مون کان سواءِ تون ڪنهن ٻئي جو سمرڻ نٿو ڪرين انهيءَ ڪري تو مون کي ڏٺو آهي. هنن اکين ۽ گيان جي اکين سان تو مون کي ڏٺو آهي. هي ارجن! پريم ڪري تون مون کي ڄاڻي رهيو آهين. مان تنهنجي آڏين آهيان، تون مون منجهہ آهين ۽ تون منجهہ مان آهيان. هي ارجن! جو سڀ ڪرم مون کي ارپڻ ڪري ٿو، مون ۾ لئہ لين ٿي رهي ٿو، منهنجو ڀڳت ٿئي ٿو، سنگ رهت ٿئي ٿو ۽ سڀني پراڻين سان دويش ڀاءُ نٿو ڪري سو مون کي پراپت ٿو ڪري.

"اِت سري ڀڳونت گيتا سري ڪرشن ارجن
سنبادي وشو روپ درشن يوگ نالي
يارهون اڌياءُ پورو ٿيو."

—*—

يارهين اڌياءَ جو مهاتم

سري نارائڻ چوي ٿو تہ هي لڇمي! تنگڀدرا نالي هڪڙو شهر هو انهيءَ ۾ راجا سڪانند رهندو هو ۽ اهو سري نارائڻ ۽ لڇميءَ جي پوڄا ڪندو هو. اتي هڪڙو برهمڻ پنڊت ودوان رهندو هو جو ڏهاڙي گيتا جي يارهين اڌياءَ جو پاٺ ڪندو ۽ پڙهندو هو. اُن ڪندي گهڻي ڏينهن گذري ويا. هڪڙي ڏينهن راجا پاٺ پڙهي گهر ڏي ويو تہ انهيءَ ڏينهن ڏهہ ٻارهن ساڌو شهر ۾ آيا ۽ اچي راجا کان جاءِ گهريائون. راجا انهن کي رهڻ لاءِ جاءِ ڏني ۽ انهن کي سيڌو بہ ڏنائين ساڌو رسوئي ڪري کائي ڌاپا پرسن ٿيا. راجا پرڀات ويلي انهن جي درشن لاءِ ويو ۽ سندس پٽ بہ ساڻس هو راجا اچي مهنت وٽ ويٺو ۽ ان سان گيان چرچا ڪرڻ لڳو. راجا جو پٽ بہ شيوا ٽهل ۾ لڳي ويو. انهيءَ جاءِ ۾ هڪڙو ڀوت رهندو هو تنهن ڀوت راجا جي پٽ کي ماري وڌو. نوڪرن وڃي راجا کي چيو تہ هي راجا! تنهنجي پٽ کي ڀوت ماري وڌو آهي راجا انهيءَ مهل ڪٿا ويٺي ٻڌي پر پٽ جي موهہ ڪري ڏاڍو ڏک ٿيس ۽ چوڻ لڳو تہ هي سنت! توهان جو درشن ڏاڍو چڱو ٿيو جو هڪڙو

پتر هو سو به پوٽ ماري وڌو برهمڻ چيو ته راجا! هل ته هلي ڏسون ته ڪٿي آهي. پوءِ برهمڻ راجا ۽ سنت اتي وڃي ڏسن ته برابر راجا جو پتر مئو پيو آهي. تڏهن برهمڻ چيو ته هي پوٽ تون هن ڇوڪري تي ڪرپا ڪر ته هي ڇوڪرو اٿي ۽ توکي ٻارهين اڌياءَ جو ڦل ڏيندس. ته مان ماري سگهان. تڏهن پوٽ چيو ته جنهن جي ٻڌڻ سان تنهنجي ٻه مڪتي ٿيندي جنترا جيو اڳي ماريا اٿيئي. انهن جي به مڪتي ٿيندي ۽ تون پنهنجي ٻه ڳالهه. ٻڌاءَ ته پوٽ ڇاڪاڻ ٿيو آهين. تڏهن پوٽ چيو ته مان اڳئين جنم ۾ برهمڻ هوس ۽ ڪميءَ جو ڪم ڪندو هوس. اتي هڪڙو روڳي برهمڻ ٻنيءَ ۾ اچي ڪري پيو ۽ سندس بت مان رت وهڻ لڳو ۽ سڙڻ سندس بت مان ماس ڇني وٺي ڪاڏو ۽ مون وٺي ڏنو. مون ڪيي ان تي ڪاٻه ديا ڪانه آئي جو مان ڪٽي ان برهمڻ کي ڇڏايان. ايتري ۾ هڪڙو ٻيو برهمڻ اتي آيو جنهن ڏٺو ته هڪڙو روڳي برهمڻ پيو آهي ۽ سڙڻ ماس وٺي ڇني کائيس. انهيءَ کي ڏسي مونکي چيو ته اڙي ڪميءَ ڪندڙ برهمڻ! تون جيئو ٻائي ويٺو آهين ۽ تنهنجا ڪم ته چنڊالن جهڙا آهن هي ڦردني تنهنجيءَ ٻنيءَ وٽ برهمڻ جو ماس سڙڻ وٺي کائي ۽ تون ويٺو ڏسين. تون ان کي ڇڏائين ٻه نه انهيءَ ڪري تون ٻاٻي آهين. "ٽن پرڪارن جا ٻاٻي نرڪ ۾ ويندا آهن." هڪڙو ته ڪنهن کي چور ڦريندو هجي يا ماريندو هجي پوءِ جيڪو ان جو سنگتي هجي يا ڏسندڙ هجي ۽ نه

ڇڏائي ته پاپي آهي. ٻيو جهڪو روڳي هجي ۽ ڪوئي
ان جو وارث ڪونه هجي انهيءَ حالت ۾ جيڪو ان جي
شيوا نه ڪري سو پاپي آهي. ٽيون ڪنهن ماڻهوءَ کي
ڀوت لڳل هجي ۽ ڪوئي ڪڍندڙ هجي پر نٿو ڪڍي
ته اهو به پاپي آهي انهن ٽنهي پرڪارن جا پاپي نرڪ
۾ ويندا ۽ جيڪي سڀني جيون تي ديا ڪن ٿا انهن کي
اشوميڌ يڳيه جو ڦل ملي ٿو هي ڪيتي ڪندڙ برهمڻ!
منهنجي سراپ ڪري تون مري ڪري ڀوت ٿيندين. تڏهن
مان هنجي شرڻ پيس ۽ چيومانس ته منهنجو اڌار ڪيئن
ٿيندو. تڏهن برهمڻ چيو ته تون جڏهن يارهين اڌياءَ
جو پاٺ ٻڌندين تڏهن تنهنجو اڌار ٿيندو. انهيءَ ريت
ڀوت جڏهن پنهنجي ڳالهه ڪري بس ڪئي تڏهن
برهمڻ چيو ته هي راجا! ڇا ٿو چوين؟ تڏهن راجا چيو
ته هن جو اڌار ڪر ۽ منهنجي پٽر کي جيار. تڏهن برهمڻ
يارهين اڌياءَ جو پاٺ ڪرڻ لڳو. پاٺ پورو ڪري
ڀوت تي پاٺ جو پاڻي اڇا وڌائين ته انهيءَ مهل ٿي
ڀوت جي ديهه ڇڏي ۽ ديوتا جي ديهه ورتائين. جيڪي
اڳي جيو ڪاڏا هٿائين انهن جو به اڌار ٿيو ۽ راجا جو پٽر
به اٿيو پر سانورو سروپ ۽ چترڀڄي روپ ڌاري اٿيو.
تڏهن ان ڀوت چيو ته هي راجا! تون پنهنجو پٽر
وٺ. جڏهن راجا پٽر سان ملڻ لڳو تڏهن پڇيس چيو ته
هي راجا! جنهن جي ڪل ۾ هڪڙو گياني هجي تنهن
جي ڪيترن ٿي ڪلن جو اڌار ٿئي ٿو. هي راجا! تون

پاڻ گياني آهين. تڏهن راجا موهه ۾ ٻڏجي چيس ته هي
پترا تون مون سان گڏج تڏهن پتر چيو ته هي پتا تون پتر
ڪنهن کي چوين ٿو. مان ڪمترائي پيرا تنهنجو پتر ۽
ڪمترائي پيرا تنهنجو پيءُ ٿيو آهيان. هي پوت ڏن آهي
جنهن مونکي ماريو ۽ گيتا جي پاٺ پڙهڻ ڪري منهنجي
مڪتي ٿي آهي. راجا چيو ته هي پترا! تون منهنجي گهر
۾ هڪڙوئي پتر هئين. هاڻي منهنجي گت ڪير ڪرائيندو.
پي ته مونکي ڪا سنتان ڪانهي. تڏهن پتر چيو ته هي
راجا! جنهن ڪل ۾ هڪڙوئي گماڻي هجي تنهنجي ساري
ڪل جو اڌار ٿيندو آهي. هي پتا! تون ڪابه چنتا نه
ڪر. هاڻي مان نارائڻ جو واهن ٿيو آهيان. جڏهن مان
نارائڻ جو درشن ڪندس تڏهن توهان جي ڪل جو
اڌار ٿيندو ۽ ايڪدم. ڪل توهان جا ترندا. تڏهن راجا
چيو ته چڱو ڀلا وڃ. تڏهن ووان ۾ چڙهي وئڪنٺ
ڏي ويو ۽ انهيءَ برهمڻ کان راجا گيتا جي يارهين اڌياءَ جو پاٺ
سکيو ۽ من ۾ چيائين ته هاڻي پتر يا ڌيءَ ته ڪانهي.
پوءِ راجا سڀ تياڳ ڪري گيتا جو پاٺ ڪرڻ لڳو
۽ تسلي ۾ ٻاٽي وجهڻ لڳو. ساڌو ۽ برهمڻ ويندا رهيا
۽ راجا به پرم پد کي پراپت ٿيو. سري نارائڻ ٿو چوي
ته هي لڇمي! اهو گيتا جي يارهين اڌياءَ جو مهاتم آهي.

”اِت سري ڀڳوت گيتا جي يارهين اڌياءَ جو
مهاتم پورو ٿيو.“

سري گيتا جو اڌياءُ ٻارهون

(ڀڳتي يوگ)

ارجن سري ڪرشن ڀڳوان کي چوڻ لڳو ته هي ٻيوا ڪهڙا ڀڳت تنهنجو (سرڳڻ روپ جو) سديو ڌيان ڌري تنهنجي اپاسنا ڪن ٿا ۽ ٻيو تنهنجي ابناسي گپت (نرگڻ) سروپ جو ڌيان ڌارين ٿا، انهن ٻنهي مان ڪهڙا يوگي سريشٽ چئجن ٿا؟ سري ڪرشن ڀڳوان چوڻ لڳو ته هي ارجن! لت ڌيان ڌري، سون ۾ من لڳائي جي شرڌا سان منهنجي اپاسنا ڪن ٿا تن کي آئون سريشٽ يوگي سمجهان ٿو. سڀ اندريون وس ۾ آڻي، هرهنڌ هڪ سمان ڀاءُ رکي جي. امر، الک، اچل، اگم، گپت، سروويايي ۽ سنانن سروپ جي اپاسنا ڪن ٿا، جي سڀني پراڻين جي ڀلي ۾ رڌل رهن ٿا سي ٻڻ مونکي پرابت ڪن ٿا. جن جو چت الک [نرگڻ] ۾ لڳل نه آهي

تنکي وڌيڪ ڪشٽ ٿئي ٿو. ديھ ڌاريءَ کي الک
جي گت پراپت ڪرڻ ڏکي آھي. [نوٽ: پستڪ جي
پوڄا ڪرڻ، ديول ۾ وڃي پوڄا ڪرڻ اھي سڀ
ساڪار [سرگڻ] پوڄا جا لڇڻ آھن. تنھن ھوندي به،
ساڪار جي ڀيٽ ۾ نراڪار [نرگڻ] آھي. انھن ٻنھي
کي سمجھڻ ٻنان ٻيو ڪو رستو ڪونھي. ڀڳتيءَ جو
آدرش اھو آھي جو ڀڳت ڀڳوان ۾ لين ٿي وڃي ۽ اننيہ
۾ فقط ادويت اروپ ڀڳوان لئي وڃي رھي. پر اھو به
ساڪار جي وسيلي پراپت ٿئي ٿو. تنھنڪري نراڪار
کي سڌي پھچڻ جو مارگ ڪشٽ وارو سڏيو آھي.]
ھي پارٿ! جي مون ۾ وٺل رھي، سڀ ڪرم مونکي
ارپڻ ڪري ھڪ منو ٿي، منھنجو ڌيان ڌاري، منھنجي
اپاسنا ڪن ٿا ۽ مون ۾ چت رکن ٿا، انھن کي مرتيو
روپي سنسار ساگر مان آءٌ جھٽ تاري وٺان ٿو. پنھنجو
من مون ۾ لڳاءِ، پنھنجي بُڌي مون ۾ ڌار ته ھن جسم
کان پوءِ شڪ ڪونھي ته مونکي پراپت ڪندين.
جي تون مون ۾ پنھنجو چت اسٿر نٿو رکي سگھين ته
ھي ڌننجيہ! ابياس يوگ سان مونکي پراپت ڪرڻ جي
اڇا رک. اھڙي ابياس ڪرڻ جي به سمرٿي نه ڌارين
ته سڀ ڪرم مون ۾ ارپڻ ڪر ۽ منھنجي نمت ڪرم
ڪندين ته به تون مونکي پائيندين. جي منھنجي نمت
ڪرم ڪرڻ جيتري پڻ توکي شڪتي نه ھجي ته
منھنجي شرڻ وٺي جتن ڪري سڀني ڪرمن جو ڦل

تياڳ ڪر. ابياس مارگ [يعني چت جي ورتيءَ کي
روڪڻ جي سادنا] کان گيان مارگ [يعني سرڻ، منن
وغيره] بهتر آهي. گيان مارگ کان ڌيان مارگ [يعني
اپاسنا] وڌيڪ آهي ! ڌيان مارگ کان ڪرم ڦل
تياڳ چڱو آهي ڇو جو انهيءَ تياڳ کان پوءِ ترت ئي
شانتي ملي ٿي. جو ڪنهن به پرائيءَ سان دويش نٿو
رکي، سڀني جو متر، ديالو، ممتا بنا، اهنڪار رهت، سک
دک ۾ سمان، ڪما وان، سديو سنتوشي، يوگ ۾ رتل،
اندرين کي روڪي، درڍ نشچو رکي، مونکي پنهنجو من،
بدي ارپڻ ڪري ٿو، اهڙو منهنجو ڀڳت مونکي پيارو
آهي. جنهن کان لوڪ خفي نٿو ٿئي، جو لوڪن کان
خفي نٿو ٿئي، جو خوشيءَ، ڪروڌ، حسد، ڀو، چنتا
کان آجو آهي سو مون کي پيارو آهي. جو اڇا رهت
آهي، پوتر آهي، ساوڌان آهي، چنتا بنان آهي، سڀ
سنڪلپ جنهن تياڳ ڪيا آهن سو منهنجو ڀڳت آهي !
اهو مونکي پيارو آهي. جو هرک نٿو ڪري، جو دويش
نٿو ڌاري، جو چنتا نٿو ڪري، جو اميدون نٿو اڏي،
جو ڀلو برو تياڳي ٿو سو ڀڳتيءَ سان ڀرپور مون کي
پيارو آهي. شتر و متر، مان اپمان، ٿڌ گرمي، سک دک،
سڀني ۾ سمان ڀاوَ رکي ٿو، جنهن سنگ ڇڏيو آهي،
جو نندا استتيءَ ۾ ساڳيءَ ريت رهي ٿو، جو سڀ
تي راضي رهي ٿو، جنهن کي ڪو پنهنجو گهر گهاٽ
ڪونهي، جو اسٿر چت وارو آهي، اهڙو مني ڀڳت

سون کي پيارو آهي. اهو پوتر امرت روپي گيان، جي سون ۾ لين ٿي، شرڌا سان پالن ڪن ٿا سي منهنجا پريم ڀڳت آهن.

"اِت سري ڀڳوت گيتا سري ڪرشن ارجن سمباڌي ڀڳتي يوگ نالي ٻارهون اڌياءُ پورو ٿيو"

—*—

ٻارهين آڌياءَ جو مهاتم

سري نارائڻ چوڻ لڳو ته هي لڇمي! دکڻ ديس ۾ هڪڙو سکانند نالي راجا رهندو هو. انهيءَ جي شهر ۾ لنپٽ نالي ساڌو رهندو هو ۽ ان جي هڪڙي ڪچريءَ سان سنگت هئي. اهي ٻئي چنڊا ديويءَ جي مندر ۾ وڃي شراب پيئڻ ۽ ماس کائين ۽ ڀوڳ ڀوڳين. ڪو ڪٿي پڇين ته هي ڇا ٿا ڪريو ته ان کي چون ته اسين ديويءَ جي پوڄا ٿا ڪريون. انهيءَ مندر ۾ هڪڙو برهمڻ ديويءَ جي پوڄا ڪندو هو. هڪڙي ڏينهن برهمڻ ديويءَ جي استتي ڪئي ۽ ديوي پرسن ٿي چوڻ لڳس ته هي

برهمڻ! جيڪي گهرڻو هجيئي سو گهر. برهمڻ چيو تہ
سکہ ڌن ۽ سنتان ڏي. ديويءَ چيو تہ توکي سکہ، ڌن
۽ سنتان ڏينديس پر اول هنن ٻنهي جي مڪتيءَ جو
اپاءُ ڪر. تڏهن برهمڻ نمسڪار ڪري پنهنجي گروءَ
وٽ آيو ۽ اچي چيائين تہ هي گروا مون ديويءَ جي
استتي ڪئي. ديويءَ پرسن ٿي سکہ، ڌن ۽ سنتان
ڏني آهي پر چيو اٿس تہ اول هنن ٻنهي جو اڌار ڪر.
تڏهن گروءَ چيس تہ هي برهمڻ! هل تہ سري نارائڻ
کان پڇون. تڏهن سري نارائڻ جو تپ ڪيائون ۽ تيرٿ
ڪيائون. سري نارائڻ پرسن ٿيو ۽ آڪاس مان آواز
آيس تہ هي برهمڻ! سمرڻ ڪر. تڏهن وري سمرڻ
ڪرڻ لڳو. تڏهن سري نارائڻ گرڙ تي اسوار ٿي وٽس
آيو ۽ چوڻ لڳس تہ هي برهمڻ! تنهنجي ڪهڙي
ڪامنا آهي. تڏهن برهمڻ ساڳي ڳالهہ ڪري ٻڌايس.
تڏهن سري نارائڻ چوڻ لڳس تہ هي برهمڻ! انهن کي
سري گيتا جي ارڙهين اڌيائ جو پاٺ ڪري ٻڌاءِ تہ
انهن ٻنهي جو اڌار ٿيندو. تڏهن برهمڻ سري نارائڻ
جي استتي ڪئي. سري نارائڻ وري وئڪنٺ ڏي روانو
ٿيو ۽ برهمڻ ديويءَ جي مندر ۾ اچي ديويءَ جي
استتي ڪئي. ديوي پرسن ٿي درشن ڏنس. برهمڻ چيو
تہ هي جگت جنني! سري نارائڻ هيءَ آگيا ڏني آهي.
تڏهن ديويءَ چيس تہ هي برهمڻ! تون هنن ٻنهي کي
پاٺ ٻڌاءِ تہ جيئن هنن جو اڌار ٿئي. تڏهن برهمڻ

لنپٽ ؛ ڪري ڪي وڃاري گيتا جي ٻارهين اڌياءَ جو پاٺ پڙهيو، پڙهڻ سان انهن ٻنهي جي ديهه ڇٽي ۽ ديوتائن جي ديهه پائي ٻئي وئڪنٺ ڏي روانا ٿيا. ديوي ڏاڍي پرسن ٿي، برهمڻ کي چيائين ته هي برهمڻ اڄ کان وٺي منهنجو نالو وئڪنٺو ديوي ٿيو. هن پاٺ کي پڙهي اهڙا پاپي به مڪت ٿي ويا آهن ؛ هن شهر جو راڄ سون تو کي ڏنو. ايترو چئي ديوي انتر ڌيان ٿي ويئي ؛ برهمڻ پنهنجي گهر هليو ويو. مکانند راجا کي گهر ۾ ڪا سنتان ڪانه هئي تنهن ان برهمڻ کي گهرائي راڄ ڏيئي پاڻ جهنگلن ۾ تپ ڪرڻ لاءِ ويو ؛ برهمڻ به سکي ٿي راڄ ڪرڻ لڳو. سري نارائڻ چوڻ لڳو ته هي لڇمي اهو گيتا جي ٻارهين اڌياءَ جو مهاتم آهي.

"اٿ سري ڀڳوت گيتا جي ٻارهين اڌياءَ جو
مهاتم پورو ٿيو."

سري گيتا جو آڌياءُ تيرهون

(کيتر کيترگيه وڀاڳ يوڳ)

ارجن سري ڪرشن ڀڳوان کي چوڻ لڳو ته هي پرڀو! پرڪرتي ڇا کي ٿا چون؟ پرک ڇا کي ٿا چون؟ کيتر ڇا کي ٿا چون؟ گيان ڇا کي ٿا چون؟ گيه ڇا کي ٿا چون؟ هي سوامي! ڪرپا ڪري انهن پرشنن جا اتر ٻڌايو. سري ڪرشن ڀڳوان چوڻ لڳو ته هي ارجن! ”هي جا ماڻهو جي ديهه آهي تنهن کي کيتر چون ٿا“. کيتر ڇو ٿا چون؟ جو هي جيو جڏهن چوراسي ڀوڳي منش ديهه ۾ اچي ٿو تڏهن چيتن ٿئي ٿو. کهڙو چيتن؟ پرماتما کي سڃاڻي ٿو. هن ديهه ۾ ٻاقي چڱا؟ مندا ڪرم ڪري ٿو؟ پاپ پڃ جو ڦل پائي ٿو. ”ماڻهوءَ کان سواءِ ٻين ديهه ڌارين کي نڪو پاپ آهي نڪو پڃ آهي. مالڪ ديهه کي

ٻاپ ٻيج ٿني ٿيو. کيتر ڳيه ٻه انهيءَ کي تا چون جيڪو سرير روپي کيتر کي ڄاڻي وارو هجي“. هي ارجن! اهو تون مونکي ڄاڻ. منهنجي ڏيان ڪري کيتر ۽ کيتر ڳيه ٻنهي کي ڄاڻي سو اهو منهنجي مت جو گيان آهي. هاڻي کيتر جهڙا ديهه آهي انهيءَ جو وستار ٻڌ. هن ديهه جو ٺاٺ هيترين شين مان ٺهي ٿو جن جو وستار رکيشورن گهڻن پرڪارن سان ڪيو آهي ۽ ويدن ٻه ڇيو آهي. سرير کيتر ۾ ”پنج تت آهن. آڪاس، پون، اگني، جل ۽ پرٿوي“. پرٿويءَ جو انس هن ديهه جو ”ماس“ آهي، جل جو انس ”رت“ آهي، اگنيءَ جو انس پيٽ ۾ ”جٺرا اگني“ آهي، پون جو انس ”ساهه“ آهي ۽ آڪاس جو انس ”پولار“ آهي، اهي ”پنج ئي مهاڀوت“ ديهه ۾ آهن. ”من، ٻڌ، چت ۽ اهنڪار اهي چارئي انتهڪرڻ آهن“. پنج گيان اندريون ۽ پنج ڪرم اندريون آهن. اکيون، ڪن، نڪ، ڇپ ۽ کل اهي پنج گيان اندريون آهن. ”هٿ، پير، گديا لنگ ۽ ڳالهائڻ واري زبان، اهي پنج ڪرم اندريون آهن“. تچا يعني کل سا سيني اندرين ۾ وياپڪ آهي ۽ ڇپ ۾ ٻه ڪم آهن. سواد وٺڻ مهل گيان ڪرڻ انس ۽ ڳالهائڻ مهل ڪرم ڪرڻ انس اهي ڏهئي اندريون آهن: پنجن گيان اندرين جون وري ”پنج وشيون“ آهن. ”اکين جي وشيءَ روپ (ڏسڻ)، نڪ جي وشيءَ بوءِ وٺي، ڪنن جي وشيءَ آواز ٻڌڻ، ڇپ جي وشيءَ کٽو مٺو سواد

چڪڻ ڪل جي وشيءِ ٿڌو تتو سهائڻ.“ انهن مان ٿي سارو
سنسار ٺهيو آهي. هن سرير روپي شهر ۾ جيڪا آبادي آهي
سا ٻڌ. چگيءَ شئي ڪائڻ جي اڇا ۽ سندي شئي ڪائڻ کان
نفرت ڪڏهن سک ڪڏهن ڏک اٿهن چنن جي هن ۾ آبادي
آهي. ”هاڻي جن ساڌنن ڪري منهنجو گيان ٿئي ٿو سي
ٻڌ“. ڀريون ته نرمان رهي، پنهنجي پوڄا ۽ مانتا نه
ڪرائي، گرو گسائين ٿي نه وهي، من وچن ۽ ڪرم
ڪري سيني جو شيوڪ ٿي رهي، پاڪنبڌ ڪري پدم
آسڻ لاهي نه وهي، اڳهلي وانگر اکيون ڀوڻي نه وهي
جيئن ماڻهو سمجهن ته هيءُ ڪو وڏو سنت آهي. اندر
واسنا ڪاڻڻ ۽ ٻهرڻ جي ججهس اهڙو پاڪنڊي نه هجي.
من وچن ۽ سرير سان ڪنهن کي ڏک نه ڏئي مطلب
ته من ۾ ڪنهن کي ٻرو نه چوي ۽ سرير سان ڪنهن
کي ماري نه ۽ ڪيس ڇيڪو ڏک ڏئي تنهن سان ٻه
برائي نه ڪري“ بلڪ ڌيرج ڌاري سڀ سان اڌين ٿي
هلي ۽ جيڪو منهنجي گيان بتائڻ وارو گرو هجي تنهن
جي شيوا ڪري، ڀائيءَ ۽ سنيءَ سان پنهنجي ديهه پوتر
ڪري من ۽ اندرين کي ڀوڳن کان آداس ڪري ۽
اهنڪار کان پري رهي جهڪو براڻي اهي ساڌن ڪري
اهو جنم ۽ مرڻ آد دکن کان مکت ٿيندو. استري
۽ ٻين ڪٽنب جي ماڻهن سان موهه نه رکي، متر ۽
شترو سمان ڄاڻي ۽ سون سان آنند ۾ رهي جيئن پتورتا
استري پنهنجي پتيءَ جي شيوا ۾ رهندي آهي ۽ پرپرش

ڏي نهاريندي به نه آهي تڏهن منهنجا ڀڳت منهنجو ئي
سمرڻ ڪن ٿا ۽ ٻئي ڪنهن جو نالو به نه وٺندا آهن
۽ جهڙو اهڙيءَ ريت سون سان ٿئي ۽ ايڪانت ۾
وهي ۽ سنساري ماڻهن جي پريت نه ڪري. هي ارجن!
هي سڀ ساڌن مون ڏو ڪي گيان جي ڪري چيا آهن.
انهن ساڌنائن کان سواءِ ٻيو جيڪي ڪري سو اگياني
سمجهه. جيئن ڏئي جو سامان تيل، ڪپهه ۽ ٻاهه اهي
سڀ گڏ ڪيا تڏهن ڏيو ٻرندو ۽ رکيو ته انهيءَ جي
روشنائيءَ ڪري جيڪو سامان گهر ۾ رکيو هوندو ته
اهو سڀ ڏسڻ ۾ ايندو سو گيان هڪڙو ڏيئو آهي. هي
ارجن! ڪيه به مان آهيان انهيءَ ڪري منهنجو نالو گيان
ڪيه آهي. جنهنجي ڀڄڻ ڪري جمڻ مرڻ کان پرش ڇٽي
ٿو جيئن امرت پيئڻ ڪري ديهه اروڳي ٿيندي آهي تيئن
منهنجي ڪيه روپ گيان ڀڄڻ ڪري امر ٿئي ٿو ڪيه انادي
آهي جنهنجي آد ڪانهي ۽ سڀ کان پري آهي انهيءَ
ڪري ان کي پاربرهم چون ٿا. ديهه ۽ جيءُ انهيءَ کان
پري آهي ۽ اکين، هٿن، مٿي ۽ ڪنن ۽ ٻين سيني انگن ۾
وياپڪ آهي ۽ سيني کان پري به آهي سيني سان مليل به
آهي ۽ سيني جي ڪرڻ وارو به آهي وري نرگڻ به آهي ۽
سيني گڻن کي ڀوڳي به ٿو وڻ نٿو ۽ هلندڙ جهڙو ڀوت پراڻي
انهن جي اندر ۽ ٻاهر به آهي ۽ اهڙو اڻي سگهي آهي جو ڄاتو
نٿو وڃي انهيءَ ڪري پرميشور کي سڀ کان پري چون ٿا.
هو سڀ ۾ وياپڪ ۽ سڀ کان نيارو به آهي. هي ارجن! تون

اهو ڪيئن مون کي سمجهه جڏهن ساري سنسار کي ناس
ڪندو آهيان تڏهن منهنجو نالو گراسڻ چوندا آهن ۽
جڏهن وري سنسار کي پيدا ڪندو آهيان تڏهن منهنجو
نالو اُتپت ڪرتا چوندا آهن ۽ سنسار جي اندر ۽ ٻاهر
وياپڪ ٿي رهندو آهيان انهيءَ ڪري منهنجو نالو وشنو چوندا
آهن. سورج کان آد وٺي جيترا به تيج وارا پدارٿ آهن
انهن سڀني جي جوت مون کي تون سمجهه ۽ جيڪو
انڌڪار آهي ۽ اگيان آهي انهن کان پري آهيان. هي
ارجن! اهو ڪيئن جي ڄاڻڻ جو، جو گيان آهي انهيءَ
گيان ڪري ڄاڻڻ ۾ اچڻ ٿو ۽ هٿن سان وٺڻ ۾ نٿو
اچڻ ۽ اکين سان ڏسڻ ۾ نٿو اچڻ ۽ سڀني جي
هردن ۾ آهيان. هي ارجن! ڪيتر، ڪيتر گيه ۽ گيان ڄيه جو
وستار مون توکي چڱيءَ پرڪار ٻڌايو. هي ارجن! منهنجا
ڀڳت مولڪي اهڙيءَ ريت ڄاڻي منهنجن چرنن ۾ پريت
لڳائين ٿا. هي ارجن! هاڻي پرڪرتي ۽ پرک جو وستار
ٻڌ. پرڪرتي (مايا) ۽ پرک (جو) انهن کي انادي
سمجهه. آئين سمجهه تـ وڪار ۽ گڻ پرڪرتيءَ مان
اٿين ٿين ٿا. ڪاريه (سرير) ۽ ڪارڻ (اندرين) جو
سبب پرڪرتي چئبي ٿو ۽ سک دک جي ڀوڳڻ جو
ڪارڻ پرک چئبي ٿو. هاڻي درشٽانت ٻڌ. مٽيءَ جو
ٺانءُ هڪڙو ڪاريه آهي. جنهن مٽيءَ مان ٺاهيو ويو
سا مٽي ان جو ڪارڻ آهي ۽ جنهن ڪنڀر ٺاهيو تنهن
کي ڪرتا چئبي. سو هي ارجن! هي سنسار جو ڪاريه

آهي سو ڪارڻ ٻه مايا آهي. هي سنسار مايا جو سروپ
آهي، سنسار جو ڪارڻ مايا ئي آهي، مايا مان سنسار
اتپت ٿيو آهي، سنسار جي ڪرڻ هاري ٻه مايا آهي سو
اهي ٽيئي ڳالهيون مايا مان سمجهه. هي ارجن! هي
سارو ورتالت مايا جو آهي. هاڻي پرک، جو جيو آهي
تنهن جو اوٿ ٻڌ. هن پرڪرتيءَ جو پيدا ڪيل جو
سريرُ نالي شهر آهي سو هن سرير ۾ ڏک ۽ سک ڀوڳڻ
وارو جيو آهي. مايا مان جا ديهه پيدا ٿي آهي ۽ اندريون
۽ ٽي گڻ انهن سڀني کي ڀوڳي ٿو، ٽنهي گڻن جي
سنگتجي ڪري جو هن جيو کي رنگ لڳي ٿو تنهن
رنگ ڪري روڪجو وڃي، گڻن جي سنگت ڪري
هي جيو جيونڌن ۾ پيو ڦري ٿو. هي ارجن! هاڻي
منهنجي ڳالهه ٻڌ مان ڪهڙو آهيان؟ هن مايا ۽ جيو
ٻنهي منهنجي اگيان هڪڙو مڙو ناهيو آهي سو انهيءَ
کيل يا مڙي جي ڏسڻ وارو مان آهيان. جيو ۽ مايا جي
تارڻ وارو به مان آهيان. هي ارجن! اهي ٻئي مونکي
لسڪلر ٿا ڪن. انهن ٻنهي جي نياءُ ڪرڻ وارو به
مان آهيان. هن جيو ۽ ديهه کان پري آهيان انهيءَ
ڪري مونکي پرماتما چون ٿا ۽ جيڪو مايا جي ڏک
سک جي ٻڌڻ وارو جيو کي ڄاڻي ۽ ديهه اندرين جي
گڻن کي مايا مان ڄاڻي ۽ انهيءَ جو ساکيت ڏسڻ وارو
مونکي ڄاڻي ۽ نيارو سمجهي ته انهيءَ جي ڄاڻڻ وارو
ڦل ڄاڻو ٻاٿي سو ٻڌ. هر هر جو هن سنسار ۾ جنم ۽

مرڻ آهي تنهن کان مڪت ٿيندو. ڪرم جو جيو لاءِ
ٻنڌن آهي ۽ جي سڀ ڪرم ايشور ارپڻ ڪجن ته
اهي ٻنڌن نٿن ڏا. اهڙيءَ طرح جنهن مان ڪرتا جو
ايمان منجهي وڃي ٿو ۽ جو اڻ ٿي ڀر پرڀوءَ کي
ڏيائي ٿو سو پاپ ڪرم ڪندو ئي ڪين. پاڻ جو مول
ايمان آهي. جتي "آءٌ" ناهي اتي پاپ ناهي. ڪي ڌيان
مارگ ڪلڻ آتما مان آتما کي پاڻ ۾ پسن ٿا. ڪي گيان
مارگ کان ۽ ٻيا وري ڪرم مارگ کان ڪي وري
منهنجن ڀڳتن کان منهنجي مهما ٻڌن ٿا ۽ منهنجي مهما
ٻڌي سون ۾ پريت ڪن ٿا ۽ منهنجو نالو جپن ٿا،
اهي پرک منهنجيءَ ڪرم گت کي پائيندا: هي ارجن!
جيڪي وڻ ٽڻ يا هلندڙ جيو ڀوت پراڻي اتپت ٿيا آهن
انهن سڀني ۾ هڪڙو مان ئي وياپڪ آهيان ۽ ديهه جي
ناس ٿيڻ ڪري مان ناس نٿو ٿيان جن اهڙو سون کي
ڪري ڄاتو آهي ۽ سڀني ۾ مونکي سمجهو اٿن، انهيءَ
ڪري سڀ جا سک ڏيندڙ ٿي ٿا رهن ۽ ڪنهن کي
به ڏک نٿا ڏين سي منهنجي ابناسي پد کي پائيندا.
هي ارجن! جيڪي ڪرم ٿين ٿا سي سڀ ديهه اندرين
۽ من کان ٿا ٿين. اهي سڀ مايا مان پيدا ٿيا آهن.
آتما ڪجهه به نٿو ڪري. هي جيڪو ڀوت پراڻين
وستار ڏسين ٿو اهو سڀ هڪ ايشور ڪري ڏس.
هي ارجن! جڏهن تون اهڙو ٿيندين تڏهن تون برهم
کي پائيندس ۽ اهو برهم آنند آهي جنهن جي آد ۽

انت ڪانھي ۽ نرگڻ آھي، گڻن کان پري آھي ۽ اپناسي
آھي. ھي ڪنتي نندن! ھن سرير ۾ آتما رھي ٿو ۽
ديھ جا گڻ ونچڪ ماتر بہ آتما ۾ نٿا وياپن جيئن
آڪاس سڀ ۾ وياپڪ آھي ۽ سڀ کان نيارو بہ آھي.
ھي ڪنتي نندن! ھڪڙو پڻ بہ منھنجو پرتاپ ھئڻ جنھن
جي اڳيان ٻيا بہ پرتاپ ڪجھ نہ آھن. جيئن سورج
سوير جي مھل اوير کان پرڪاش ڪندو آھي تہ ھڪدم
ڏھني ديسن ۾ پرڪاش ٿي ويندو آھي ائين نہ ٿيندو
آھي تہ اول ھڪڙي ھنڌ ۽ پوءِ ٻئي ھنڌ تيئن ھانءِ
کان وٺي ڪٺلءِ تائين ساري سنسار ۾ ھڪ ئي پيري
سيني جيون کي پرڪاش ڪريان ٿو. اک چنڀ ۾
جيو جي سرير کي پيدا ڪريان ٿو. جڏھن بہ جيو
گيان جي اکين سان منھنجو پرتاپ ويچاري ۽ منھنجي
استتي ڪري تہ سري ڪرشن ڀڳوان ڌنيہ آھي جو ھڪ
ڪڻ ۾ سارو سنسار پيدا ڪري ٿو اھڙو جو ايشور
سمرٿ آھي ۽ اھڙو پرم آتما آھي الھيءَ کي منھنجو
نمسڪار آھي. جڪو پرڪرمون کي اھڙيءَ ريت چائي
۽ منھنجي استتي ڪري الھيءَ جو ڦل ھئڻ. اھڙو پرش
جنم مرڻ جي ڏکن کان ھار ٿي پرم پد کي پائي ٿو.

"ات سري ڀڳوت گيتا سري ڪرشن ارجن
سنباڌي ڪمتر گمہ وياڳ يوگ نالي
تيرھون اڌياءُ پورو ٿيو."

تيرهين آڌياءَ جو مهاتم

سري نارائڻ نو چوي ته هي لڇمي! دکن ديس ۾ هرناما نالي هڪڙو نگر آهي اتي هڪڙي ٻاڀڻ استري رهندي هئي. ماس مڌو ورتائي ڪڪرم ڪندي هئي. هڪڙي ڏينهن هڪڙي ماڻهوءَ سان ڪڪرم ڪيائين ۽ وري هن کي چيائين فلاڻيءَ جاءِ تي مان تو وٽ ايندس ۽ تون به اتي اچج. اهو ماڻهو انهيءَ جهنگل ۾ ويو ۽ اها استري به اتي ويئي پر اهو ماڻهو هن کي ڏسڻ ۾ نه آيو سو انهيءَ ماڻهوءَ کي انهيءَ جهنگل ۾ ڳولڻ لڳي ۽ ڳوليندي ڳوليندي ٿڪجي پئي پر اهو ماڻهو نه مليس ۽ اهو ماڻهو به هن کي پيو ڳولي. اها استري زار زار پئي روئي ۽ ان کي ڳوليندي ڳوليندي سارو ڏينهن گذري ويس پر اهو نه مليس. جڏهن سانجهي ٿي تڏهن اها استري واڪا ڪري سڏ ڪرڻ لڳس ته ايتري ۾ اهو ماڻهو اچي گڏيس ۽ ٻئي ڏاڍا پرسن ٿي ڪري ويهي رهيا ته ايتري ۾ هڪڙو شينهن آيو. اها استري شينهن کي ڏسي ڊڄي ويئي. شينهن چيو ته هي استري! مان توکي کائيندس. تڏهن استريءَ چيس ته تون پنهنجي اڳين جنم جي ڳالهه ٻڌاءِ ته تون

Soorih Mirani

ڪَرِ هئين. تڏهن شمنهن چيو تہ مان اڳئين جنم ۾
برهمڻ هوس ۽ ڪوڙ ڳالهائيندو هوس ۽ ڏاڍو لالچي
هوس ۽ جوئا ڪندو هوس ۽ پراوا نقصان ڪندو هوس.
هڪڙي ڏينهن مايا جي لالچ ڪري سوير صبح جو
گهر مان نڪري ٻاهر ويس ۽ رستي ۾ ڏکو کاڌم.
ڏکي کائيندي ساهہ نڪري ويم ۽ جم گڻ وٺي ڌرمراءِ
وٽ هليا. ڌرمراءِ حڪم ڏنو تہ هن پاپيءَ کي وڃي
شمنهن جو جنم ڏيو. تڏهن مونکي هيءَ ديهہ ملي آهي
۽ مونکي حڪم ڏنائين تہ جيڪي ساتو ايشور جا ڀڳت
هجن انهن جي ويجهو نہ وڃج. تنهنڪري هي استري!
تون پاپڻ آهين ۽ مان توکي کائيندس. اترو چئي ان
استريءَ کي کائي ويو. تڏهن انهيءَ استريءَ کي جم
گڻ وٺي ڌرمراءِ وٽ ويا. ڌرمراءِ حڪم ڏنو تہ هن کي
چنڊالڻيءَ جو جنم ڏيو. سري نارائڻ چوڻ لڳو تہ هي
لڇميا انهيءَ استريءَ وڃي چنڊالڻيءَ جو جنم پاتو.
گهڻي ئي ڏينهن گذريا تڏهن هڪڙي ڏينهن اها چنڊالڻي
نربدا نديءَ جي ڪناري ڪان لنگهي ٿي تہ ڏٺائين تہ
هڪڙو ساتو گيتا جي تيرهين اڌياءَ جو ويٺو پاٺ ڪري
۽ هوءَ ويهي ٻڌڻ لڳي. جڏهن ساڌوءَ پاٺ ڪري
پورو ڪيو تہ ايتري ۾ ان چنڊالڻيءَ جي ديهہ ڇٽي ۽
ديوتائن جي ديهہ پاتائين. آڪاس مان ووان آيا ۽ انهن
۾ چڙهي وڪنٺ ڏي وڃڻ لڳي. تڏهن ساڌوءَ پڇيس
تہ اڙي چنڊالڻا! تو ڪهڙو پُن ڪيو آهي جنهنڪري

ونڪنٺ ڏي ني وڃن؟ تڏهن چنڊالڻ چيو ته هي سنت! مان انهيءَ تنهنجي پاٺ کي ٻڌو آهي تنهنڪري مان ديو لوڪ ڏي ٿي وڃان. تڏهن برهمڻ کي چيائين ته اهڙو ڪو اپاءُ ٻڌايو ته جنهن شمنهن مونکي ڪلڙو هو تنهن جي به مڪت ٿئي؟ ساڌوءَ کي هٿ ٻڌي وينتي ڪري چوڻ لڳي ته هي سنت! گيتا جي ڪهڙي سلوڪ جو پاٺ شمنهن جي نمت ڏي ته شمنهن جو به موکش ٿي پوي. تڏهن ان سنت هڪ سلوڪ جو ڦل شمنهن جي نمت ڏنو ته شمنهن جي به مڪتي ٿي پئي. پوءِ ٻئي ووان ۾ چڙهي ونڪنٺ ڏي روانا ٿيا. سري ناراڻن کي چوي ته هي لڇمي! اهو تيرهين اڌياءَ جو مهاتم آهي.

اِت سري ڀڳوت گيتا جي تيرهين اڌياءَ جو
مهاتم پورو ٿيو.

سري گيتا جو اڌياءُ چوڏهون

(ترگڻ وڀاڳ يوڳ)

سري ڪرشن ڀڳوان چوڻ لڳو تہ هي ارجن! مان توکي پرم گيان جو سڀني گيانن کان اتم آهي سو وري ٻڌايان ٿو جنهن گيان جي ڄاڻ ڪري منهنجا ڀڳت، وڪشورو، منشور سڌ مڪتي کي منهنجي پرماننڊ ابناسي پد کي پاتين ٿا ؛ جن منهنجي هن گيان جو آسرو ورتو آهي ؛ جن ڀلو آهي تہ سري ڪرشن اهڙو آهي ؛ جن اهڙو پڪن ڪري منهنجو آسرو ورتو آهي ؛ منهنجي شرن ۾ آيا آهن اهي صون جهڙا ٿين ٿا. اهي منهنجا ڀڳت سنسار جي پرليہ نٿا ٿين ؛ سنسار جي اتپت سان اُتپت نٿا ٿين، جيئن مون آهيان تيئن منهنجا ڀڳت تہ آهن. هي ارجن! اها منهنجي ڀڳتن جي مهما ؛ ڦل آهي. هي ارجن! هاڻي اهو گيان ٻڌ. منهنجو نالو مهد

برهم آهي انهيءَ جو ارٿ پڻ. جڏهن سنسار جي پرليه
ٿيندي آهي تڏهن سنسار کي پنهنجي پيٽ ۾ رکندو
آهيان ۽ جڏهن سنسار اتپنّ ٿيندو آهي تڏهن ان کي
پنهنجي پيٽ مان ٻاهر ڪڍندو آهيان. انهيءَ ڪري
منهنجو نالو مهد برهم آهي ۽ مهد چئجي وڏي کي. هي
اوجنا ڀيرج جي ٻيج وارو پتا به مان آهيان، راجس،
تامس، سانتڪ اهي ٽي گڻ منهنجيءَ مايا مان پيدا ٿيا
آهن. هي جو اپناسي جيو ديهه ۾ آهي اهو مايا ۽ تن
گڻن مان ٻڌو پيو آهي ۽ جنهن ڪري هي ٻڌو آهي
سو پڻ. اول ستو گڻ پڻ، هي نشپاپ! "ستوگڻ" نرمل
هڻ سبب پرڪاشڪ ۽ شانتيءَ وارو آهي. هو ديهيءَ
کي سک ۽ گيان جي سنبنڌ ۾ ٻڌي ٿو. هاڻي "رجو
گڻ" پڻ. هي سڳونتا رجو گڻ ڪامنا روپ هڻ ڪري
ترشنا ۽ سنگ جو سول آهي، اهو ديهيءَ کي ڪرم جي
جار ۾ ڦاسائي ٿو، هاڻي "تموگڻ" پڻ. تموگڻ جيڪو
آهي تنهن کي تون اگيان سمجهه. پرميشور جو وسرڻ،
آلس جو ٿيڻ، ننڊ ايڻ، موهه ۾ ڦاسڻ، انهيءَ ريت تمي
گڻ ۾ ٻڌل آهي. ڪڏهن ستو، ڪڏهن تمو، ڪڏهن
رجو اهي ڪڏهن وڌن ٿا ۽ ڪڏهن گهٽجن ٿا. جڏهن
سڀني ديهه جي دوارن ۾ پرڪاش آهي، اکين ۾ ناسڪا
۾ ۽ جڏهن ٻران چڱيءَ ريت علم ۽ ڪنن ۾ شبد چڱيءَ
ريت پهنجي ۽ ديهه بيمار نه هجي ۽ همٿوان پڻي دٺاو
به مان هجن ۽ جن ۾ پرميشور جي يادگيري هجي

جڏهن اهڙا لڇڻ ڏسجن تڏهن ڄاڻجي ته مون ۾ ستوگڻ
آهي ۽ جڏهن رجو گڻ اڀرندو آهي تڏهن مايا جو لوڀ
پيدا ٿيندو آهي ۽ لالچ ڪري وڏي وڏا ڪم ڪندو
آهي. ڪڏهن به ڪم ۽ ڪامنائن کان سواءِ ورندو نه
وهندو آهي تڏهن ڄاڻ ته مون ۾ رجو گڻ اڀريو آهي
۽ جڏهن تمو گڻ وڌندو آهي تڏهن سڀني ڏوارن ۾
پرڪاش گهٽ ٿيندو آهي ۽ پرميشور جو وسرڻ ۽
استري ۽ پٽن ۾ موهه وڌندو آهي تڏهن ڄاڻ ته مون
۾ تمو گڻ پيدا ٿيو آهي. هي ارجنا هاڻي پيو ٻڌ. جيڪي
ستي گڻ ۾ ديهه تياڳي ته ديوتائن جي لوڪ ۾ وڃي
پراپت ٿيندو ۽ رجي گڻ ۾ ديهه تياڳي ته ماڻڪان ديهه
پائي ۽ جي تمي گڻ ۾ ديهه تياڳي ته پسوءَ جي جوڻ
پائي. هي ارجنا هاڻي انهن جا ڦل ٻڌ. صفائي رجي
گڻ جو ڦل آهي، دک تمي گڻ جو ڦل آهي ۽ گيان ستي
گڻ جو ڦل آهي. ستي گڻ مان گيان پيدا ٿيندو رجي
گڻ مان لوڀ پيدا ٿيندو ۽ تمي گڻ مان ويسر موهه
۽ اگيان پيدا ٿئي ٿو. هي ارجن منهنجي پد ۾ تڏهن
ويندو جڏهن مونکي سڃاڻندو. منهنجو سڃاڻڻ ڇا آهي
سو ٻڌ. مان انهن ٽنهي گڻن جي ڪمن کي ڏسڻ وارو
ساکي آهيان. انهن ٽنهي گڻن کان نيارو آهيان. اهڙيءَ
ريت جو مونکي سڃاڻي اهو منهنجي اينشي پد ۾ پراپت
ٿيندو. وري مان ڪهڙو آهيان؟ انهن ٽنهي گڻن کي
پيدا ڪندڙ آهيان، جو ۽ ديهه کي اتپت ڪريان ٿو

۽ انهن ٽنهي گڻن کان وري نيارو يا پري بہ آهيان. اهڙي ريت جو سون کي سڃاڻي سو جنم مرڻ کان ڇٽندو. اهڙي برهم گيان روپ امرت پيئڻ ڪري سنسار جي دکن کان ڇٽندو. ارجن سري ڪرشن ڀڳوان کي پڇڻ لڳو تہ هي پڀو! انهن ٽنهي گڻن کان لنگهي جو پار پيو آهي تنهنجا ڪهڙا لڇڻ ٿيندا آهن؟ هنجي هلت ڪهڙي ٿيندي آهي؟ انهن گڻن کان ڪيئن لنگهي پار پوي ٿو؟ سري ڪرشن ڀڳوان چوڻ لڳو تہ هي ڪنتي نندڻ! هي جو انهن گڻن سان ساڻ ۽ نيارو بہ آهي تنهنجا لڇڻ ٻڌ. ڪلپنا نہ ڪري تہ هي گڻ برو آهي ۽ ان جي سنائڻ جو يتن بہ نہ ڪري اهڙو گڻن کان اداس رهي چوي تہ منهنجو ان سان ڪهڙو واسطو آهي. جنهن پرميشور جي مايا گڻن کي پيدا ڪيو آهي تهڙن اهي ديهہ ۾ سڀاويڪ پيا ورتن ۽ ملن انهن کان نيارو آهيان ۽ آتم سروپ آهيان. اهڙيءَ ريت گڻن کي هلائي چلائي نہ. وري ڪهڙو آهي دک سک، گلا ۽ نيڪيءَ ۾ سمان آهي. سون ۽ مٽي هڪ ڪري ڄاڻي، آدر، نرادر، دشمن سڀ هڪ سمان ڪري ڄاڻي، ڪنهن ڪم جو آدر نہ ڪري هي ارجن! تو ٽنهي گڻن کان پري رهڻ جو پرشن ڪيو هو انهيءَ (گڻاتيت) جا اهي لڇڻ آهن ۽ جهڙيءَ ريت انهي ٽنهي گڻن کان پري ٿئي سو ٻڌ. هي ارجن! سون منجهہ پريت وڪي ۽ سون ۾ من لڳائي. پڇو ڇا چوي؟ هي پڀو! سان تنهنجو داس

آهيان ؛ تون سڀني جو سوامي آهين. مان آڏين آهيان ؛ آنات آهيان ۽ مان تنهنجي هڪڙي ڳڻ کي به نٿو ڄاڻان. توکان سواءِ ٻيو ڪو ايشور ڪونهي ؛ مان هنن ڪرمن ۾ قابـو ٿيو آهيان. تـون هنن جي ناس ڪرڻ وارو آهين ؛ مان تنهنجي شرڻ آهيان. تون سڀ جو آسرو آهين." هـي ارجـن! جيڪو اهـڙيءَ ريت منهنجو داس ٿي منهنجيءَ ٿي شرڻ ۾ اچي ٿو سو ٿي انهن ٽنهي ڳڻن کان ٻاهر لنگهي برهم روپ ٿيڻ جي يوڳيه ٿئي ٿو. برهم جي اسٿتي سا آءٌ آهيان، اکنڊ امرت جي اسٿتي سا آءٌ آهيان. سناتن ڌرم جي ؛ اتم سک جي اسٿتي (آسرو) پڻ آءٌ ئي آهيان.

"اُت سري ڀڳوت گيتا سري ڪرشن ارجن سنبادي نرگڻ وڀاگ يوگ نالي چوڏهون اڌياءُ پورو ٿيو."

—*—

چوڏهين اڌياءَ جو مهاتم

سري نارائڻ چوڻ لڳو تـه هي لڇمي! اتـر ديس ڪشمير ۾ سرسوتي کيتر ۾ هڪڙو وڏو ڀاڳ پنڊت رهندو هو انهيءَ ملڪ جي راجا جو نالو سورج ورما هو انهيءَ جـي سنگلديپ جـي راجـا سان پريت هئي، هڪڙي

ڏينهن سنگلديپ جي راجا گهڻا جواهر ۽ قيمتي گهوڙا
هن راجا ڏي سوکڙي ڪري موڪليا. تڏهن ڪشمير
جي راجا وزير کان پڇيو ته اسان ان جي بدلي ڇا
موڪليون؟ پر اهڙي ڪا شيءِ موڪلجي جا اتي نه
هجي. تڏهن وزير چيو ته ٻي سڀ شيءِ اتي آهي باقي
شڪاري ڪتا اتي ڪونهن. تڏهن راجا مخمل جا ڪاڏيلا
ٺهرائي ۽ ڪمخاب جي ڏولين ۾ سون جي زنجيرن سان
شڪاري ڪتا ٻڌي سنگلديپ جي راجا ڏي موڪليا.
راجا ڪتا ڏسي ڏاڍو پرسن ٿيو ۽ ڏهاڙي شڪار ڪرڻ
لڳو. هڪڙي ڏينهن ٻئي راجا سان گڏجي شڪار ڪرڻ
لاءِ ويو ۽ ٻاڻ ۾ ٺهرائي ڪيائون ته جنهن جو ڪتو
شڪار ڪري سو اهو شڪار کڻي. ٻنهي پنهنجا ٻه ٻه
ڪتا ڇڏيا. جهنگ مان هڪڙو سهو نڪتو. پوءِ سڀ
ڪتا ان جي پٺيان پيا جڏهن سهو پري نڪري ويو
تڏهن ٻيا ڪتا موٽي آيا ۽ سنگلديپ جي راجا جو ڪتو
سهي کي پڪڙڻ لاءِ ڊوڙيو. ڪتي جو چڪ سهي کي
لڳو ۽ سهي دانهون ڪيون. ڪتو واتڙو ٿي ويو. سهو
وري اٿي ڀڳو. ڪتي جي چڪ ڪري سهو رت ڳاڙهيندو
پٺي ڀڳو ۽ ڀڄندي ڀڄندي جهنگ ۾ هڪڙو تلاءُ پاڻيءَ
جو ڀريل هو ۽ اڳي پرسان هڪڙي ساڌوءَ جي ڪٽيا
هئي اهيءَ تلاءَ ۾ وڃي ڪريو. ڪتو به ان جي مٿان
وڃي ڪريو. ايتري ۾ راجا به گهوڙو ڀڄائي اچي پهتو.
ڏسي ته ٻئي مئا پيا آهن ۽ ديوتائن جي ديهه پائي

ونڪنٺ ڏي ٿا وڃن اهي راجا کي چوڻ لڳا ته هي
راجا! تون ڌنيہ آهين، تنهنجي ئي پرتاپ ڪري اسان
ديو ديهه کي پاتو آهي راجا پڇڻ لڳو ته اهو ڪيئن؟
انهن ٻنهي چيو ته اسان کي اها خبر نٿي پوي ته هن
پاڻيءَ کي ڇهڻ ڪري اسان ڪيئن اها ديهه پاتي آهي.
پوءِ راجا چيو ته منهنجا به ڌنيہ ڀاڳ آهن جو توهانجو
آڌار ٿيو. پوءِ هو ٻئي ونڪنٺ روانا ٿي ويا. پوءِ راجا
ڪنيا ۽ ان سادوءَ وٽ ويو ۽ پرنام ڪري پڇڻ لڳو
ته هي مهراج! هن ڳالهه جو مونکي سنسو ٿي پيئو آهي
ته سهي ۽ ڪتي جو ڪيئن آڌار ٿيو. سادوءَ چيو ته
هي راجا! هيءُ جو تلاءُ جو پاڻي آهي ان ۾ منهنجو
گرولت نيم سنان ڪري گيتا جي چوڏهين اڌياءَ جو پاٺ
ڪندو هو ۽ مان به سنان ڪري گيتا جو پاٺ ڪندو
هوس ۽ هاڻي به ڪندو آهيان، انهيءَ ڪري هن تلاءَ
جي پاڻيءَ کي ور مليل آهي. پوءِ راجا چوڻ لڳو ته
سنت ڌنيہ آهن جن جي پرتاپ ڪري اهڙي جيئڻ
جو آڌار ٿئي ٿو منهنجا به ڌنيہ ڀاڳ آهن جو درشن
ڪيم. سادوءَ پڇيو ته هي راجا! تون ڪنهن جو راجا
آهين؟ راجا چيو ته سنگلديپ جو. انهن ڇني سادوءَ کان
پڇڻ لڳو ته هي مهراج! مونکي هنن جي اڳين جنم جي
ڪٿا ٻڌايو ته هي ٻئي اڳين جنم ۾ ڪير هئا؟ سادوءَ
چيو ته هي راجا! سهو ۽ ڪتو ٻئي اڳين جنم ۾
برهمڻ هئا. سهو ٻنهنجي تري کان پرشٽ ٿي پيو ۽

ڪتي پنهنجي استريءَ کي ڏاڍو هلاڪ ڪيو تنهنڪري
استريءَ زهر ڏيئي ماري ڇڏيس. هي راجا! پٺي مري
ڌرمراڄ وٽ ويا. ڌرمراڄ حڪم ڏنو تہ هڪڙي ڪي
مهي جو جنم ڏيو ؛ پٺي کي ڪتي جو. جڏهن پنهي
پڪار ڪئي تہ هي مهراج! اسانجو اڌار ڪيئن ٿيندو؟
تڏهن ڌرمراڄ چيو تہ جڏهن گيتا جي چوڏهين آڌياءَ جي
پاٺ جو ڀاڱو توهان کي ملندو تڏهن توهانجو آڌار ٿيندو.
سو هي راجا! اهي پٺي ڌرمراڄ جي ور ڪري مڪت
ٿيا. تڏهن راجا نمسڪار ڪري پنهن جي گهر آيو ؛
پنهنجي پنڊت کان ڏهاڙي گيتا جي چوڏهين آڌياءَ جو
پاٺ پڙهڻ لڳو. راجا جو بہ پڇندي پڇندي اڌار ٿيو ؛
ديهہ تياڳي ويڪنٺ ڏي روانو ٿيو. سري ناراڻ چيو
تہ هي لڇمي! اهو چوڏهين آڌياءَ جو مهاتم آهي.

"اِت سري ڀڳوت گيتا جي چوڏهين آڌياءَ جو
مهاتم پورو ٿيو".

سري گيتا جو آڌياءِ پندرهون

(پرشوتم يوگ)

سري ڪرشن ڀڳوان چوڻ لڳو تہ هي ارجن! هي سنسار برج آهي يعني وڻ جي مثل آهي. سو هن وڻ جو حال ڪهڙو آهي؟ هن جي پاڙ مٿي ۽ ٽاريون هيٺ آهن. هي اُلٽو وڻ آهي جيئن ماڻهو ماءُ جي پيٽ ۾ هوندو آهي تہ ان جو سر هيٺ هوندو آهي. هي ارجن! هن جو سنهن ٿڙ آهي ۽ هٺ پير انجون ٽاريون آهن. جڏهن پيٽ کان ٻاهر نڪرندو آهي تڏهن اڀو هوندو آهن انهيءَ ڪري اُبتو وڻ آهي. هي ارجن! هن کي بنارس بہ چوندا آهن جنهنجو اوٽ پلہ آتما ابناسي آهي ۽ ديهہ بناسي آهي ۽ ويد هن وڻ جا پن آهن. هن وڻ کي جيڪو سمجهائي سو پورن ويدن جو پنڊت آهي. هي وڻ مٿي برهما جي لوڪ ۽ هيٺ شمش ناگ جي لوڪ

تانمن آهي. ستو، رجو ۽ تمو اهي، ٽمني گڻ هن وڻ
جا ڏار آهن. سنگهڻ، ڏسڻ، ٻڌڻ، کائڻ پيئڻ ۽ ڀرڻ
هن وڻ جا ڇڳا آهن ۽ هن وڻ جي ڀومي ڪهڙي
آهي جنهن تي هي وڻ لڳل آهي سو ٻڌ. هي ارجن!
مان ۽ منهنجي اڇا هن وڻ جي ڀومي يا ڀرٿوي آهي
جنهن تي هي وڻ ٻڌل آهي ۽ ٻيو ته مان آهيان، هي
منهنجو آهي، هيءَ منهنجي ذات آهي، هي منهنجو ناتو
آهي. انهيءَ ڀرٿويءَ تي وڻ جميل آهي جنهن جي
ڪمرائڻ جي نوڙي ڪهڙي آهي؟ اها نوڙي ڪٽنب
جا ناتي آهن جي هن وڻ سان ٻڌا پيا آهن ۽ هن وڻ
کي ڪو سمجهي نٿو. جو ته هن جي آد ۽ انت ڪنهن
ڪونه ڄاتو آهي ۽ مان ۽ منهنجي انهيءَ چترن کي لڳو
پيو آهي. هي ارجن! هن مايا روپي وڻ تي هيءَ جيو
ڦاٿو پيو آهي. هن وڻ جي ڪٽڻ جو اپاءُ هيءُ آهي
ته اول ڪٽنب جي ماڻهن جو سنگ تياڳ ڪري،
اهو اسنگ (ويراڳيا) ڪهڙو شستر آهي. (نوٽ) جيسين
منش وشين سان آسڪلار نٿو ڪري تيسين هو منجهن
غلطان رهندو. (وشين سان ولي ملي ٻيوءِ ڪاٽڻ آجو
ٿيڻ ناممڪن آهي.) انهيءَ شستر کي ڪهڙن هٿن سان
وٺجي؟ ڀريم ڀرشارٿ ڪري ڀڪو نشچو رکڻ اهي هٿ
آهن. اسنگتا روپي تلوار پرشارٿ روپي هٿن ۾ کڻي
جڏهن اسنگ ٿيو تڏهن ايشور جو رستو وٺي ۽ ان جي
مهما ڳائي جنهن ڪري وري سنسار ۾ جمڻ مرڻ کان

ڇٽي. ڪهڙيءَ ريت؟ ٻئي هٿ ٻڌي سيس نوائي پرميشور کي نمسڪار ڪري ۽ زبان سان چوي ته هي آد پرک! مان تنهنجي شرڻ آهيان. هي ارجن! آد پرک جو اِرٿ ۽ پد ۽ مها پد. ڪيترا ڪروڙ جن جو ونڪنٺ کان مٿي ان جو آستان آهي ۽ نر آڌار آهي ڪنهن تي به آڌار ڪونهي اهڙو هن جو آستان آهي. انهيءَ آد پرک جي استان تي ڪيئي ڪروڙ برهمنڊ ڪيئي ڪروڙ چوراسي لک جونيون ٻن ٻن وڇنائن سان پرپور آهن ۽ سدائين نکرن ٿي پيون ۽ وري به پورن جون پورن آهن ۽ سدائين اچل آهن اهڙو آد پرک جو پرتاپ آهي ۽ ساري سنسار ۾ پري پورن آهي ۽ ساري جڳت جو ايشور آهي. اهڙي ايشور جي جيڪو شرڻ آيو ۽ پاڻ کي جنهن نرمان ڪيو آهي ۽ ڪپٽ نه رکي ۽ ايڪانت ۾ رهي ۽ ٻڌن کان پري رهي ۽ ايشور جو ڀڄن ڪري ۽ جيڪو دم ڪٽي تنهن سان ان جو نام جپي، (آخر پرک) الک پرک ديو پرک پرماتما، نارائڻ، هري اوم، ڪرشن، گوبند، پرميشور، ڀڳت وڇل، آد نالن جو جپ ڪري، منهن جي چرنن جي شيوا ڪري، منهنجي ڀڄن کانسواءِ ٻئي ڪنهن جو به سمرڻ نه ڪري، اهڙيءَ ريت جيڪو منهنجي شرڻ ۾ اچي ته انهيءَ کي مان ڇا ٿو ڪريان؟ هي سنسار جو سک ڏک ۽ هرک شوڪ سان پريل آهي تنهن کان مان ان کي مڪت ٿو ڪريان ۽ ان کي

اڀياسي پد ۾ لڳ تو ڪريان، اهو ڪهڙو پد آهي؟ جتي
سورج، چندرما جي به شڪتي ناهي اهڙي پد ۾ وڃي
تو ۽ وري گرڀ ۾ نٿو اچي اهڙو منهنجو اڀياسي گهر
آهي تنهن ۾ وڃي پراپت ٿئي ٿو. هي ارجن! هاڻي ٻڌو
پئو. هي جو سڀني ۾ جيو ڀوت آهي سو منهنجو انس
آهي جو سناتن ۽ پرامن آهي. پنج اندريون ۽ ڇهون
من آهي. جهڙي ٿي پنهنجي پنهنجي ڪم ڪري هن جيو
کي ڀيا ڇڪين. هاڻي سرير جو ڌارڻ ۽ سرير جو تياڳڻ
پئو. هن ديهه جو سوامي جو جيءُ آهي سو جيءُ جڏهن
ديهه کي تياڳي ٿو تڏهن ديهه کي اورانگهي ٿو. جيئن
هڪڙو پير کڻي اڳتي رکجي ۽ ٻيون پير کڻي ان
جي پير جي اڳيان رکجي تهڙيءَ طرح ديهه جو تياڳڻ آهي
۽ ٻيءَ ديهه کي وٺڻ معنيٰ هن جيءَ کي اورانگهڻ آهي
۽ جيءُ جنهن ڪامنا سان ديهه کي تياڳي ٿو سا ڪامنا
ٻاڻ سان وٺي وڃي ٿو. جيئن هوا ڪنهن شيءِ جي
مٿان لنگهي ته انهيءَ شيءِ جي بوءِ انهيءَ ۾ ايندي
آهي تيئن جنهن ڪامنا ڪري سرير جو تياڳ ٿئي ٿو
انهيءَ ڪامنا کي وٺي اچي ٿو. اکيون ڪن، ڪل،
نڪ ۽ جيڀ انهن جو اهنڪار ڇهون من انهن سان
ملي ڪري هي جيءُ وشين کي ڀوڳي ٿو. ڪاٺ پيڻ
هلڻ چلڻ ويهڻ اٿڻ ۽ ٻيا جي ڪم ڪري ٿو سي سڀ
هي جيءُ من ۽ اندرين سان ملي ڪري ٿو پر جيڪي
مورک آهن انهن کي ڏسڻ ۾ نٿو اچي ۽ جيڪي

گماني آهن سو انهيءَ ڪلبل کي ڏسن ٿا سو اهي گياني گمان جي ٿي اکين سان ڏسن ٿا سو اهي گيان جون اکيون کهڙيون آهن. هي ارجنا جڏهن منهنجي گيان يوگ سان ٻنڌجي ٿو تڏهن سمرن ڪرڻ ڪري گيان جون اکيون ٿين ٿيون انهن گيانين ۾ ٻه ڪو هڪڙو منهنجي سمرڻ ڪري پوتر ٿيو آهي انهيءَ کي گيان جون اکيون ٿيون آهن سو انهن اکين سان منهنجو ڪوتڪ يا کيل ڏسي ٿو. هي سورج جو ٻنهنجي پرڪاش سان ٽنهي لوڪن ۾ جو انڌڪار آهي تنهن کي ڪڍي ٿو تيئن سورج ۾ وري پرڪاش ايشور جو چاڻ آهي. اهڙي ريت چندرماڻ ۾ جو پرڪاش آهي سو به منهنجو چاڻ ۽ پرٿوي جا سيني کي ڀاڻ تي ڪٿي بيٺي آهي سو انهيءَ پرٿويءَ جي هيٺان جنهڪو ٻل آهي سو ايشور جو آهي ۽ جيترا ڦل ڦول ميوا ۽ اناج گاه. وڻ ٽڻ آهن انهن سيني ۾ چندرماڻ جي ڪرڻن سان جو رس پوي ٿو سو رس مان آهيان ۽ سيني جي هردي ۾ جيترا اگني مان آهيان، پراڻ به مان آهيان، پراڻ وايو مٽي جي ۽ آپان وايو هيٺ جي، ادر ۾ اگني جنهن سان پراٿي چئن پرڪارن جا پوڄن ڪن ٿا تنهن پوڄن کي مان ٿي پچايان ٿو. هي ارجنا چئن پرڪارن جا پوڄن يا ان ڀڇ. لسج، چوسج، پکيه ۽ پوڄيه اهي چئن پرڪارن جا ان آهن جنهڪو ان ٻاهه ۾ پچائي تنهن سو پکيه آهي ۽ جنهڪو ڪيهو ان چانور. چنا، مگس، مٽر، جوئر ۽

موٽ آد کائنجي ٿو سو پوڄيہ ٿو سمجھي. گدرا هندانا ٻاد رنگ، ڀيمتا آد جهڙي کائنجن ٿا سو تامس آهي. ڪمو ڏڌ لسي شربت ۽ پاڻي آد جيڪو پيئبجي ٿو سو ڀيڄ آهي. اهي چئن پرڪارن جا ان آهن. هي ارجن! سڀني پراڻين ۾ مان ئي براجمان آهيان، سڀني جي هردن ۾ ويٺي گيان ڏيئي مانُهن کان چڱا ڪم ڪرايان ٿو ۽ مان ئي انهن کي اگيان ڏيئي پاپ ڪرم ڪرايان ٿو. ويدن جي ڄاڻڻ وارو بہ مان آهيان. ويدن جو انت ڇا ۾ جيتري ويدن جي مت آهي سا پنهنجيءَ مت مان استتي ڪري رهي آهي. جڏهن مهما ڪندي ويد جي مت بہ رهجي وڃي ٿي تڏهن نيت، نيت، نيت (نہ انت) پڪاريندي آهي ازنانت چوندي آهي تہ تنهنجيءَ مهما ڄاڻڻ لاءِ اسمرٿ آهيان. انهيءَ ڪري ويدن جي انت ڪرڻ وارو آءٌ آهيان. هي ارجن! هاڻي ٻڌ. هي جو ديهہ ڌارين جو پسارو آهي اهو سارو پسارو ٻن جڻن جو آهي. هڪڙو پرک ناس ٿئي ٿو ۽ هڪڙو ابناسي آهي. اهي جو گهڻن تتن جو سرير پرک آهي سو ناس ٿئي ٿو ۽ ٻيو جيءُ پرک آهي سو ابناسي آهي. انهن کان ٽيون پرک آتم آهي جنهن کي پرماتما چوندا آهن انهيءَ جو وڏو پرتاپ آهي. سو ٻڌ. سنهنجيءَ اک پلڪ ڪري برهما کان آد وٺي ڪنڊيءَ تائين سڀني جيوت پراڻين جي پالنا ٿيندي آهي ۽ وري جڏهن اک ٻوٽيان، تڏهن هڪ پلڪ ۾ چوڏهن ڀون

پرلئہ ٿـي ويندا آهن. اهڙي وڏي پرتاپ وارو آهيان انهيءَ ڪري مون کي پرماتما چوندا آهن ۽ پرشوتم به چوندا آهن. هي ارجن! اهو پرشوتم مان آهيان ۽ جنهن ڀڳت مون کي پرشوتم ڪري ڄاتو آهي تنهن کي ڄا ڪرڻو آهي تنهنکي سدائين منهنجو ڀڄن ڪرڻ گهرجي هي نشپاپ! اها ڄاڻي ڳجهي وديا مون توکي ٻڌائي آهي. هي ڀارت! اهـا ڄاڻي منش ٻڌيون ٿئي ٿـو ۽ پنهنجو جيون سڦلو ڪري ٿو.

”اِت سري ڀڳوت گيتا سري ڪرشن ارجن
سمباڌي پرشوتم يوگ نالي پندرهون
اڌياءَ پورو ٿيو“

—*—

پندرهين اڌياءَ جو مهاتم

سري نارائڻ چوڻ لڳو ته هي لڇمي! اتر ديش ۾ هڪڙو نرسنگهه نالـي راجا هو ۽ سڳه نالـي ان جو منتري (وزير) هو. راجا جو ان تي ڏاڍو وشواس هو پر وزير جي من ۾ اهو کوٽ هو ته راجا کي ماري مان راجا ٿيان. انهيءَ ريت ڪيترائي ڏينهن گذري ويا. هڪڙي ڏينهن ڏنائين ته سڀ سهيا پيا آهن ۽ راجا

به سمهيو پيو آهي. اهو وجهه ڏسي راجا کي ماري وڏائين پوءِ راجائي ڪرڻ لڳو. ڪيترا ڏينهن راجائي ڪري نمڪ مري ويو. جم گڻ ترمراءِ وٽ وٺي ويس. ترمراءِ چيو ته هي جم دوتوا هي وڏو پاپي آهي. هن کي وڏي گهور نرڪ ۾ وجي وجهو. هي لڇميا انهيءَ ويت اهو پاپي ڪمترائي لرڪ يوڳي گهوڙي جي جنم ۾ ويو ؛ هڪڙي گهوڙن جي سوداگر اهو گهوڙو پنهنن تي خريد ڪيو ؛ پيا به ڪمترائي گهوڙا ورتائين ؛ پنهنجي ملڪ ۾ آيو جڏهن اتي جي راجا ٻڌو ته فلاڻو سوداگر مٺا گهوڙا وٺي آيو آهي. پوءِ راجا ماڻهو موڪلي گهرايس ۽ گهڻائي گهوڙا راجا ورتا ؛ اهو گهوڙو به ورتائين. گهوڙي راجا کي ڏسي منهن ڦيريو. راجا ڏسي چيو ته هي گهوڙو سبب آهي جو هن گهوڙي سر ڦيريو. پوءِ راجا پنڊت کي گهرائي ان کان پڇيو ته هي ڇا؟ پنڊت چيو ته هي راجا! توهان کي راجا سمجهي هن گهوڙي سر نوايو آهي. تڏهن راجا چيو ته ائين نه آهي. انهن جتي پنڊت کي موڪلي ڏنائين. ڪيترن ڏينهن کانپوءِ راجا انهيءَ گهوڙي تي چڙهي شڪار ڪرڻ ويو. اهو گهوڙو اهڙو ته تکو هو جهڙي تيز هوا. اڳي راجا تير ڪمان سان شڪار ڪندو هو. انهي ڏينهن هٿيارن کان سواءِ خالي هٿن سان شڪار ڪرڻ لڳو ؛ ڏاڍو پرسن ٿيو. اتي راجا کي اڃ جي آڃ لڳي. جتي پريان ڏٺائين ته هڪڙي ساڌوءَ جي ڪٽيا ٺهي پئي آهي ؛

هڪڙو پاڻي جو تلاءُ آهي. اتي راجا وڃي لٿو. گهوڙو
وڻ سان ٻڌي راجا ڪنڌيا ۾ ويو ته ساڌو پنهنجي پٽ
کي گيتا جو پندرهون اڌياءُ ويٺو سيکاري. هڪڙي
وڻ جي پن تي هڪڙو سلوڪ لکي ڏنو اٿس. اهو
ڇوڪرو هن سان راند به ويٺو ڪري. پاٺ به پيو
ڪري. جنهن وڻ سان راجا گهورو ٻڌو هو تنهن وڻ
جي پن تي به گيتا جو سلوڪ لکيو پيو هو. انهيءَ پن
کي ساڌو، جو ڇوڪرو جهڙي هن ٻئي پن سان گڏ پاٺ
ڪرڻ لڳو ته اچانڪ هن گهوڙي انهيءَ پن کي ڏسي
ورتو. ان جي ديهه ڇٽي. ديوتائن جي ديهه پائي وِمان
۾ چڙهي آڪاس ۾ وڃي ويهي رهيو ته ايتري ۾ راجا
به ڪنڌيا کان ٻاهر آيو. اچي ڏٺائين ته گهوڙو مئو پيو
آهي. راجا کي ڏاڍو ڏک ٿيو. چوڻ لڳو ته هن کي
ڪنهن ماريو. ڇا ٿيس ته ايتري ۾ ديو ديهيءَ چيس
ته هي راجا! تنهنجي گهوڙي جو ڇمتن جيءُ مان آهيان
مون ديو ديهه پاتي آهي. مان وڪنٺ ڏي ٿو وڃان.
راجا پڇيس ته تو ڪهڙو پڄ ڪيو جنهنڪري توکي
اها ديهه ملي. گهوڙي چيس ته هي راجا! اها ڳالهه
ساڌوءَ کان پڇ پوءِ راجا انهيءَ ساڌوءَ کان پڇيو ته
هي سوامي! هيءَ ڳالهه مونکي ٻڌايو؟ ساڌوءَ چيو ته
هي راجا! گيتا جو سلوڪ هڪڙي پن تي لکيل هو
تنهن کي تنهنجي گهوڙي ڏٺو. انهيءَ ڪري هن جي
مڪتي ٿي آهي. راجا چيو ته هي سوامي! اڳئين جنم

۽ هو ڪير هو؟ گهوڙي کي جڏهن مون خريد ڪيو هو تڏهن هن سر هلايو هو سو ڇو هي سوامي! انهيءَ ڳالهه جو مونکي ورتانت ٻڌايو. تڏهن ساڌوءَ چيو ته هي راجا تون اڳئين جنم ۾ راجا هئين ۽ اهو گهوڙو تنهنجو وزير هو ۽ هن توکي راڄائيءَ جي لالچ ڪري ماري پاڻ راجا ٿيو هو. تون ته ساڳيو اچي راجا ٿئين ۽ هي مري ڪري ڌرمراءِ وٽ ويو. ڌرمراءِ چيو ته هي نمڪحرام! آهي تنهنڪري هنکي خوب نرڪ ڀوڳايو. پوءِ ڪيترو ئي سمو نرڪ ڀوڳي وچي سنگلديپ ۾ گهوڙو ٿيو ۽ اتان اچي تو وٽ وڪاڻو ۽ جڏهن هن سر هلايو هو تڏهن هن توکان پڇيو ٿي ته هي راجا! تون مونکي سڃاڻين ٿو يا نه، پر مان توکي سڃاڻان ٿو. ساڌو ائين چئي کڻي ماٺ ڪئي راجا اٿي ۽ ڀڄي ساڌوءَ کي نمسڪار ڪيو ته ايتري ۾ راجا جي سنا به اچي پهتي ۽ راجا به گهوڙي تي سوار ٿي پنهنجي گهر آيو ۽ پنهنجي پٽ کي راڄائي ڏيئي جهنگ ۾ وڃي تپسيا ڪرڻ لڳو ۽ گيتا جي پندرهين ادياءَ جو پاٺ به ڪرڻ لڳو جنهن ڪري راجا به پرم گت جي لائق ٿيو. سو نارائڻ چوڻ لڳو ته هي لڇمي! اهو ته گيتا جي پندرهين ادياءَ جي هڪڙي سلوڪ جي پڙهڻ تي لکيل ڏسڻ جو مهاتم آهي.

"اِت سري ڀڳوت گيتا جي پندرهين ادياءَ جو مهاتم پورو ٿيو."

سري گيتا جو آڌياءِ سورهون

(ديوا سر سنپد وڀاڳ يوڳ)
يعني
[ايشوري ۽ راکس روپي گڻن جو ورهاڱو]

سري ڪرشن ڀڳوان چوڻ لڳو ته هي اورجن! ٻڌ. هڪڙن ماڻهن جا سڀاءَ ديوتائن جهڙا آهن ۽ هڪڙن جا دئيتن جهڙا. هاڻي ڀريائين جن جا ديوتائن جهڙا سڀاءَ آهن سي ٻڌ. انهن کي ڪنهن جو به ڊر ڪونهي ۽ انتهڪرڻ شد اٿن سنهنجي چاڻ جو گيان ۽ شرڌا سارو ڏن ڪرڻ اندرين کي جيتڻ، يگيه ڪرڻ ۽ سنهنجي مهما جا ويدن ۾ آهي سا ڳائڻ، ٻڌڻ ۽ پڙهڻ، ڪيرتن ڪرڻ، وشن ڀدا چوڻ، تپسيا ڪرڻ، ديا ڪرڻ، ڪنهن کي ڏک نه ڏيڻ، نرم دل ٿيڻ، سچ ڳالهائڻ،

ڪوڙ نه ڳالهائن، ڪنهن تي ڪروڌ نه ڪرن، ۽ شرير
جي ڀلائي لاءِ ٿورو ڀوڄن ڪرڻ انهيءَ جو نالو تياڳي
آهي. سدائين سنتن جي سنگ ۾ رهڻ، ڪنهن جي نندا
نه ڪرڻ جيترو پڄي اوترو سڀ کي سک ڏيڻ، لوڀ نه
ڪرڻ، پاڻ کان پري رهڻ، من ۽ اندرين کي نشچل
رکڻ، گيانوان پرک جو اپمان نه ڪرڻ، سڀ کي
نمسڪار ڪرڻ، سڀ جي شيوا ٽهل ڪرڻ، ڪيا رکڻ
۽ جي ڪوئي ڏک ڏي ته اهو سهڻ ۽ ڌيرج ڌاري
پرميشور جي شرڻ ۾ اچڻ، پرميشور جي ڪنيءَ تي راضي
رهڻ. ديهه کي پاڻي سان پوتر ڪري ۽ انتهه ڪرڻ
کي هر هر منهنجو نالو وٺڻ سان شڌ ڪري ڪنهن سان
دغا نه ڪري، پنهنجي مهما نه ڪري ڪنهنجو گرو
گوسائين بڻجي نه وهي. هي ارجن! اهڙا لڇڻ جن مانهن
۾ آهن سي ديوتائون آهن. هاڻي دئيتن جا لڇڻ ٻڌ.
پهريائين پاکنڊي يعني من ۾ برا خيال رکي ۽ لوڪن
کان پنهنجي مهما ڪرائي اهو پاکنڊ آهي. هاڻي پاکنڊ
اڀمت جا لڇڻ ٻڌ. جو سنسار کي ڇڏي منهنجي شرڻ
۾ آيو آهي ۽ منهنجي شرڻ ۾ اچي وري ٻين ڳالهين
جو خيال ڪري ۽ پاڻئين ته مون جهڙو ٻيو ڪونهي،
ڪروڌ ڪري، سخت ڳالهائي اهو اڀمت پاکنڊي آهي،
انهن ٻنهي جي اڻپت اگيان آهي، انهن ٻنهي جو ڦل
ٻڌ. جن مانهن ۾ ديوتائن جا سڀاءَ آهن اهي سنسار کان
مڪت ٿين ٿا. جن ۾ دئيتن جا سڀاءَ آهن سي سنسار

جي جمع ۽ مرڻ جي ھنڌن ۾ پون ٿا. جڏھن ارجن اھا
ڳالھه سري ڪرشن جي مکھ مان ٻڌي تڏھن پنھنجي من
۾ ويچار ڪرڻ لڳو ته مون کي ديوتائن جا سياءُ آھن
يا دئيتن جا؟ تڏھن سري ڪرشن ڀڳوان ھن جو ويچار
ڏسي چوڻ لڳو ته ھي ارجن! تون پنھنجي من ۾ ڪو
ويچار نه ڪر. تون ديوتائن جي سياءَ ۾ ڄائو آھين.
جنم مهل تو ۾ ديوتائن جا سياءُ اھي پيا ھئا. ھي ارجن!
ديوتائن جا سياءُ ڇھويھ رڳيت ٻڌايا مانءُ ۽ دئيتن جا
نوري ۾ چيم سو ڪجھ ٿورا ٻيا ٻه ٻڌ. ھي ارجن!
جن ۾ دئيتن جا سياءُ آھن ھي نه گرھست ۾ سکي ۽ نه
اتمت (نبارو) ٿي وھي ۾ سکي آھن. اتيت ٿيڻ جي
جن کي خبر نه آھي ته اتيت ڪھڙن ٿيو آھي ۽ نڪي
پوترتا کي ٿا ڄاڻن ته ڪيئن سنان ڪري پوتر ٿيو
آھي ۽ مان جو ست سروپ آھيان تنھن کي نٿا ڏسن
۽ ٻاڻ ۾ گڏجن ته ھيئن چون ته پرميشور ڪٿي آھي.
ڪنھن ڏٺو آھي، پرميشور آھي ئي ڪونه. سنسار جي
رچڻ وارو ڪوبه ڪونھي ۽ نڪو سنسار جو ايشور
آھي ۽ اسان پاڻ مان پاڻ پيدا ٿيا آھيون ۽ يا چئون ته
اسان پرميشور آھيون، اھي موڙھ الڳا آھن، سڀني ڳالھين
۾ ھيءُ ڳالھه آنم ڪري مڃي اٿن. ڪھڙي؟ سٺو کائڻ،
سٺو پيئڻ، سڳنڌيون لائڻ، اوچا ونگين ڪپڙا ڪرڻ،
سندر استري ڀوڳڻ انھن ڳالھين کي ئي پرم گت ڄاڻن
ٿا ۽ لاڀ ڪري سمجھن ٿا ۽ انھن جي ھٿ تمام ملين

ٿي ٻڻي آهي، ڏس ته ڪيئن ٿو ماريانس، ڏاڍو ٻلوان آهيان
هيڻ آهن ۽ سدائين اهڙي ڪوشش پيا ڪن جنهنڪري
ٻيا به دکي ته ٻين کي به دکن ۾ پيا وجهن. مايا ۾
موهه وڪي ڪوڙيءَ لالچ ۾ لڳي پيا آهن ۽ سنسار جي
پرلئه تائين سدائين چنتائن ۾ گذارين، ڪام ڪروڌ،
لوڀ، موهه ۽ اهنڪار جي ٻنڌڻ ۾ ٻڌا پيا آهن. مايا
جي مڌ ۾ مست ٿيو وهيا آهن. پاپ ڪري مايا گڏ
ڪني اٿن ۽ ٻل جا هيڻ آهن ۽ پنهنجو ناس پاڻ پيا
ڪن. جڏهن ڇل ول ڪوڙ ڪپٽ ڪري مايا گڏ
ڪن ٿا تڏهن ان کي لاڀ ڪري ٿا سمجهن. هي مطلب
اڄ پورو ٿيو هو سڀاڻي ملندو، دشمن جي مارڻ ۾ ڪهڙي
ڳالهه آهي، ڏس ته ڪيئن ٿو ماريانس، ڏاڍو ٻلوان آهيان
سکي آهيان، سچار آهيان، ڀوڳي آهيان، ست پيڙهيو
شاهوڪار آهيان، منهنجي برابر ٻيو ڪو به ڪونهي،
مان سڀ کان وڏو آهيان، ٻيا سڀ منهنجا داس آهن،
سي وشيه ڀوڳن ۾ انڌا آهن. هي ارجنا انيڪ پرڪارن
جي وشين ۾ انهن جو من ڀيو ڀرمي ۽ موهه جي ڄار ۾
ڦاٿا پيا آهن! انهن جو حال ڪهڙو ٿو ٿئي؟ هتي هائي
به نرڪ ته پوءِ به نرڪ ۾ هوندا آهن ڪنهن کي به
مڃو نٿا ٿيڪين مايا جي موهه ۾ انڌا آهن ۽ ناموس لاءِ
دان ڪندا آهن ۽ اهڙا پاکنڊي آهن جو جنهن ريت
يگيه ڪرڻ گهرجي انهيءَ ريت نٿا ڪن اهي اهنڪار
۽ ڪروڌ ۾ ڀرپور آهن ۽ مان جو آتما رام سڀني ۾

وياپڪ آهيان سي تنهن کي نٿا سڃاڻن. اهي جي دنيت پڏ جا ماڻهو آهن سي ڪنهن کي ڏک پيا ڏين ۽ ڪنهن جي نندا پيا ڪن اهڙا جيڪي سخت ماڻهو آهن انهن جو حال پڌ. سان انهن سان ڪيئن ٿو هلان؟ انهن کي ڏک ڏيندڙ جيڪي جونيون آهن اهي ڏيان ٿو. اهي ڪهڙيون آهن؟ گڏه جو جنم، پر اهو ساوو بدبوء سان ڀريل هوندو ۽ روڳي هوندو ڪتي جو، ٻلي جو، ڪوئي جو ۽ ٻيون جيڪي خراب جونيون آهن اهي ڏيان ٿو. هي ڪنتي نندن! جي مونکي نه ٿاتو آهي اهي هر هر نيچ جنم پائندا ٿا. هي ارجن! جنهنکي نرڪ چون ٿا تنهن کي ٽي دروازا آهن ۽ اهي هن آتما کي ناس ڪرڻ وارا آهن سي ڪهڙا؟ ڪام، ڪروڌ، لوڀ اهي ٽي دروازا نرڪ جا آهن. هي ڀرتم! جيڪي انهن ڪان ٻري آهن انهن کي ٻرم گتي ملي ٿي ۽ پنهنجي آتما کي سکي رکمو اٿن. هي ارجن! جيڪو شاسترن جي وڌيء کي تياڳي پنهنجي من جي مٽي تي هلي تپسيا دان ڪري ٿو سو اهو انهن جو ڦل نٿو پائي انهن جو سک ناسي آهي ۽ ڪڏهن به مڪت کي پراپت نه ٿيندو. ان لاء ڪرڻ جوڳو ڇا آهي ۽ نه ڪرڻ جوڳو ڇا آهي ان جي نرڻي ڪرڻ لاء شاسترني پرمان هئڻ کپي ۽ شاستر جي وڌي ڄاڻي توکي ڪرم ڪرڻ جڳائي.

اِت سر ڀڳوت گيتا سري ڪرشن ارجن

سنپاڙي ديئوا سر سنپد وڀاڳ يوگ
نالي سورهون اڌياءُ پورو ٿيو

سورهين اڌياءَ جو مهاتم

سري نارائڻ چوڻ لڳو ته هي لڇميءَ سوٺ نالي هڪڙو شهر آهي ان ۾ کڙگ نالي هڪڙو راجا هو سو ڏاڍو ڌرماتما هو ۽ ان راجا جي راڄ ۾ گهر گهر ٺاڪر دوارا هئا. ماڻهو نت ٺاڪرن جي شموا ڪندا هئا ۽ وڏيون وڏيون انهيءَ شهر ۾ جايون ٺهيل هيون جن کي سون جا دروازا هئا. راجا ڏاڍو سنت شموي هو سندس پرجا به ڏاڍي سنت شموڪ هئي. راجا وٽ هاٿي تمام گهڻا هئا جن ۾ هڪڙو هاٿي تمام مست هو جو پهلوان کي به ويجهو اچڻ نه ڏيندو هو. جيڪو پهلوان ان جي ويجهو وڃي ته ان کي ماري ڇڏي. هاٿيءَ جي پيرن ۾ زنجير پڌائي ڇڏيائون. راجا ديس ديس جا پهلوان آڻايا ۽ انعام ٺهرايائين ته جيڪو هن هاٿيءَ جي مستي لاهيندو تنهن کي انعام ڏيبو پر ان هاٿيءَ جي ڪنهن به مستي نه لاٿي ۽ نڪو ڪوئي ان جي ويجهوئي وڃي

سکيو. هاٿي راجا جي مندر جي اڳيان ويٺو رهي ۽
ڪنهن مهل اتي هيڏي هوڏي .اٿهن کي ماري. جتي
بہ وڃي اتي ڏاڍو ڏک پيو ڏئي. راجا اهو حال ڏسي
ڏاڍيءَ ڳڻتيءَ ۾ پيو گذاري. راجا گهڻائي اپاءَ ڪيا پر
ڪجھ بہ ڪم ڪين وريو. هڪڙي ڏينهن اهو هاٿي شهر
مان ٿي آيو تہ ان جي سامهون هڪڙو سادو پئي آيو.
ماڻهن سادوءَ کي چيو تہ هي سنت! پري ٿي وڃ نہ تہ
هاٿي توکي ماري وجهندو. سنت چيو سري نارائڻ تي
رکو، جي منهنجو موت هن جي هٿان ٿيڻو هوندو تہ
اوس بہ ٿيندو نہ تہ هاٿي شيءِ ڪهڙي آهي جو مونکي
ماريندو. ماڻهن چيو تہ هي سنت! هو جانور آهي هن
کي تنهنجي گيان جي ڪهڙي سڌ پوندي ۽ نارائڻ مان
هو ڇا سمجهي! هي سنت! هي هاٿي توکي ماريندو نہ
تہ ڇڏي پري ٿي. سنت چيو تہ مون کي هاٿي ڇو
ماريندو. مان پرميشور جو پيارو آهيان ان جو مان ڀڳت
آهيان. جيڪڏهن منهنجو موت هن جي هٿان ٿيڻو هوندو
تہ اوس بہ ماريندو. ائين ڪندي هاٿي بہ اتي اچي
پهتو تہ سادوءَ هاٿيءَ ڏي چتائي نهاريو. هاٿيءَ سادوءَ
کي ڏسي سونڍ سان نمسڪار ڪيو. ماڻهن سمجهو تہ
اجهو ٿو ماريس. پر هاٿيءَ کيس نمسڪار ڪري اتي
بيهي رهيو. سادوءَ چيو تہ هي هاٿي! مان توکي سڃاڻان
ٿو. تون اڳئين جنم ۾ ٻاڀڻ هئين. هاٿي مان تنهنجو
اڌار ڪريان ٿو تون ڪائي چنتا نہ ڪر. هاٿي

هر هر ساڌوءَ کي ڀيري ڀيو ڀوي ماڻهن اهو حال ڏسي
وڃي راڄا کي ٻڌايو. راڄا به اچي ڏٺو ته هاٿي برابر
ساڌوءَ جي اڳيان سونڊ کي هٿ ڪري ويٺو آهي.
ساڌوءَ چيو اڙي هاٿي! تون اوري اچ. هاٿي اڳيرو
سري چرن وندنا ڪئي. ساڌوءَ ڪرمنڊل مان پاڻي ڪڍي
چيو ته هي هاٿي! گيتا جي سورهين ادياءَ جو ڦل مون
توکي ڏنو. ائين چئي اهو پاڻي هاٿيءَ جي مٿان ڇنڊڪايائين.
پاڻي پوڻ شرط هاٿيءَ جي ديهه ڇٽي ۽ ديو ديهي پاڻائين
۽ وڃاڻ ۾ چڙهي راڄا جي اڳيان اچي چيائين ته هي
راڄا مان توکي ڌرماتما ڄاڻي ڪري اچي تنهنجي شهر
۾ نڪتس ته ڪو اهڙو سنت اچي جو منهنجي مڪتي
ڪري. هاٿي ائين چئي ڪري وئڪنٺ ڏي روانو ٿي
ويو. پوءِ راڄا سنت کي نمسڪار ڪري چوڻ لڳو ته
هي سنت توهان ڪهڙو منتر چيو جنهن ڪري هاٿيءَ
جو اڌار ٿيو. سنت چيو ته مون منتر ته ڪونه چيو باقي
گيتا جي سورهين ادياءَ جي پاٺ جو ڦل ان جي نمت
دان ڏنو ۽ مان ڏهاڙي سورهين ادياءَ جو پاٺ ڪندو
آهيان. راڄا چيو ته هي سنت! هاٿي اڳئين جنم ۾
ڪير هو؟ ساڌوءَ چيو ته هي راڄا! هي هاٿي اڳئين
جنم ۾ اتيت (غريب) جو ڇوڪرو هو ۽ سندس گروءَ
کيس چڱي وديا سيکاري هڪڙي ڏينهن سندس گرو
تيرٿ ڪرڻ ويو ۾ هن جو ڏاڍو اچي ناماچار ٿيو ۽
ديس وديس. مان ماڻهو هن جي دشمن لاءِ ٻيا اچن.

ٻارهن سالن کان پوءِ گرو آيو پر هن جو چيلو وڏيءَ
سياڄي وچ ۾ گديءَ تي چڙهي گرو ٿيو ويٺو هو.
هن من ۾ اهو خيال ڪيو ته هاڻي جيڪڏهن هن جي
اڳيان آدرسٽڪار ڪرڻ لاءِ اٿندس ته منهنجو مان گھٽجي
ويندو. اهو خيال ڪري اکيون ڪڻي بند ڪمائين. گروءَ
سمجهي ورتو ته هن مونکي ڏسي اکيون ڪڻي ٻوٽيون آهن.
پوءِ ڪيس چيئي سراپ ڏنائين ته انڌا! تون پنهنجيءَ
وڏائيءَ ۾ انڌو ٿيو آهين. مونکي آدرسٽڪار ڪري ٿو
سٺو ٻه نه ٿيڪيو پاڻ اکيون ٻوٽي ايمان ۾ ويهي
رهئين. هاڻي منهنجي سراپ ڪري تون هاڻي ٿيندين.
پوءِ چيلو سڌو ٿيو ۽ چوڻ لڳو ته هي گرو! تنهنجو
سراپ ٽرندو ته ڪڏهن ٻه ڪين پر هاڻي ديا ڪري
ٻڌايو ته منهنجي مُڪتي وري ڪيئن ٿيندي؟ تڏهن
گروءَ کي ديا آئي ۽ چوڻ لڳس ته جڏهن توکي سورهين
اڌياءَ جي پاٺ جو سنڪلپ ملندو تڏهن تنهنجو اڌار
ٿيندو. ايترو ٻڌي راجا ٻه پاٺ ڪرڻ لڳو ۽ راجائي
ٻٽ کي ڏيئي پاڻ تپ ڪرڻ لڳو ۽ ڏهاڙي گيتا جي
سورهين اڌياءَ جو پاٺ ڪري پرم گتيءَ کي پراپت ٿيو.
سري نارائڻ چوي ٿو ته هي لڇمي! اهو سورهين اڌياءَ
جو مهاتم آهي.

"اِت سري ڀڳوت گيتا جي سورهين اڌياءَ جو
مهاتم پورو ٿيو".

—*—

سري گيتا جو آڌياءِ سترهون

شرڌا تريه وڀاڳ يوڳ
يعني
ٽن قسمن جو شرڌا يوڳ

ارجن ٿو چوي ته هي سري ڪرشن ڀڳوان! جيڪي شاستر وڌي کي ڇڏي رکو شرڌا سان پوڄا وغيره ڪن ٿا انهن جي ڪهڙي گتي ٿئي ٿي. ساتيڪو راجسي يا تامسي؟ سري ڪرشن ڀڳوان چوڻ لڳو ته هي ارجن! "پوڄا ڪرڻ جي وڌي ٽن پرڪارن جي آهي ساتيڪي، راجسي ۽ تامسي" سا تون ٻڌ هي ارجن! جيڪي ساتوڪي آهن انهن جو نشچو ٻڌ. اهي هڪڙوني ايشور سرو وياپي جاڻن ٿا، سڀ سان نمرتا ڀاو رکي هلن ٿا ۽ سڀ ۾ سونکي سمجهن ٿا اهي ساتوڪي پرک آهن. هاڻي انهن کي

پرور ٿي پوَ. ديوتائن جي پوڄا ۾ تن جي شرڌا لڳي رهندي آهي ۽ راجسي پرڪرتي هڏ. پرڄن ۾ ۽ راڪسي پوڄا ۾ انهن جو من لڳو رهندو آهي ۽ تامسي پرڪرتي هڏ. ڀوت، پريت ۽ گڻ اتيادي جي تامسي جونيون آهن تن ۾ انهن جو من لڳو رهندو آهي. جي انهيءَ پرڪار جي تپسيا ڪندا آهن سا ڏئيتن جهڙي تپسيا آهي جا شاسترن ۾ نه چيل ٿي ڪانهي ڪهڙي تپسيا نا ڪن؟ جنهن جي ڏسڻ مان انلندو ڏپ ٿئي ۽ ماڻهن جهڙي ڏيکارڻ لاءِ نا ڪن نه ماڻهو ڏسي انهن چون ته هي ڏاڍو تپسي آهي ۽ من ۾ جن جي ڪامنا آهي جنهن تپ ڪري سرير کي ڪشٽ به ٿئي ۽ مان جو انهن جي ديهه ۾ آتمارام آهيان سو مونکي به ڏک نا ڏين. اهڙا جي اگياني ۽ انڌيت آهن جي تپسيا ڪن نا انهن کي تون ٿي ڏئيت تپ ڪري ڄاڻ. اهي سڀ ڏئيتن جا تپ آهن. هاڻي ارجنا ڪاڌي جا قسم هڏ. ڪاڌو به ٽن پرڪارن جو آهي ۽ تپسيا به ٽن پرڪارن جي آهي ۽ يگيه به ٽن پرڪارن جا آهن ۽ دان به ٽن پرڪارن جا آهن. اول "سانتوڪي" ڪاڌو هڏ. جنهن جي کائڻ ڪري عمر وڌي ٿئي ٿي سو عمر کي وڌائڻ جو ڪاڌو امرت اهو ديوتائن کي ملمو آهي جنهنجي کائڻ ڪري ديوتا امر ٿيا آهن. هاڻي منش جو ڪاڌو هڏ. جنهنجي کائڻ ڪري ديهه ۾ بل ٿئي ۽ بيماري به نه ٿئي، جنهن کائڻ ڪري من ۾ هريت ٿئي، چڱو ڪاڌو

ڪانجي سواد مان پريل هجي، گيهہ مان خوشبوئدار، دال چانور ڳڌي رڌل هجي، گيهہ مان ٺهيل ڪانجي اهو سانتڪي کاڌو آهي اهو ساڌوءَ ماڻهن کي پيارو آهي. هائي راجسي کاڌو ٻڌ. ملوڻو گرم جنهن جي کائڻ ڪري وات سڙي بيماري وڌي ؛ جنهن جي کائڻ ڪري نقصان ٿئي اهو کاڌو راجسي ماڻهن کي پيارو آهي. هائي تامسي کاڌو ٻڌ. جنهن کاڌي کائڻ ڪرڻ تي رات گذري وڃي، رات جي ٻاروئي روٽي جنهن ۾ سواد به نہ هجي ؛ ڪنهن جو جوٺو هجي اهو کاڌو تامسي ماڻهن کي پيارو آهي. جيڪي تامسي آهن انهن جا يگيہ ٻڌ. اول سانتڪي يگيہ ٻڌ. جنهن يگيہ ۾ ڦل جي ڪامنا نہ رکن ؛ ماڻهن جي سکہ لاءِ ڪن ٿا ؛ شاسترن جي وڌيءَ انوسار ڪن ٿا. يگيہ ڪندڙ چوي تہ مونکي يگيہ ضرور ڪرڻ گهرجي. انهيءَ ريت جيڪو يگيہ ڪري ٿو اهو سانتڪي يگيہ آهي. راجسي يگيہ ٻڌ. جنهن يگيہ ۾ ڦل جي ڪامنا ڪانهي فقط ماڻهن جي ڏيکارڻ لاءِ ؛ ناموس لاءِ ڪن ٿا اهڙي يگيہ کي هي اوجنا راجسي يگيہ سمجهہ. هائي تامسي يگيہ ٻڌ. جنهن يگيہ ۾ شاسترن جي وڌي نہ آهي ؛ من بہ پوتر نہ هجي ويد جو منتر بہ نہ پڙهي ساڌو برهمڻ کي يگيہ کان پوءِ ڏکڻا بہ نہ ملي ؛ يگيہ ڪرائڻ واري جي مرضي بہ نہ هجي اهڙي يگيہ کي تامسي سمجهہ. هائي ٽن پرڪارن جو تپ ٻڌ. انهن ٽن پرڪارن مان

ملن هڪڙو تہ ديهہ ڪري، ٻيو من ڪري ۽ ٽيون وچن ڪري اول ديهہ جو تپ ٻڌ. جتي ڪو ننڍو جيو هجي، انهيءَ کي ڏمي پير نہ رکي، ڪنهن جيو کي دک نہ ڀهچي اها پهرن جي تپسيا آهي هٽن جي تپسيا آهي. ديهہ کي پلٽيءَ ۽ مٽيءَ سان پوتر رکي ڏندڻ ڪري، سنان ڪري، سنهن ڌوتي، تلڪ ڏئي، سالگرام جي پوڄا ڪري ۽ جيڪي ٻڌوان گياني آهن انهن جي شيوا ڪري ۽ برهم چريہ رکي. "برهم چريہ ڇا آهي" سو ٻڌ. هي ارجن! "جيڪو گرهستي هجي تہ پراڻي استريءَ کي هٿ نہ لائي" ۽ جي وروڪت ويراڳي هجي تہ استريءَ جو نالو بہ نہ وٺي، ان جو خيال نہ ڪري اهو برهم چريہ آهي. ماءُ پيءُ جي شيوا ڪري اهڙيءَ ريت سرير جو تپ ڪرڻ ضروري آهي. هاڻي "وچنن جو تپ" ٻڌ. اول تہ سدائين سچ ڳالهائجي جنهن سچ ڳالهائڻ ڪري ٻڌڻ وارا خوش ٿين ۽ مٺڙو ۽ ٿڌيري ڳالهائي ۽ "ڪنهن کي مذ ڪري تہ هيئن ڪري او ٻائي، سنت، ڀڳت، پريوءَ جا پيارا!" مطلب تہ جنهن ڳالهہ ڪري ٻڌڻ وارو خوش ٿئي، اهڙو ڳالهائي ۽ جي ٻيو سڏي تہ هنکي جيءُ چوي انهيءَ کي وچن تپسيا چئبي آهي. ٻيا وچن جا تپ ٻڌ. سنڌيا گايتري پڙهي يا ويد جو پاٺ ڪري پراڻن جا استوتر پڙهي ۽ ڪٿا ۾ جا سنهنجي اوتارن جي ليلا آهي اها پڙهي ڪيرتن ڪري، وشن پد ڳائي اهي بہ وچن جا

تپ آهن. ”من جو تپ“ ٻڌ. من کي پرسن رکي، من جي پرڪرتي مون ۾ لڳائي، من کي شڌ ڪري مون ۾ شرڌا رکي، مون ۾ من ارپي. هاڻي سواس جو تپ ٻڌ. هر هر منهنجوني سمرڻ ڪري ”هري رام، هري ڪرشن، گوبند، پرماتما، پرميشور، نارائڻ، نرنجن، اڀنامي، سنت سايڪ، ڀڳت وڇل، واڌا ڪرشن، الک، ديو پرک، وشنو، جڳديش، سروويايي، انترجامي“ انهن نالن جو جاپ ڪرڻ اهو سواس جو تپ آهي هن تپسيا جي ٽن پرڪارن جا ڀيد ٻڌ. هي جي ڏيهه من وچن ۽ وسواس جا تپ مون چيا آهن سي جيڪي شرڌا سان ڪندا آهن اهي پرش اچي مونکي ملندا، پريم سان تپسيا ڪري ڦل نه گهري، اها تپسيا مون ۾ ارپڻ ڪري اهي ”سانتيڪي تپ“ آهي، ناموس جي لاءِ تپ ڪري منهنجي پوڄا ڪرائي اهو پاکنڊي ”راجسي تپ“ آهي. ڦل جي ڪري تپ ڪري جنهن تپ ڪري پراڻ کي ڪشٽ ۾ وجهي، ڪنهن جي بري ڪرڻ لاءِ تپ ڪري اهو ”تامسي تپ“ آهي. هي ارجنا هاڻي ٽن پرڪارن جا دان ٻڌ. سانتيڪي دان ٻڌ، هي دان مونکي ڪرڻو آهي سو ڪنهن ڪري؟ ”اتم گرهستي کي دان ڏئي“ (پاتر) جنهن کان سنسار ۾ ڀو ڪجهه به نه ٿي سگهي، ڪرم ڪرڻ واري برهمڻ کي دان ڏئي، ”زمين به پوتر هجي“ (ديش)، گئو جي ڇيڻي سان ليپو پائي، سامان به سٺو هجي، ”پربات جو سمو هجي“

(ڪال)، ڀاڻ ۽ سنان ڪري پوتر ٿئي ؛ برهمڻ ۽ پوتر ڪٿ ڪرمي هجي انهيءَ ريت جيڪو دان ڪري اهو ”سانتيڪي دان“ آهي. هاڻي راجسي دان ٻڌ. انهيءَ برهمڻ کي دان ڏئي جنهن کان پنهنجو ڪو اپڪار نه ٿئي ؛ دان ڏيئي ڦل جي ڪامنا ڪري اهو ”راجسي دان“ آهي. هاڻي تامسي دان ٻڌ. زمين ۽ اشد هجي، سامان ۽ اشد هجي، ڀاڻ روئي ڪائي پوءِ دان ڪري ۽ برهمڻ ۽ ڪڪرمي هجي يا ڪنهن نيچ ذات يا مليڇ کي دان ڏئي ؛ ڪروڌ سان گاريون ڏيئي پوءِ دان ڏئي اهو ”تامسي دان“ آهي. هي ارجن! ”اوم تت ست“ اهو ٽن پرڪارن جو نالو برهم جو چيل آهي اهو ڪهڙو آهي؟ جنهن جي رجي گڻ سان سنسار جي اتپت ڪرڻ وارو برهما پيدا ٿيو، جنهن جي سانتڪي گڻ سان سنسار جي پالنا ڪرڻ وارو وشنو پيدا ٿيو ؛ جنهن جي تمي گڻ سان سنسار جي ناس ڪرڻ وارو مهاديو پيدا ٿيو. هاڻي يگيه، دان، تپ جو ڦل ٻڌ. جيڪي پرش انهيءَ جو ڦل نٿا گهرن فقط مڪتي جي ڪامنا الن اهي مڪت کي پائيندا ؛ جيڪي پرش ڪامنائن لاءِ ڪرم ڪن ٿا اهي ڪامنائن کي پائيندا. هي ارجن! منهنجي ڳالهه ٻڌ. منهنجا ڀڳت پريت سان مونکي گل ڦل ارپڻ ڪن ٿا اهي مان انهن کان وٺان ٿو. سو ڪهڙيءَ ريت؟ سو ٻڌ. اول ته مونکي مت چاڙهي ؛ ٻيو ته جيڪي مان پرميشور کي سمري ارپڻ ڪريان. ته سو هي پرميشور

منهنجو انگيڪار ڪر ؛ پاڻ کي هيٺن سمجهي ته مان پرميشور جو ڀڳت آهيان. پاڻ ۾ ؛ مون ۾ ڀيد نه ڄاڻي ۽ هيٺن چوي ته ’مان من وچن ؛ ڪرم ڪري ڀڳوت جو داس آهيان. منهنجو داس ٿي جيڪي مونکي ارپڻ ڪري ٿو سو مان انگيڪار ڪريان ٿو. اهڙي ڀڳت جو ڏنل دان مان وٺان ٿو. هي ارجن! جنهن کي شرڌا ڪانهي سو جيڪڏهن ڪج ڪٿي اگنيءَ ۾ هوم ڪري يا دان ڪري يا تپ ڪري يا ست ڪرم ڪري تنهنکي مان انگيڪار ڪونه ڪريان ؛ جيڪڏهن ٻئن جي نمت ڪري ٿو ته اهي به انگيڪار نٿا ڪن. ”شرڌا ؛ پريت ڪانسواءِ ڪج دان ڏنل“ ڪنهن کي ٿو ملي. سو ٻڌ. اهو ڦل ’ڀوت پريت جي ديهه ڌاري پاڻ کي ني ڀوڳڻو پوندو آهي‘ مونکي پراپت نه ٿيندو آهي يعني مان ان کي گرهڻ نه ڪندو آهيان اها ڳالهه تون پڪ ڪري ڄاڻ.

”اِت سري ڀڳوت گيتا سري ڪرشن ارجن سنبادي شرڌا تريه وڀاڳ يوگ نالي سترهون ادياءِ پورو ٿيو.“

—٭٭—

سيرهين اڏياءَ جو مهاتم

مري ناراڻ چوڻ لڳو ته هي لڇمي! منڊليڪ نالي
نگر ۾ دشاسن نالي هڪڙو راڄا هو تنهن ٻئي هڪڙي
راڄا سان اها شرط رکي ته جنهن جو هاٿي کٽي سو
اهو ڌن کٽي. هن ٻني راڄا اها شرط ڪئي. ڪيترن
ڏينهن کانپوءِ دشاسن جو هاٿي مري ويو جنهن جو راڄا
کي ڏاڍو ڏک ٿيو ؟ چوڻ لڳو ته هڪڙو ڌن ويو پيو
ته هاٿي مري ويو ٿيون شهر ۾ به گلا ٿي. انهيءَ ڏک
۾ نيٺ راڄا به مري ويو. جم دوت ڌرمراءِ وٽ وٺي
ويس. ڌرمراءِ حڪم ڏنو ته هي هاٿيءَ جي ڏک ۾ مئو
آهي. تنهنڪري هنکي هاٿيءَ جو جنم ڏيو. هي لڇمي!
پوءِ راڄا دشاسن سنگلديپ ۾ وڃي هاٿي ٿيو ؟ هن کي
اڳلي جنم جي خبر هئي ته مان راڄا هوس ۽ هاٿي
هاٿي ٿيو آهيان انهيءَ خيال ۾ هو نه ڪجهه کائي نه پيئي.
فقط زار زار پيو روئي. ايتري ۾ هڪڙو ساڌو آيو جنهن
راڄا کي هڪڙو شاستر جو سلوڪ ٻڌايو جو ٻڌي راڄا
ڏاڍو پرسن ٿيو ؟ ساڌوءَ کي چوڻ لڳو ته ڪجهه! گهر.
ساڌوءَ چيو ته پيو مون وٽ سڀ ڪجهه آهي هڪ
هاٿيءَ جي گهرج آهي. راڄا اهو هاٿي ڪٺي ساڌوءَ کي

ڏنو. ساڌو هاٿيءَ کي پنهنجي جاءِ تي وٺي آيو ۽ انجي
اڳيان ڪجهه کاڌ لاءِ رکيائين پر هاٿي نه ڪج کائي
نه پيئي رڳو روئي ٿي روئي پيو ۽ من ۾ پيو چوي ته
ڪو اهڙو هجي جو مونکي هن جوڻ مان ڇڏائي. تڏهن
ساڌوءَ پهلوان کي گهرايو ۽ چيائينس ته ڏس ته هن هاٿيءَ
کي ڪهڙو ڏک آهي جو ڪج کائي پيئي نٿو. پهلوان
چيو ته هنکي ڪو به ڏک ڪونهي. پوءِ ساڌوءَ راجا کي
چيو ته هي راجا! هي هاٿي ته ڪج کائي پيئي ٿي نٿو،
رڳو روئي ٿي روئي پيو. راجا اها ڳالهه ٻڌي حڪيمن
کي گهرايو ۽ هوشيار پهلوان کي آڻائي ڪري ان هاٿيءَ
لاءِ پڇيو. جن ڏسي ڪري چيو ته هي راجا! هن کي
ڪوبه ڏک ڪونهي هن کي ته ڪو پنهنجي من جو
روڳ لڳل آهي. تڏهن راجا هاٿيءَ کي چيو ته هي هاٿي!
تون ٿي ڪج ڳالهاءِ ته توکي ڪهڙو ڏک آهي؟ پوءِ
پرميشور جي شڪتيءَ سان هاٿيءَ منشن جي ٻوليءَ ۾
ڳالهايو ته هي راجا! تون وڏو ڌرماتما آهين ۽ مان وڏو
پاپي آهيان ۽ هي ساڌو به وڏو ٻڌوان آهي. هن جي گهر
جو ان اهو کائي جو ڌرماتما هجي. مان ته مها پاپي
آهيان انهيءَ ڪري هن جي گهر جو اَن کائڻ مونکي
جوڳو نه آهي. تڏهن ساڌوءَ چيو ته هي راجا! تون هي
هاٿي پنهنجو موٽائي وٺ. راجا ورندي ڏني ته دان ڪري
مان وري موٽائي نه وٺندس. هي هاٿي تون وٺي وڃ.
مري توڙي جيئي. تڏهن هاٿيءَ چيو ته هي سنت!

تون ڪلپنا نہ ڪر. تنهنجي گهر ۾ جيڪڏهن ڪا گيتا جي پوٿي آهي تہ سونکي هن جي سترهين اڌياءَ جو پاٺ ٻڌاءِ. ماڌوءَ ائين ڪيو. هي لڇمي! سترهين اڌياءَ جي ٻڌڻ سان هاٿيءَ جي ديهہ ڇٽي. آڪاش مان ووان آيو جنهن تي چڙهي راجا جي اڳيان اچي بيٺو ؛ ان جي آستتي ڪري چوڻ لڳو تہ هي راجا! تون ڌنيہ آهين تنهنجي ڪرپا سان ئي مان هن ديهہ کان ڇٽس پوءِ راجا کي پنهنجي اڳين ڪٿا ٻڌايائين تہ اڳي مان راجا هوس. مون ٻئي راجا سان هاٿي لڙايا ؛ منهنجي هاٿيءَ هارايو. پوءِ شرط رکيل ڌن اهو راجا کڻي ويو ؛ هاٿي مري ويو جنهن جي دکہ کان آءٌ مري ويس ؛ ڌرمراءَ جي حڪم سان مون کي هاٿيءَ جو جنم مليو ؛ توهان وٽ آيس. جتي توهان ؛ ماڌوءَ جي ڪرپا سان گيتا جي سترهين اڌياءَ جي ٻڌڻ سان منهنجي مڪتي ٿي هاٿي مان ديو ديهہ پائي ونڪنٺ ڏي ٿو وڃان. ائين چئي هو هليو ويو. سري نارائڻ چوڻ لڳو تہ هي لڇمي! اهو سترهين اڌياءَ جو مهاتم آهي.

”اِت سري ڀڳوت گيتا جي سترهين اڌياءَ جو مهاتم پورو ٿيو“.

—*—

سري گيتا جو آڌياءِ ارڙهون

موکش سنياس يوگ

ارجن چوڻ لڳو "هي سري ڪرشن ڀڳوان! هي مردئت جي ناس ڪرڻ وارا! هي پربهو! سنياس چا کي چون ٿا ۽ تياڳ چاکي چون ٿا؟" انهيءَ جو اتر ڪرپا ڪري ٻڌايو.

سري ڪرشن ڀڳوان چوي ٿو ته "هي ارجن! سنسار جي ڪامنائن کي تياڳي ۽ منهنجي شرڻ ۾ اچي اهڙو جو گياني پرش آهي، سو سنياسي آهي، هي ارجن! منهنجي چرنن جي شرڻ ۾ اچي ڪري منهنجي ڀڳتيءَ کانسواءِ ڪا به ڪامنا نه ڪري، اهڙو جيڪو گياني پرش آهي انهيءَ کي تياڳ چون ٿا." هي ارجن! اهو ته مون پنهنجي مت جو سنياس ۽ تياڳ چيو، هاڻي شاستر جو مت ٻڌ. هڪڙا شاستر هيئن ٿا چون ته جيئن خراب ڪرم

ڇڏجن نٿن ڇگا ٻه ڇڏجن، ڇو جو ڇڱن ڪرمن جو
ڦل سک آهي ۽ خراب ڪرمن جو ڦل ڏک آهي. ڇڱا
ڪرم جي سون جي برابر آهن، سو انهيءَ سون جا زنجير
پڻ آهن، ۽ خراب ڪرم جو لوهه جي برابر آهن
سو انهيءَ لوهه جا زنجير پڻ آهن، انهيءَ ڪري
ڇڱا ۽ خراب ڪرم ٻئي ٻنڌڻن ۾ وجهن ٿا، تنهنڪري
ٻئي تياڳ ڪجن. هڪڙا شاستر وري هيئن ٿا چون ته
يگيه، دان، تپسيا، اشنان، انهن کان وٺي ٻيا جيڪي
ڇڱا ڪرم آهن اهي ڇڏڻ نه گهرجن. اهي پوترتا جي
ڏيڻ وارا آهن ۽ انهن ڪرمن ڪري ديهه پوتر ٿئي ٿي.
هي ارجن! هاڻي تون منهنجي مت جو تياڳ ٻڌ. تياڳ
ٽن قسمن جو آهي، اهو ٻڌ. پهريائين منهنجي مت هيءَ
آهي ته يگيه، دان، اشنان، تپسيا، اهي ماڻهن کي پوتر ڪن
ٿا. گياني پرش انهن جو تياڳ نه ڪندا آهن ۽ انهن
کي هميشه ڪندا رهندا آهن ۽ انهن جو ڦل نه گهرندا
آهن. انهيءَ ڪري منهنجي مت ۾ اها ڳالهه ڇڱي آهي
۽ سڀني کان اها ڳالهه اتم آهي. اگيان ڪري آلس
ڪري ۽ ڇڱن ڪرمن کي ڇڏي ڏين ته اشنان ڪرڻ
۾ ڪهڙو فائدو آهي، اهڙا جيڪي پرش مايا جي موهه
۾ ڦاٿل آهن انهيءَ کي تامسي تياڳ چون ٿا. جيڪي
ديهه جي ڏک ڪري مت ڪرم تياڳ ڪن ٿا، اشنان
ڪندس ته ميءُ پوندو ۽ سارو سرير ٿڪندو، اهو
راجسي تياڳ آهي. جيڪي مت ڪرم ڪن ٿا، سي

ڀريا ٿين هيٺن چون ته منهنجو برهمڻ يا کتريءَ جو جنم آهي. اشنان ڪان وٺي ٻيا سڀ ڪرم ڪرڻ ۾ منهنجو ڀلو آهي ۽ اهي ڪرم مون کي ضرور ڪرڻ گهرجن ۽ انهن جو ڦل نه گهري، اهو ساتيڪي تياڳ آهي. هي ارجن! گياني پرش اشنان ڪان وٺي جيڪي ست ڪرم آهي، انهن جي نندا به نه ڪندا آهن ۽ پڻ ست ڪرم جو تياڳ به نه ڪندا آهن ۽ ڦل جي ڪامنا به نه ڪندا آهن.

هي ارجن! اهڙن پرشن جي ٻڌ نرمل آهي. انهيءَ نرمل ٻڌ مان گيان ٿئي ٿو. جڏهن منهنجو گيان پيدا ٿيو، تڏهن سنسار کان مڪت ٿيو، انهيءَ ڪري ست ڪرمن جو تياڳ ڪرڻ نه گهرجي. جيئن ڏاڪڻ جي وسيلي ڪڏ يا ماڙيءَ تي وڃجي، تيئن هي ست ڪرم مڪتيءَ جي ڏاڪڻ آهن. هي ارجن! جڏهن ٻيءَ جي ڀرج مان ماڻهو جي ڀيٽ ۾ هي جيو اچي ٿو، تڏهن کان وٺي مرڻ تائين هي جيو نهڪرمي نه آهي ۽ نه هي جيو گياني ٿئي ٿو. هي جيو ڪڏهن نهڪرمي ٿئي ٿو، سو ٻڌ. ست ڪرم ڪري اهو مون کي ارپي ۽ ڦل نه گهري، تڏهن هي جيو نهڪرمي ۽ تياڳي ٿئي ٿو، سو ٻڌ. ماڻهن کي هميشه پنهنجي ڪرمن جو ڦل ٽن قسمن جو ملي ٿو. چڱي ڪرم جو ڦل سک، خراب ڪرم جو ڦل دک، چڱن ۽ خراب ڪرمن جو ڦل سک ۽ دک اهو آهي ٽن قسمن جو ڦل. اهي ڦل انهن کي

ٿين ٿا، جيڪي منهنجي شرڻ ۾ لڳا اچن ۽ مايا ۾ موهه
اٿن، ۽ جيڪي منهنجي چرنن جي شرڻ ۾ آيا آهن، ۽
جي ويجهو اهي لڳا اچن. هي ارجن! آتما ڪهڙو آهي،
ڪجهه به نٿو ڪري ۽ هڪڙو آهي ۽ نرمل آهي. هي
ارجن! انهيءَ کي انهن سڃاتو آهي، جن جي نرمل ٻڌ
آهي ۽ جيڪي انڌمت آهن، اهي آتما کي نٿا ڏسن.
هي ارجن! جنهن کي اهنڪار نه آهي ۽ مان آتما آهيان،
سو آڪارتا آهيان ۽ ڪجهه به نه ٿو ڪريان جيڪي
چڱا يا خراب ڪم ٿين ٿا، سي سڀ، واسيءَ ۽ سرير
انهن ڪان ٿين ٿا، جنهن کي اهڙي ٻڌ آهي، سو جيڪڏهن
ڪنهن کي ماري ته به ان تي پاپ ڪونهي، جو جو
انهن کي ڪنهن ڪم ڪرڻ جو ٻنڌڻ ڪونهي.

هي ارجن! ٽن ٽسن جو گيان، ٽن قسمن جو ڪرم
۽ ڪرڻ ٻڌ. اول ساتڪي گيان ٻڌ. جنهن گيان
ڪري سڀ ڀوت پراڻين ۾ جن کي هڪ ايشور ڏسڻ
۾ اچي ٿو، انهي کي سڀ ۾ ڏسي سڀ مان هڪ
ٿي رهي ٿو ۽ ڪنهن کي ڏک نٿو ڏئي، اهو ساتڪي
گيان آهي. هي پهو آهي، هي تنهنجو آهي هي منهنجو
آهي، اهڙي جنهن جي نگاهه آهي، اهو راجسي گيان
آهي ۽ جنهن گيان ڪري سڀڪنهن کي خراب چائي ۽
سيني سان وير رکي، اهو تامسي گيان آهي. هاڻي ڪرم
ٻڌ. جو من ريت ڪرمي ڪري ته هي ڪرم ڪرڻ

مون کي جوڳ آهي ۽ ڦل جي ڪامنا نہ ڪري، اهو
سانتيڪي ڪرم آهي. جنهن ڪرم ڪرڻ ۾ ڦل جي
ڪامنا رکي ۽ اڀمان سان ڪري تہ هي ڪرم مان ٿو
ڪريان ۽ جنهن ڪرم ڪرڻ سان جنجال گهڻو ٿئي،
اهو راجسي ڪرم آهي، ۽ جنهن ڪرم ۾ ڪو ٻنڌن
نہ رکي ۽ نہ ڪنهن جيو کي ڏک ڏئي ۽ نہ ڪنهن
کي گهات ڪري فقط پنهنجي وڏائيءَ لاءِ، مايا ڏيکارڻ
لاءِ ڪرم ڪري تہ ماڻهو منهنجو ناس ڪن، اهو
تامسي ڪرم آهي. هاڻي ڪرڻ ٻڌ. ڪهڙي طرح ڀڳيہ
هون سراتڪ، دان پيا جيڪي ست ڪرم آهن انهن کي
ڪري ۽ ڦل گهري ۽ اڀمان نہ ڪري ۽ ادم نہ ڪري
جيڪي ٿئي انهيءَ تي خوش رهي ۽ اڌن چوي تہ
جيڪي آهي سو سڀ ايشور جو آهي ۽ هيئن بہ چوي
تہ منهنجو فلاڻو ڪم پورو ٿئي ۽ ڪو ڪم بگڙجي
پوي تہ ان جي لاءِ ڪلپنا نہ ڪري ڪو ڪم پورو
ٿئيس تہ خوش بہ نہ ٿئي ۽ سمجهي تہ منهنجو ڪجهہ بہ
نہ آهي، سڀ پرميشور جو آهي. ڏک خوشي کان پري
هجي ۽ جيڪي ايشور جي ڪرپا سان اچي سو ڀوڳن
ڪري، انهيءَ ريت سانتيڪي ڪرڻ آهي. ارمان ۽
خوش ڪري ۽ ڀڳيہ ڪرڻ ۾ ڪامنا ڪري ۽ ناموس
لاءِ ڪري ۽ جيڪو خرچ اچيس تہ وري ان جو ارمان
ڪري، اهو راجسي ڪرڻ آهي. شاستر جي وڌيءَ کي
نہ سمجهي تہ ڀڳيہ ڪهڙيءَ ريت ڪرڻ گهرجي ۽ ڪنهن

ڪي مٺو نه نيڪي ۽ ڏيو مورڪ، آلسي ۽ سڀ ساڻ
پيو وڙهي اهو تامسي ڪرڻ آهي.

هي ارجن! هاڻي ٽن قسمن جي ٻڌ ۽ ٽن قسمن
جي ڌرتا ٻڌ، جنهن ٻڌ جي ڪري گرهست ۾ به سکي
رهي، چڱي ڪم کي چڱو ڄاڻي ۽ خراب کي خراب
ڄاڻي ۽ هي به سمجهي ته هن ڳالهه ۾ مون کي مُڪتي
ملندي ۽ هن ڳالهه سان ٻنڌن ۾ پوندس. اهي ڳالهيون
جنهن ٻڌ سان ڄاڻي، اها سالتڪي ٻڌ آهي. جنهن ٻڌ
سان ڌرم کي پاپ سمجهي ۽ خراب کي چڱو سمجهي
هڪ جو ٻيو سمجهي، سا راجسي ٻڌ آهي، ۽ جنهن ٻڌ
سان ڌرم کي اڌرم ڄاڻي، ڪهڙو ڌرم؟ جي هي ٻڪرو
ماريندس ته پچ ٿيندو ۽ اهڙيون ٻيون ڳالهيون
سمجهي سا تامسي ٻڌ آهي. هاڻي ڌرتا ٻڌ. من ڪنهن
وڪار کي ياد نه ڪري ۽ اندريون وس ۾ هجن ۽
ايشور جي شرڻ پوي، جڏهن اهي سڀ ڳالهيون هجن،
تڏهن سالتڪي ڌرتا سمجهه. جڏهن من مايا ۽ کائڻ
پيئڻ ۾ گهمي ۽ پوشاڪ پهرڻ ۽ ڀوڳ ڪرڻ ۾، انهن
وڪارن ڏي ٻيو ڊوڙي تڏهن راجسي ڌرتا سمجهه،
۽ جڏهن الوٽ ننڊ ۾ سمهي پوي ۽ ڏاڍي چنتا ۾ ٻڌل
هجي ۽ سڀڪنهن سان لڙائي ڪري، اهي ٽيئي لڇڻ
تامسي ڌرتا جا آهن جي انهن ٽنهي وڪارن کان پاڻ
کي نٿا ڇڏائين، انهن کي تامسي ڌرتا ڄاڻ. هاڻي ٽن
قسمن جو سک ٻڌ. جو سک ڀريائين زهر وانگر ڪوڙو

لڳي ٿو ۽ پڇاڙيءَ انمرت جهڙو مٺو لڳي ٿو ۽ ڪشٽ مان تپ ڪري، تنهن مرگ جو ڦل پائيندو، اهو ساتيڪي سک آهي. جو سک پهريائين انمرت جهڙو مٺو لڳي ۽ تنهن کان پوءِ زهر جهڙو ڪڙو لڳي، اهو راجسي سک آهي. ٻي سرت ننڊ، آلس، ويسر، ۽ ايشور جو وسرڻ، اهو تامسي سک آهي. هي ارجن! هاڻي پيو ٻڌ، سرڳ کان وٺي پرٿوي ۽ پاتال لوڪ تائين اهي ٽيئي لوڪ منهنجي مايا مان پيدا ٿيا آهن. انهن ٽنهي لوڪن ۾ مايا جا ٽي گڻ آهن. انهن ٽنهي گڻن ڪري لوڪ ورتجن ٿا ۽ لوڪن ۾ گڻ آهن ۽ گڻن ۾ لوڪ آهن، انهيءَ ڪري ترگڻي سرشٽ چئجي ٿي. هي ارجن! برهمڻ، کتري، ويش ۽ شودر، انهن چئني ورنن جي سڀاءَ جي پرڪرتي ٻڌ. اول برهمڻ جي سڀاءَ جي پرڪرتي ٻڌ. اندريون جيتڻيون من جيتڻو، تپ ڪرڻو، ڪميا ڪرڻي. ڪومل سڀاءُ، گيان پرميشور کي سڃاڻڻ ۽ گوبند ۾ ست ٻڌي، اهي برهمڻ جا سڀاءَ آهن. هاڻي کتريءَ جا سڀاءَ ٻڌ. سورهيو هجي. تيج وارو هجي، جنگ کان نه ڀڄي، پاڻ کي ايشور نه سمجهي ۽ ايشور سان پريت رکي، اهي کتريءَ جا سڀاءَ ۽ ڌرم آهن. ٻني ڪرڻ، وڻج واپار ڪرڻ ۽ ڳانءِ جي سيوا ڪرڻ، اهي ونش جا سڀاءَ ۽ ڌرم آهن انهن ٽنهي ورنن جي سيوا ڪرڻ ۽ شيوا مان جيڪي ملي ان تي راضي رهڻ، اهي شودر جا سڀاءَ آهن. اهي چئني ورنن جا سڀاءَ آهن.

جهڪو پرش پنهنجي ڪرم کي ڪري ٿو، اهو مُڪت ٿئي ٿو. هي اوجنا هي جيڪي چار ورن ڇيم. انهن سڀني کي پنهنجو ڪرم ڪرڻ گهرجي ۽ پنهنجو ڌرم گهٽ ڏسي ۽ ٻئي جو ڌرم وڏو ڏسي پنهنجو ڌرم نه ڇڏي سڀڪنهن کي پنهنجي ڌرم مان فائدو ٿيندو. پرائو ڌرم هن کي فائدو ڪونه ڏيندو.

هاڻي جيڪي پرش چوٿين پد ۾ ليءَ ٿيا آهن. انهن جا لڇڻ ٻڌ. انهن جو نه ڪنهن مان موهه آهي ۽ نه لالچ آهي. سنسار جي وشين کان پنهنجو من جيتيو اٿن ۽ ڪنهن به قسم جو انهن کي خيال ڪونهي چاڪاڻ نه اٿن؟ سو ٻڌ. اهي جيڪي نهڪرمي سڌ پرش آهن اهي سنسار جي مول ۾ وڃي پراپت ٿيا آهن، انهيءَ سک کري انهن کي ڏڪ آهي انهيءَ سک جي برابر ٻيو ڪوبه سک نه آهي. انهيءَ ڪري انهن کي ڪابه اڇا ڪانهي. هي ڪنتيءَ جا پٽ اوجنا اهي ڪهڙي آنند کي پراپت ٿيا آهن. انهن جي ٻڌ نرمل ٿي ۽ انهن جو نشچو مون ايشور ۾ درڙ ٿيو. اهي سنساري ماڻهن جي ڳالهه نٿا ٻڌن ۽ نه پاڻ ڪنهن سان ڳالهائين، نه ڪنهن سان پريت يا وير ڪن فقط منهنجي شرڻ جو سک پائي آنند ۾ وينا آهن ۽ سنسار جون ٽمٽي ڳالهيون جيتيون اٿن. ڪهڙيون ٿي ڳالهيون؟ ديهه ڪري سنساري ماڻهو جو سنگ نٿو ڪري، جيڀ سان ڳالهائي نٿو ۽ من ڪري سنساري ماڻهن کي ياد نٿو ڪري، اهڙي طرح من

ديهه ۽ جيءَ اهي جيتما انس ۽ هميشه منهنجي ڌيان
سان ڳنڍيو پيو آهي ۽ ساري ئي سنسار کان ويراڳي
رهي ٿو. ڪهڙو ويراڳ؟ ستي برهما جي لوڪ ۽
هيٺ شيش ناڳ جي لوڪ تائين جيڪي سک آهن،
انهن کي نچ سمجهي ٿو ۽ ناسونت ڄاڻي ٿو، انهيءَ
جو نالو ويراڳ آهي. وري اهو ڪهڙو آهي؟ پل اهنڪار
گرب، ڪام، ۽ ڪروڌ انهن جو تياڳي آهي، ٿورو
ديهه لاءِ ڪاڻ انهيءَ جو نالو تياڳ آهي. اهڙو جو
ست پرش آهي ۽ اهو جيو ۽ ديهه سان مڪت ٿئي ٿو.
وري اهو ڪهڙو آهي؟ برهم روپ، ڇاڪي چئجي؟ مايا
جا جي ئي گڻ ڪانمائين تڏهن جهڙو آتما برهم هو،
اهڙو برهم جو برهم ٿيو. انهيءَ ڪري ان کي برهم
روپ چون ٿا. جڏهن برهم جو روپ ٿيو، تڏهن ان
جو آتما ڏاڍو خوش ٿيو. جڏهن خوش ٿيو، تڏهن وڃي
شيءِ جي چنتا نه ڪري، ان هوندي شيءِ جي اڇا نه
ڪري سڀني ڀوت پراڻين سان هڪ جهڙو رهي ۽ هڪ
نگاه ڪري ڄاڻي. اهي ٽيئي پد جا لڇڻ چيم. جڏهن
ٽنهين پد ۾ ماڻهو اچي ٿو، تڏهن منهنجي ڀڪتيءَ کي
جلد پائي ٿو ۽ منهنجي وڏائيءَ جو پرتاب ڄاڻي ٿو.
انهيءَ جي ڄاڻڻ کان پوءِ ڪا وڏائي ڪانهي. انهيءَ
وڏائيءَ جو ڄاڻڻ ئي پرم ڀڪتي آهي، سو هڪڙي پل پل
دم دم ۽ کن کن ۾ آرام کي سنڀالي ٿو. هي ارجن!
جنهن منهنجي وڏائيءَ جو گيان روپ امبرت کي پيتو آهي،

سو جيستائين ماڻهوءَ جي ديهه ۾ آهي تيستائين پرم سانت سک منجهس آهي ۽ جڏهن ديهه تياڳي ٿو تڏهن منهنجي ابناسي پد ۾ وڃي لئه ٿئي ٿو. اهي ٽئين پد (شاسد پد) جا لڇڻ آهن. جنهن کي منهنجي ڀڄن روپ امرت جو سواد آيو آهي ۽ سانتيڪي مايا جي ڪرت ڪري ٿو، سو منهنجي ڪرپا سان منهنجي پد کي پراپت ٿئي ٿو. انهيءَ ڪري هي ارجن! تون من جو نهچل خيال مون ۾ رک، پريت رک، ٻڌ جو نهچل خيال مون ۾ رک. نهچل خيال مون ۾ رکڻ ڪري سنسار جي دکن کان تري ويندين ۽ جي پنهنجي اهنڪار ڪري منهنجو چيو نه مڃيندين ته ناس ٿيندين. جي تون ايمان ڪري چوندين ته مان جنگ نه ڪندس، سو تنهنجو اهو چوڻ ڪوڙو آهي. هي ڪنتيءَ جا پٽ ارجن! جهڙي سڀاءَ جا ماڻهو پيدا ٿين ٿا، اهي سڀ سڀاءَ جي ٻنڌڻن ۾ ٻڌا پيا آهن. سڀ ماڻهو سڀاءَ جي وس آهن. سڀاءَ ڪنهن جي وس نه آهي. توکي جو ڪٽنب جو موهه ٿيو آهي ته مان جنگ نه ڪندس، سو توکان ڌار ۽ سڀاءَ ضرور جنگ ڪرائيندو. هي ارجن! هڪ ايشور جو سروپ سڀني ڀوت پراڻين ۾ وياپڪ آهي، سو اهي جيو مايا جي وس ٿي ڀٽڪن ٿا ۽ مون کي نٿا ڏسن. هي ارجن! تون ايشور جي شرڻ پئه ته پرم پد کي پائيندين. هي ارجن! هيءَ ڳجهي کان به ڳجهو گيان مون توکي ٻڌايو آهي.

هي ارجن! سڄيءَ گيتا ۾ منهنجو ڀيو ڳجهو گيان آهي جو تون ٻڌ، ڇاڪاڻ ته تون مون کي تمام پيارو آهين. تنهنجي ٻڌ ۽ مت منهنجي چرنن ۾ نهچل آهي، انهيءَ ڪري مان توکي ٻڌايان ٿو. هي ارجن! سڀني ڀڳتن ۾ مون کي هي ڀڳت پيارو آهي. جڏهن انهيءَ ڀڳت ۾ نهچل ٿيندين، تڏهن سڀني ڀڳتن کان تون مون کي پيارو ٿيندين، سڀني ڀڳتن کي تياڳي منهنجي شرڻ ۾ اچ ته مان توکي سڀني پاپن کان مڪت ڪندس. تون ڪابه چنتا نه ڪر. هي گيان جو مون توکي ٻڌايو آهي سو تون انهن کي متان ٻڌائين جيڪي منهنجي ڀڳت کان ڀيمکه هجن ۽ جن کي ٻڌڻ جي سڪ نه هجي. منهنجو ڳجهو گيان منهنجي ڀڳتن کي ٻڌائيندين ته انهن کي مڪتي حاصل ٿيندي. جيڪو منهنجو گيان منهنجي ڀڳتن کي ٻڌائيندو، اهڙو پرش مون کي پرانن کان به پيارو آهي، ۽ جيڪو منهنجي ڀڳت کي گيتا ٻڌائي ان کي وڏو ڀيڄ ملندو ۽ جيڪو هڪ سلوڪ جو پاٺ ڪري ان جو ڦل ٻڌ. جيڪو پاٺ ڪري ٿو ته مان انهيءَ پاٺ ڪندڙ جي اکيان وٽ روبرو بيهان ٿو. جيئن ڪو ڪنهن جو نالو وٺي سڏ ڪري ته هو انهه يهه جواب ڏيندو آهي، تيئن گيتا جي پاٺ ڪرڻ واري جي اڳيان مان وٽ ٿو بيهان، ۽ جيڪو ارٿ ڪري ٻڌائي ته انهيءَ جي وڏائي چوڻ کان ٻاهر آهي. جهڙيءَ ريت منهنجي وڏائي چوڻ ۾ نٿي اچي، تيئن گيتا جي راڻ

ڪرڻ واري جي وڏائي به ڇوڙ ۽ ڏني اچي، ۽ ٻڌڻ وارو جيڪو ست ست ڪري ٻڌي ٿو اهو ڄمڻ مرڻ کان مڪت ٿيندو ۽ اڻنامي پد کي پهچندو. هي ارجن! هيءَ گيتا تو چت ڏيئي ٻڌي آهي، سو تو ۽ جيڪو اگيان جو موهه هو اهو ناس ٿيو."

ارجن چوي ٿو ته "هي اچت اڻنامي پرڪ، هي ڀڳونت! اوهان جي ڪرپا ڪري منهنجو موهه ناس ٿيو ۽ گيان به پاتم ۽ منهنجي ٻڌ به نرمل ٿي آهي، منهنجي من جو سنسو به ناس ٿيو ۽ اوهان جي مک ڪنول مان جو جنگ ڪرڻ جو حڪم مليو آهي سو هي ڪرڻانڌ! مان جنگ ڪريان ٿو."

سنجيه چوي ٿو ته "هي ڌرتراشٽر، سري ڪرشن ڀڳوان ۽ ارجن جو گيان گوشٽ سٽا جو مهاتم ٻڌي مون کي ڏاڍي خوشي ٿي آهي ۽ منهنجا وار ڪانڊارجي ويا آهن. وياس ديو جو مون کي ڳجها گيان جا نيتر ڏنا آهن، انهن جي ڪرپا ڪري هي گيان گوشٽ گيتا جو مون ٻڌو، سو اهو ڳجهي کان به ڳجهو گيان آهي. جو ڳيشورن جو ايشور سري ڪرشن ڀڳوان ۽ ارجن جي مک کان جو هي گيان نڪتو آهي، انهيءَ کي ويچاريندو سو پرم گت کي پراپت ٿيندو، ۽ وشو روپ جو ارجن کي ڀڳوان ڏيکاريو آهي، انهيءَ کي جيڪو ويچاريندو سو به پرم گت کي پائيندو. هي راجا ڌرتراشٽر! منهنجي من جي نشچي سچي ڳالهه ٻڌ. يوگيشوري سري ڪرشن جتي

آهي ۽ ڏنش ڌاريندڙ ارجن جتي آهي اتي لڪشمي، وجيءُ، سک ۽ راڄنيتي نشچم آهي.

”اِت سري ڀڳوت گيتا سري ڪرشن ارجن
سمباڍي موکش يوگ سنياس نالي ارڙهون
ادياءُ پورو ٿيو“

ارڙهين آڌياءَ جو مهاتم

سري نارائن چوي ٿو ته ”هي لڇمي! ارڙهين اڌياءُ جو مهاتم ٻڌ. جيئن سڀني ندين ۾ گنگا اتم آهي، سڀني شهرن ۾ هر دوار اتم آهي، سڀني تيرٿن ۾ پشڪر راج اتم آهي، سڀني جبلن ۾ ڪيلاش جبل اتم آهي، سڀني رشين ۾ نارد اتم آهي ۽ سڀني ڳائن ۾ ڪپلا ڪانڌين ڳانءِ اتم آهي، تيئن سڀني گيتا ۾ ارڙهون اڌياءُ اتم آهي. انهيءَ جو ڦل ٻڌ. سمير جبل تي ديوتائن جي شهر ۾ اندر پنهنجي سڀا هني ويٺو هو ته ايتري ۾ هڪڙي چتر ڀڄ روپ کي هڪڙو پارکد وٺي آيو ۽ اندر

ڪي سڀني ديوتائن جي روبرو چيائين ته ”هي اندرا تون اٿ ۽ هن ڪي آسڻ تي ويهڻ ڏي.“ ايترو ٻڌي اندر اٿيو ۽ اهو ڇتريچ آسڻ تي ويٺو اندر پنهنجي گورو ورهسپت کان پڇيو ته هي سوامي! توهين ترڪال درسي آهيو، ٻڌايو ته هن اهڙو ڪهڙو پڃ ڪيو آهي، جنهن ڪري هي اندر آسڻ جي لائق ٿيو آهي؟ منهنجي ڄاڻ ڪري ته هن تيرٿ، ورت ۽ يگيه دان، ڪجهه به نه ڪيو آهي ۽ نه ڪنهن ٺاڪر جو مندر جوڙايو اٿس. ۽ نڪو تلاءُ يا کوهه کوٽايو اٿس نڪو ڪو گجهو دان ڪيو اٿس. ورهسپت چيو ته هي اندرا هل ته هلي سري نارائڻ ڀڳوان کان پڇون. برهما کان وٺي سڀ ديوتائون ورهسپت سان گڏجي سري نارائڻ ڀڳوان وٽ وڃي استتي ڪيائون ۽ ڏنڊوت پرنام ڪري چيائون ته ”هي سوامي! هي ڀڳت وڇل! هي سنت سهائڪ! هي ڀڳوت! هي گوبند! هي دين ديال! اوهان جو پار ڪد ڇتريچ تيجسوي روپ ڪي وٺي آيو ۽ اندر ڪي آسن تان اٿاري انهيءَ تيجسوي روپ ڪي آسڻ تي ويهاريائين. اسين ته سمجهي نٿا سگهون ته هن اهڙو ڪهڙو پڃ ڪيو آهي، جو انهيءَ آسڻ جو لائق ٿيو آهي. راجا اندر ڪئين اشومڌ يگيه ڪيا آهن، تڏهن هن آسڻ جي لائق ٿيو آهي. پر هن ته هڪ به يگيه ڪرڻ ڪيو آهي. ايترو ٻڌي سري نارائڻ ڀڳوان کلي ڏنو اندر کي چيائين ”هي اندرا تون ڏڄ نه، تون پنهنجو راڄ وڃي ڪر.

هن هڪ ڏاڍو ڳجهو اتم يڄ ڪيو آهي هن جو نيم وڏو آهي. هي هميشه اشنان ڪري سري گيتا جي ارڙهين اڌياءَ جو پاٺ ڪندو هو ۽ جڏهن هن جسي ديهه ڇڏي، تڏهن هن جي من ۾ ڀوڳن جي ڪامنا رهجي ويئي. اوڏيءَ مهل موت پنهنجي پارڪدن کي حڪم ڏنو ته هن کي اول اندر لوڪ جا ڀوڳ ڀوڳايو ۽ جڏهن هن جي اها ڪامنا پوري ٿئي تڏهن سنهنجي پد ۾ جو ابناسي پد آهي، نيئي پهچايو. هي اندرا تون وڃي ساري ڀوڳن جو سامان ڪٺو ڪري ڏينس." تڏهن راجا اندر ۽ ٻيا ديوتائون موني آيا. اندر سڀ ڀوڳن جو سامان گڏ ڪري ڏنس ۽ چيائينس ته اندر لوڪ جا سک ماڻ. ڪمترائي ڏينهن سک ڀوڳي ڀڳوت جي ڪرپا سان سهج پد ۾ پرابت ٿيو ۽ اندر وري پنهنجو راڄ ڪرڻ لڳو. سري نارائڻ چيو ته هي لڇمي! شوجيءَ چيو ته هي پاربتي؟ اهو ارڙهين اڌياءَ جو مهاتم آهي.

"اِت سري ڀڳوت گيتا جي اوڙهين اڌياءَ جو مهاتم پورو ٿيو".

—*—

ڦل

پرٿوي ديوي ڀڄي ٿي تہ 'هي ڀڳوان! هي پرميشور! هي پڀو! پرارٻڌ ڪرمن کي ڀوڳيندڙ منشين جي توهان ۾ ڪهڙي اڀاو ڪري انتہ ڀڳتي اتپن ٿئي ٿي؟

شري وشنو ڀڳوان چئي تہ "پرارٻڌ کي ڀوڳيندڙ منشہ بہ جيڪڏهن نت گيتا جو اڀياس ڪندو رهي تہ ان کي هن لوڪ ۾ ئي جيون مڪت ۽ سکي چانو ۽ اهو منشہ ڪرمن ۾ لپجي نٿو.

جيڪڏهن هيءُ جهو گيتا جو اڀياس هر روز ڪندو رهي تہ جهڙيءَ طرح ڪنول جي پن تي پاڻي ٽڪي ڪين سگهي، تهڙيءَ طرح هن کي ڪوبہ پاپ سپرش ڪري نٿو سگهي. جتي گيتا جو پستڪ هجي ۽ جتي سندس پاٺ ٿيندو هجي اتي پرياڳ کان وٺي سڀ تيرٿ آهن. سڀ ديوتائون، رشي يوگي، ناگ، نارد، اوڌو، پارشدن سهت گوپي ۽ گوال وغيره پڻ اتي نواس ڪن ٿا. جتي گيتا جو ورتارو آهي اتي ترت سهايتا اچو ملي.

جنهن هنڌ گيتا جو ئي ويچار پيو ٿئي ۽ جتي ان جو ئي پڙهن، پاڙهن ۽ ٻڌن ٿا ٿو، اتي هي پرٿوي! آءُ

سدائين نواس ڪريان ٿو.

گيتا جي ئي آسري تي مان رهان ٿو؛ گيتا ئي منهنجو اتم گهر آهي. گيتا جي ئي گيان جو آسرو وٺي مان ٽنهي لوڪن جي پالنا ڪريان ٿو.

گيتا منهنجي اتم وديا آهي؛ اها ساڪيات برهم روپ آهي ان ۾ ڪو به شڪ ڪونهي. اها گيتا ساڪيات اوناشي؛ ارڌ ماترو روپ آهي. نتيه آهي؛ زبان سان چئي نٿي سگهجي.

ڪهڙي آ—ي اها گيتا جا چدانند سروپ سري ڪرشن ڀڳوان جي شري مکاروند مان ارجن کي ٻڌايل. ٽنهي ويدن روپ پرم آنند روپ، تتون جي ارٿ؛ گيان سان ڀرپور آهي. جو منشيه نشچل من سان ئي انهيءَ گيتا جي ارڙهن اڌيائن جو پاٺ ڪري ته به ڪيس گئودان ڪرڻ جيترو ڦل ملندو، انهيءَ ۾ ڪو شڪ ڪونهي.

گيتا جي ٽئين حصي پڙهڻ واري کي گنگا اشنان جو ڦل؛ ڇهين حصي واري کي سوم ياگ جو ڦل ملي ٿو.

پر جيڪڏهن ڪو منشيه نت ڀڳتيءَ سان هڪڙي اڌياءَ جو به پاٺ ڪندو ته ڪيس شو لوڪ جي پراپتي ٿيندي؛ شنڪر مهاراج جو گڻ ٿي اتي گهڻو وقت گذاري ٿو.

جو منشيه هڪڙو اڌياءَ، هڪڙو شلوڪ يا هڪڙو

چرڻ ۾ ڪٿي روز پاٺ ڪري ٿو تہ ھي ڀرتوي! اھو منشيہ ھڪڙي منوتر تائين منشيہ ٿي رھي ٿو.

جي منشيہ گيتا جا ڏھہ، ست، پنج، چار ٽي، ٻہ، ھڪڙو يا اڌا ۾ اڌ شلوڪ نت پريم سان پاٺ ڪن ٿا، سي اوس ڏھہ ھزار ورھيہ چندر لوڪ ۾ نواس ڪن ٿا.

ھن شريمد ڀڳوت گيتا جو چوٿين طرح سان پاٺ ڪندڙ منشيہ، مرڻ بعد وري منشيہ ٿي ٽني ٿو ۽ پوءِ ٻئي جنم ۾ منشيہ ٿي چوٿين طرح سان گيتا جو ابياس ڪري موڪش کي پراپت ٿئي ٿو.

"گيتا" اھڙو اچار ڪندو ھي مرندڙ منشيہ سد گتيءَ کي پائي ٿو.

منشيہ جيڪڏھن ڪٿي مھا پاپي ۾ ھجي تڏھن ۾ گيتا جي پڙھڻ ۽ پريم رکڻ سان ھو سچ پچ ونڪنٺ کي پائي ٿو ۽ اٿي وشنو ڀڳوان سان گڏ آنند ڀوڳي ٿو.

انيڪ ڪرمن ڪٽي ڪان پوءِ ٻڻ جو منشيہ گيتا جي ارٿ جو ڌيان ڪري ٿو سو "جيون مڪت" چائو گھرجي. شرير ڪي ڇڏڻ بعد ھو پريم پد کي حاصل ڪري ٿو.

راجا جنڪ آدي گھڻا راجائون گيتا جو آسرو وٺي پاپ رھت ٿي ويا آھن ۽ لوڪ ۾ گھانجي پرم پد کي پراپت ٿيا آھن.

جي منشيہ گيتا جو پاٺ ڪن ٿا، پر پھريائين مھاتم نہ ٿا پڙھن، انھن جو اھو پاٺ نشفل ٿئي ٿو. اھڙي پاٺ

ڪي ورتا ؟ تڪليف ڏيندڙ سمجهڻ گهرجي.

هن ڦل سان گڏ جيڪو گيتا جو پاٺ ڪري ٿو سو مٿي ڄاڻن سڀني ڦلن کي پائي، در ليپ اهڙيءَ اتم گتيءَ کي پائي ٿو."

سوت چوي ٿو ته "جي منشيہ گيتا جي پڙهڻ ڪرڻ بعد منهنجو چيل گيتا جو هي مهاتم ڦل پاٺ ڪن ٿا، سي مٿي چيل سڀ ڦل پائين ٿا.

اوم تت ست

گوبند جئہ جئہ ـ گوپال جئہ جئہ
راڌا رمڻ هري گوبند جئہ جئہ.

هري اوم شانتي شانتي!! شانتي!!!

ڀڳوان جا ۱۰۸ نالا

۱- ڪرشن، ۲- ڪنيا، ۳- ڪيشو، ۴- چڪرڌاري، ۵- نندلال، ۶- ماڌو، ۷- سندر شيام، ۸- مراري، ۹- راڌي شيام، ۱۰- بنسيءَ وارو، ۱۱- رگهوير، ۱۲- نٽور، ۱۳- نند نندڻ، ۱۴- گرڌارر، ۱۵- امر، ۱۶- اجر،

۱۷- ابنامي، ۱۸- نروتم، ۱۹- ارجن سکا، ۲۰- مائول،
۲۱- گوپال، ۲۲- گوبند، ۲۳- دامودر، ۲۴- برج ناٿ
۲۵- ديالو، ۲۶- دين بنڌو، ۲۷- دينا ناٿ، ۲۸- جگديش،
۲۹- ڪرپالو، ۳۰- ٺاڪر، ۳۱- يشوڌالال، ۳۲- نارائڻ،
۳۳- پاڪي بهاري، ۳۴- ڪرپانڌان، ۳۵- سروشڪتيوان،
۳۶- سرو گيہ، ۳۷- ايشور، ۳۸- سرووياپڪ، ۳۹- گوپيناٿ،
۴۰- گووردن ڌاري، ۴۱- مرلي منوهر، ۴۲- گهنشام،
۴۳- پهڻ هاوڙ، ۴۴- غريبن نواز، ۴۵- جوتي سروپ، ۴۶-
مڌسوڌن، ۴۷- رگهپت، ۴۸- ڪلياڻ ڪاري، ۴۹- اننت،
۵۰- پرم پتا، ۵۱- پربهو، ۵۲- پرميشور، ۵۳- پرماتما،
۵۴- پرم پوتر، ۵۵- گوسائين، ۵۶- ڀڳت وڇل، ۵۷-
واسديو، ۵۸- دکہ هرتا، ۵۹- وڌاتا، ۶۰- نرنجن، ۶۱-
ڪائي نانگ نٿيا، ۶۲- ابيءِ، ۶۳- انترڀامي، ۶۴- سرو آڌار،
۶۵- گهٽ گهٽ واسي، ۶۶- حاضران حضور، ۶۷- ظاهر
ظهور، ۶۸- ادويت، ۶۹- داتار، ۷۰- نرونڪار، ۷۱-
ساڪار، ۷۲- نرگڻ، ۷۳- سرگڻ، ۷۴- اجت، ۷۵-
نهڪاري، ۷۶، ترلوڪي ناٿ، ۷۷، شنڪر، ۷۸، وشنو،
۷۹، برهما، ۸۰، انادي، ۸۱، وشونير، ۸۲، سوامي ۸۳،
ستڪرتار، ۸۴، جاڻي جاڻنهار، ۸۵، نروير، ۸۶، اڪال
مورت، ۸۷، اجوني، ۸۸، سنڀنڀ، ۸۹، شاهن جا شاهہ،
۹۰، بي پرواهہ، ۹۱، ڀڳوان، ۹۲، پاربرهم، ۹۳، پرتپالڪ،
۹۴، سک ساگر، ۹۵، بخشند، ۹۶، نماڻن جا ماڻ، ۹۷،
مهروان، ۹۸، ستہ ديو، ۹۹، هري رام، ۱۰۰، سري رام

١٠١، سچو رام، ١٠٢، ساڌو رام، ١٠٣، ڀهارو رام، ١٠٤،
منڙو رام، ١٠٥، ستنام، ١٠٦، پران ناٿ، ١٠٧، ست چت
آنند سروپ ۽ ١٠٨، هري اوم.

بي انت! بي انت!! بي انت!!!

سري ست سلوڪي گيتا

(١) سري ڀڳوان چيو تہ:

برهم روپ جو اونڪار (اوم) هڪ اکر آهي ان کي اچارڻ ڪندي ۽ انهيءَ اوم اکر جو سمرڻ ڪندي جو منش سرير جو تياڳ ٿو ڪري، اهو پرم گت کي پرابت ٿو ڪري.

(٢) ارجن چيو تہ:

هي اندرين جا سوامي! تنهنجي ڪيرتن (ڀڄن) ڪرڻ ڪري سنساري جيو ڏاڍي آنند کي پائين ٿا ۽ خوشي حاصل ڪن ٿا. پر راڪس لوڪ ڊپ کان ڏهني ڏسائن ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڀڄن ڦرن ٿا سڀ مڏ لوڪ توهان کي نمسڪار ڪن ٿا. اها وارتا سڀ ٺيڪ ٿي آهي.

(٣) جنهن کي هٿ پير سڀ آهن، جنهن کي اکيون ۽ مکہ سڀ آهن، اهو هر وقت سنسار ۾ وچڙندي هوندي

۽ سنسار کان الڳ رهي انهين سمجهي ٿو تہ سڀ ۾ ايشور وياپي رهي ٿو.

(٤) سروگيہ، آنند سروپ، جڳت جو نيتا، سوکيم ۾ سوکيم. سڄي جڳت جو آڌار ڌارڻ پالڻ وارو اچنتيہ روپ سورج سمان پرڪاشوان، اگيان کان رهت اهڙو جو پرشوتم ڀڳوان آهي، انهيءَ جو جيڪو سمرڻ ڪري ٿو اهو انهيءَ کي پراپت ڪري ٿو.

(٥) جنهن جا ويد پن آهن. اهڙو جو سنسار روپي پپل جو وڻ آهي جنهن جي پاڙ ستيہ لوڪ ۾ آهي ۽ ان جون شاخون مرتيو لوڪ ۾ آهن. انهين ويدن ڇيو آهي. جو انهيءَ ڳالهہ کي ڄاڻي ٿو سوئي سچ پچ ويدن کي ڄاڻي ٿو.

(٦) سڀني جي هردن اندر مان ئي وسي رهيو آهيان ۽ منهنجي ئي معرفت سڀني کي سمرتي، گيان ۽ وچار اتپن ٿئي ٿو. سڀني ويدن دوارا ان ئي ڄاڻڻ جوڳيہ آهيان ويدن جي ڄاڻڻ وارو بہ مان ئي آهيان.

(٧) انهيءَ ڪري من جي ورتي مون ۾ لڳاءِ منهنجو ئي شيوڪ يعني پوڄا ڪرڻ وارو ٿيءُ. مون کي ئي نمسڪار ڪر. اهڙيءَ طرح من، واڻي ۽ ڪرم سميت پنهنجي من جي ورتي مون ۾ لڳائي (يعني ايڪا گرچت ٿي) مون کي پراپت ڪر (يعني مون سان اچي مل).

اِت شري ست سلوڪي گيتا سماپت ٿي

آرتي شريمد ڀڳوت گيتا جي

١- جئي گيتا ماتا - ديوي جئي گيتا ماتا
جئي جئي آد ڀوائي - شڀ ڦل جي داتا - جئي.......

٢- سري ڪرشن جي مک جي - تون سندرواڻي
ارجن ٿي ڀو پرسن - ڀول ڀڳي ڀاڻي - جئي.......

٣- سري نارائڻ مک سان - گڻ تنهنجا ڳاتا
لڇميءَ سروڻ ڪيتا - تنهن ٻه ڦل پاتا - جئي.......

٤- اڌياءَ ١٨ پورا - ڀڳتيءَ جا پاري
جيون مڪتي ڀاڻن - پرميشور پيارو - جئي.......

٥- ارجن جڏهن ڀڏ ۾ - ڇڏي ڌرم ڪان ٿيو
آتم گيان جو ان کي - تو اپديش ڪيو - جئي.......

٦- آتما امر اگوچر - ٻاهر نٿي ساڙي
لتا ڀراڻا لاهي - ديهه وان ڌاري - جئي.......

٧- جڏهن ڌرم ڌو جڳ ۾ - ناس ٿئي سارو
ڌرم جي رکيا ڪارڻ - وٺي ايشور او تارو - جئي.......

٨- ماتا سڀ جي آهين - شرڻ وٺو ڪنهن جي
تو بن ٻيو نه ڏسون ٿا - آس ڪريون جنهن جي - جئي.......

٩- ڀيڙ ڀڃي ڀڳتن تي - تون ٿئين مڪداڻي
تو وٽ دولت ڌن جي - ڪمي ناهي ڪائي - جئي.......

١٠- ڪرشن ديو سان جيڪو گيالهاڻي چاهي -
مانش ڀاڻ ڪري نت - موڪش گتي پائي - جئي.......

Soorih Mirani

آرتي جئہ جڳديش هري

[١] اوم جئہ جڳديش هري — ٻتا جئہ جڳديش هري
ڀڳت جنو ڪي سنڪٽ — ڇڻ ۾ دور ڪري

[٢] جو ڌياوي ڦل پاوي — دک بنسي من ڪا
سک سمپت گهر آوي — پاپ مٽي تن ڪا

[٣] مات پتا تم ميري — شرڻ گهون ڪسڪي
تم بن اور نہ دوجا — آش ڪرون جسڪي

[۴] تم پورن پرماتم — تم انترجامي
پار برهم پرميشور — تم سڀڪي سوامي

[٥] تم ڪرنا ڪي ساگر — تم پالن ڪرتا
مين مورک کل ڪامي — ڪرپا ڪرو ڀرتا

[٦] تم هو ايڪ اگوچر — سڀڪي پران پتي
ڪس ٻڌ ملون گسائين — تمڪو مين ڪمتي

[٧] دين بنڌو دک هرتا — رکشڪ تم ميري
اپني هاٿ بڙهائو — دوار پڙا تيري

[٨] وشيہ وڪار مٽائو — پاپ هرو ديوا
شرڌا ڀڳتي بڙهائو — سنتن ڪي سيوا.

Soorih Mirani

خوشخبري

اسان وٽ هر قسم جا ڌرمي پستڪ جهڙوڪ سنڌي ۾:- شريمد ڀڳونت گيتا، شري رامائڻ ٻال مهاڀارت، روپ - بسنت، نل دمينتي، ميران ٻائي، رشي والميڪ، راما پير اوتـار، راجا هريشچندر، ڪيلاش پتي ۽ ماتا پاروتي ۽ جي مهر، ستي ساوتري، آشاپورن، سکمڻي ارٿ سـان، سندر پنچاولـي، ڪٿا ويساک، گيارس مهاتـم ڪارڪت مهاتم، مانگهه مهاتم، پرشوتم مهاتم، گوپيچند ميراونتي، سماج شڪوڪ، شو هنومان چاليهو، ڪٿا پندرهن ديوتا، ڪٿا ست نارائڻ، ڪٿا وسپت ۽ آرتوار ديوتا، ڪٿا منگل ۽ گڻيش ديوتا، ڪٿا ڇنڇر ديوتا، ڪٿا شڪر (سنتوشي ماتا) ڪٿا سومر شو ڀڳوان.

ان کان سواءِ گرمکي ۽ هندي ۾ پستڪ، ڌرمي تصويرون، سندر ٽيپڻو، ڏياري ڪارڊ، ڪئمرا جا فوٽو وغيره پڻ ملي سگهندا.

وڏي لسٽ مفت گهرايو.

ڇپائيندڙ:-

سندر شيوا منڊلي

کوٽڙي ضلع دادو سنڌ

"ماڻهو ۽ ماڻهپو"

- گل ۾ ٣ گڻ آهن: (١) سوڀيا (٢) ڪوملتا (٣) سڳنڌي.
اي اِنساني گل! تون به ڌيرج، ٻولي ۽ اثر سک.

- جي تنهنجا دوست تنهنجي ڳالهين کي ٻڌي خوش ٿيا ته ڪهڙي وڏي ڳالهه ٿي؟ جڏهن تنهنجي ڳالهه تنهنجي دشمن کي خوش ڪري، تڏهن ڄاڻجي ته توکي ڳالهائڻ جو ڍنگ آهي.

- بدن جو هرهڪ حواس، اَملهه رتن کان به مهانگو آهي. جڏهن ته وقت اهو خزانو آهي تڏهن ڪوڪر ڇاجي ٿو ڪرين؟

- دنيا جي درياه ۾ ڪک پن وانگر هلڪو ٿي گذار ته ٻڏڻ جو خوف نه ٿيئي. جو پٿر وانگر ڳرو ٿيو سو يڪدم ٻڏي ٿو.

- جڏهن اِنسان پاڻ کي ڪجهه به نه سمجهيو آهي ان جو گڻن وارو خزانو سدائين ڀرپور رهي ٿو.

- شڪل سهڻي ڇا ڪبي؟ دل جي صفائي آهي سچي سونهن.

سنيل پنواڻي

سورهه سنڌي ادب

Soorih Sindhi Adab

صاحب خان "سورهه" ميرائي

Cell No: 0344 3919786

0300 3404488